# تذکرہ مشاہیر سندھ

Marfat.com

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

Marfat.com

LIBRARY.
Muhammad Iqbal Mujaddidi
LAHORE.
997
26/12/75

# تذڪرہ مشاهير سنڌ

تاليف

مولانا دين محمد وفائي مرحوم

مقدمو ۽ حاشيا

سيد حسام الدين راشدي

سنڌي ادبي بورڊ ـ حيدر آباد

١٩٧٤ع

Marfat.com

ڇهريون ڇاپو سال ۱۹۷۴ع تعداد ۱۰۰۰

(سنڌي ادبي بورڊ جا حق واسطا قائم)

12946 5

قيمت: ويهه رپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
حيدرآباد سنڌ، پاڪستان.

مسٽر علي نواز وفائي، وفائي پرنٽنگ پريس، پاڪستان چوڪ ڪراچيءَ ۾ ڇپيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ مسٽر غلام ربانيءَ ان کي شايع ڪيو.

Marfat.com

## فهرست


مهاڳ .... سيد حسام الدين راشدي

### الف

١- ابراهيم بکري، سيد ... ۴٦
٢- ابراهيم ٺٽوي، قاضي ... ١٣٧
٣- ابراهيم بن عمر سنڌي، شيخ ... ٧۴
۴- ابراهيم ڪلهوڙو سنڌي، شيخ ... ٧۴
٥- ابراهيم سنڌي (شطاري) قاري ... ٧٥
٦- ابو اسحاق ابراهيم سنڌي موصلي ... ٢٣
٧- ابوبڪر سنڌي ... ٦٩
٨- ابوبڪر هالائي، مخدوم ... ١١٦
٩- ابو حنيفه بکري، قاضي ... ٢٥
١٠- ابو عبدالمالڪ محدث سنڌي ... ٢١
١١- ابو علي سنڌي ... ٢١
١٢- ابو محمد سالم سنڌي، حافظ ... ١٩
١٣- ابو محشر سنڌي ... ١٢
١۴- ابو نصر بن عبدالله سنڌي ... ٧٧
١٥- ابوالبقا بکري، مير ... ٧٣
١٦- ابوالبقا ٺٽوي، ملا ... ١١٥
١٧- ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ... ١٢۴
١٨- ابوالحسن ڏاهري، مخدوم ... ١١٩
١٩- ابوالعطا سنڌي ... ٧٨
٢٠- ابوالفتح ٺٽوي ... ١٣٠
٢١- ابوالفضل بن طاهر ٺٽوي ... ١١۴
٢٢- ابوالقاسم امير خان ٺٽوي، مير ... ١٣٨


Marfat.com

| | | |
|---|---|---|
| ٢٣- | ابوالقاسم نثوي ، مخدوم ... | ١٣٢ |
| ٢٤- | ابوالقاسم خان زمان نثوي ، مير ... | ١٣٨ |
| ٢٥- | ابوالقاسم سلطان نثوي ، مير ... | ١٥٢ |
| ٢٦- | ابوالقاسم شڪر الاهي نثوي ، سيد ... | ١٢٦ |
| ٢٧- | ابوالقاسم نمڪين هروي بکري ، مير ... | ١٤٣ |
| ٢٨- | ابوالمڪارم شهود نثوي ، مير ... | ١٣٤ |
| ٢٩- | احمد بخاري بکري ، سيد ... | ٢٥ |
| ٣٠- | احمد بکري ، بابا ... | ٦٨ |
| ٣١- | احمد نثوي ، ملا ... | ١١٢ |
| ٣٢- | احمد ڪتابي نثوي ، مخدوم ... | ١١٥ |
| ٣٣- | احمد ملوي ، حاجي ... | ١٧٧ |
| ٣٤- | احمد هالائي ، مخدوم ... | ٧١ |
| ٣٥- | اسدالله بکري ، مير ... | ١١٧ |
| ٣٦- | اسحاق بکري ، ملا ... | ١٤٢ |
| ٣٧- | اسحاق سنڌي قلندر پاتائي ... | ١٠٦ |
| ٣٨- | اسماعيل سومرو ، مخدوم ... | ٧٠ |
| ٣٩- | امام اوزاعي ... | ١٧ |
| ٤٠- | امام الدين راشدي ، حاجي ... | ١٧٦ |
| ٤١- | امام الدين مجددي شڪارپوري ، خواجه ... | ١٦٨ |
| ٤٢- | امين الدين خان حسين نثوي ، مير ... | ١٢٨ |
| ٤٣- | امين محمد ثاني هالائي ، مخدوم ... | ١٧٤ |
| ٤٤- | آدم شاه سکري ، ميان ... | ١٠٧ |


ب


| | | |
|---|---|---|
| ٤٥- | بلال باغباني ، مخدوم ... | ٦٣ |
| ٤٦- | بلبل ، شمس الدين ... | ١٩٦ |


Marfat.com

٣٧- برهان‌الدين بکري، مولانا ... ٢٨
٣٨- بيکس، روهڙائي، محمد محسن ... ٢٤٠

ج

٤٩- جلال‌الدين ٺٽوي، مولانا ... ٣٦
٥٠- جمال خاتون، بي بي ... ٦٢

ح

٥١- حسن حيدر آبادي، مولوي ... ٢٤٥
٥٢- حسن‌الله پاٽائي، صديقي، مخدوم ... ١٨٧
٥٣- حسين، اصفهاني شهيد، سيد ... ١
٥٤- حسين علي خان ٽالپر، مير ... ١٧٦
٥٥- حزب‌الله شاهه راشدي ... ١٨٢
٥٦- حميد درٻيلي، شيخ ... ٨٤

خ

٥٧- خضر سيوستاني، شيخ ... ٦٠

د

٥٨- درويش بابو سنڌي ... ٦٧
٥٩- دين محمد صديقي سيوستاني، مخدوم ... ٨٦

ڊ

٦٠- ڊيان سنڌي ... ٨٥

ر

٦١- رحمت‌الله درٻيلي، شيخ ... ٨٢
٦٢- روح‌الله بکري، مخدوم ... ٨٧
٦٣- رستم علي بکري رامپوري، مولوي سيد ... ١٩٠

س

٦٤- ساهڙ لنجار انڙپوري، مخدوم ... ١٤٢

Marfat.com

ش

٦٥- شهاب‌الدين سهروردي پاٽائي ... ٣٥

٦٦- شهاب‌الدين واصل سنڌي، مخدوم ... ٥٦

ص

٦٧- صاحبڏنو شڪارپوري، آخوند ... ١٩٩

٦٨- صوبدار خان ٽالپر، مير ... ١٩٣

٦٩- صدرالدين بکري ... ٢٨

ط

٧٠- طاهر بن يوسف پاٽائي، محدث ... ١٠٢

٧١- طيب ٺٽوي، شيخ ... ٩١

٧٢- طيب سنڌي پاٽائي، شيخ ... ٩١

ظ

٧٣- ظهيرالدين بکري، مولانا ... ٣٢

ع

٧٤- عبدالله بنگلديرائي، مولوي ... ٢٨٦

٧٥- عبدالله ٽپٽائي، مولوي ... ٢٨١

٧٦- عبدالله ڪبير پاٽائي، مفتي ... ١٥٦

٧٧- عبدالله بن قاضي ابراهيم، درٻيلي ... ٩٩

٧٨- عبدالله متقي درٻيلي، محدث ... ١٠١

٧٩- عبدالرحمان سکري، مولوي ... ٢٢٥

٨٠- عبدالرحمان سنڌي، سيد ... ٢١٧

٨١- عبدالرحمان نئي آبادي، مولوي ... ٢٢٢

٨٢- عبدالرحيم مجددي، آغا ... ٢٢٦

٨٣- عبدالغفور همايوني، مولانا ... ٢٣٩

٨٤- عبدالواحد (قاضي محمد احسان) سيوستاني ٢٠٣


Marfat.com

٨٥- عبدالواحد بوبڪائي ، مولوي ... ٢٨١

٨٦- عثمان بوبڪائي ، حڪيم ... ٥٧

٨٧- عثمان لاڙڪائي ، فقير ... ٢١٥

٨٨- عثمان متعلوي ، مخدوم ... ٢٠٠

٨٩- علي بن محمد بکري ، سيد ... ٢٩

٩٠- علي محمد فقير ، قاضي ... ٢٢٣

ف

٩١- فصيح‌الدين لاهري ، قاضي ... ٣١

٩٢- فريد بکري ، شيخ ... ٩٥

ق

٩٣- قائم سنڌي پاٽائي ، شيخ ... ٩٣

٩٤- قائم شڪارپوري ، حاجي ... ١٥٧

٩٥- قليچ بيگ ، مرزا ... ٢٣٦

م

٩٦- مبارڪ پاٽائي ، شيخ ... ٤٠

٩٧- محمد اشرف ڪامارو ، پير ... ٥

٩٨- محمد ٺٽوي ، علامي ... ٤٤

٩٩- محمد چشتي بکري ، خواجه، سيد ... ٥٦

١٠٠- محمد رضائي سنڌي ... ١٠٩

١٠١- محمد سنڌي ، تاج‌العاشقين ... ٥٥

١٠٢- محمد سيوستاني ، مخدوم ... ٢٥٢

١٠٣- محمد شريف راڻيپوري ... ١٦٥

١٠٤- محمد صديق سيتائي ، مولوي ... ٢٨٠

١٠٥- محمد عارف سيوستاني ، مخدوم ... ٢١٣

١٠٦- محمد عارف شڪارپوري ... ٢١٤


Marfat.com

١٠٧- محمد فاضل سنڌي ... ١٥٧
١٠٨ محمد قاسم ڳڙهي ياسيني ، مولوي ... ٢٨٣
١٠٩- محمد معين ٺٽوي ، علامہ ... ١٥٨
١١٠- محمد، ميان مير ، سوستاني ، ... ٤٨
١١١- محمد هالائي ، مولوي الحاج ... ٢٦٩
١١٢- محمد هاشم ڳڙهي ياسيني ، مولوي ... ٢٧٣
١١٣- محمد ياسين راشدي ، پير جهنڊي وارو ... ٢٦٦
١١٤- محمد يعقوب همايوني ، خليفو ... ٢١١
١١٥- مصري شاهہ نصرپوري ... ٢٢٩
١١٦- مظهرالدين راشدي، ابوالبقا، پير ... ٢٤٧
١١٧- موسيٰ احمدائي ، شيخ ... ٢٨
١١٨- ميران محمد شاهہ ٺکڙائي ، سيد ... ٢٤١

ن

١١٩- نظام‌الدين مجددي شڪارپوري، خواجہ ... ٢٥٦
١٢٠- نصيرالدين نوشهرائي ... ٢٧٦

و

١٢١- وجيهہ سنڌي ، ميان ... ٣٧
١٢٢- وهيو چانيہ، مخدوم ... ٣٨

ه

١٢٣- هدايت‌الله شاهہ راشدي ، ٺلائي، پير ... ٢٨٢

ي

١٢٤- يوسف نانڪ ... ٢٧٩


## انڊيڪس


نالن جي فهرست .... .... ١–٤١
قبيلن جي فهرست .... .... ٤٢
ڪتابن جي فهرست .... .... ٤٣–٥٣
شهر ۽ ڳوٺ .... .... ٥٤–٦٠
مدرسا ۽ ادارا .... .... ٦١
مصادر .... .... ٦٢–٦٣


Marfat.com

متعلق هن وقت اسين هزارين قدم اڳتي وڌي چڪا آهيون، ۽ ايتري تحقيقات ٿي چڪي آهي جو خود انهن بزرگن متعلق نئون ۽ وافر مواد موجود ٿي ويو آهي، مثلا:

١) برهانپور جي سنڌي بزرگن متعلق "برهان پور کے سندهي اولياء" ۾ ڪامل سوانحي مواد گڏ ٿي ويو آهي.

٢) ابوالقاسم نمڪين ۽ انجي خاندان متعلق "تذڪره اميرخاني" هڪ مڪمل ڪتاب آهي.

٣) ابوالقاسم خان زمان ۽ سندس خاندان لاءِ "چنيسر" نامہ جو مقدمو ڪتبن ۽ تاريخ جي لحاظ سان مڪمل مواد جو حامل آهي.

٤) ارغونن ۽ ترخانن ۽ مغل حاڪمن لاءِ "تحفة الڪرام" جي راقم الحروف واري ايڊيشن، "مڪلي نامون" — "روضة السلاطين" — "ميرزا غازي ترخان اور اسکی بزم ادب" وغيره ڪتابن ۾ مڪمل ترين معلومات موجود آهي.

٥) اهڙيءَ طرح سنڌي ادبي بورڊ پيا جيڪي عربي ڪتاب، فارسي ديوان ۽ تذڪرا شايع ڪيا آهن، انهن جا مقدما ۽ متن تحقيق، تفصيل ۽ تاريخي لحاظ کان ڪافي ۽ شافي آهن.

گويا مولانا صاحب جن جيڪو سوانحي اجمال جمع ڪيو، مٿين ڪتابن ۾ انجو تفصيل موجود آهن.

تذڪري کي جڏهن مون ڇاپڻ لاءِ هٿ ۾ کنيو تہ ڪيئي ڏينهن سوچڻ ۾ لڳي ويا، ڪتاب ۾ حاشين جي صورت ۾ اضافا ڪجن يا نہ؟ جيڪڏهن ڪجن تہ اهي ڪيتريءَ حد تائين تفصيلي هجن؟ نيٺ پنهنجي وقت ۽ سيڙپ کي نظر ۾ رکندي مون فيصلو ڪيو تہ:

١) ڪتاب جي ترتيب اها ئي رکجي جيڪا مسودي ۾ آهي.

٢) تمام مختصر ۽ ضروري حاشيا لکجن احوال ۾ اضافا نہ ڪجن.

Marfat.com

رهيل مواد جي شايع ڪرڻ جي سعادت منهنجي زندگي منهنجو نصيب ڪندي يا نه! بهرحال جيئن رب ڪريم گهريو تيئن ٿي ٿيندو.

آخر ۾ آءٌ عزيزم علي نواز وفائيءَ جو ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي ٿي پريس ۾ پنهنجي والد جو هي ڪتاب ڇاپيو ۽ ادبي بورڊ وارن کي جس آهي جو هنن ڪتاب جي ڇاپي جي منظوري ڏني. پڇاڙيءَ ۾ شڪايت نه پر حڪايت طور فقط هيترو عرض ڪندس ته جيڪڏهن وفائي صاحب پنهنجي روايتي رفتار سان هي ڪم ڪري ها ته اج تائين سمورو تذڪرو ڇپجي وڃي ها، پر پنهنجن سان ڪهڙا ليکا ڪيا.

حسام الدين راشدي

ڪراچي ١١-٨-١٩٦٤ع

Marfat.com

Marfat.com

متن

تذکرهٔ مشاهیر سند

LIBRARY,
Muhammad Iqbal Mujaddidi
LAHORE.

Marfat.com

Marfat.com

# ١- سيد حسين اصفهاني شهيد

سيد حسين اصفهاني ’خالص‘ تخلص هڪ وڏو شاعر ۽ حج جي ارادي سان پنهنجي وطن مان نڪري واپسيءَ ۾ هندستان اچي پهتو. اهو زمانو محي‌الدين اورنگزيب عالمگير جي قدرشناسي ۽ علم نوازيءَ جو هو، سيد صاحب سنڌ مان لنگهي بادشاه جي خدمت ۾ دکن وڃي پهتو، بادشاه سندس قابليت ۽ علمي لياقت تي موهجي پيو، شروع ۾ دربار ۾ ملازم مقرر ٿيو مگر پوءِ ستت ئي پاڻنا جو ڪمشنر١ مقرر ڪيو ويو ۽ ’امتياز خان‘ جي لقب سان دربار شاهيءَ مان سرفراز ٿيو. شاه صاحب پاڻنا ۾ ملازمت ڪندي تمام گهڻي دولت ۽ مال جمع ڪيو ۽ گهرو ساز و سامان بي شمار گڏ ڪيائين.

بادشاه جي وفات کان پوءِ هو هندستان کان دل برداشته ٿي پيو ۽ اورنگزيب جي فرزند شاه عالم جي ايام حڪومت ۾ ايران ڏانهن واپس ٿيڻ جي اِرادي سان اسان جي سنڌڙي واري بکر ۾ اچي منزل ڪيائين جتي علامه مير عبدالجليل بلگرامي، جو پنهنجي وقت جو وڏي ۾ وڏو عالم، شاعر ۽ فاضل (هو) صوبه بکر جي انتظام لاءِ سرڪاري طرح واقعات نويسي جي وڏي عهدي تي ممتاز هو. سيد صاحب جون علامه سان ملاقاتيون ٿيون ۽ ڪيترا ڏينهن گڏجي گهاريائون.

سنڌ جي هيٺين پاڱي ۾ ميان نور محمد٢ عرف خدايار خان ڪلهوڙي جو راڄ هو جو دهلي وارن کي ڪجهه ڍل ادا ڪري آرام سان وقت گذاري رهيو هو. هن کي ڪن جاسوسن ٻڌايو ته: بکر ۾ هڪ سيد مسافر پهتو آهي جو ايران جي ارادي سان سنڌ مان لنگهي وڃي ٿو.

---

١- عظيم آباد (پٽنه) جو ديوان. ڏسو شمع انجمن ص ١٤١.
٢- ميان يار محمد (متوفي ١١٣٠ھ) حاڪم هو.

Marfat.com

وٽس لکين روڪ رپيا ۽ لکن جو سون ۽ بي نظير جواهر ۽ ڪمخواب جا ڪپڙا ۽ ٻيو بي شمار مال آهي. زر ۽ جواهرات جو اهو احوال ٻڌي ميان نورمحمد(؟) جو وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو، ڏاڍي لالچ پيدا ٿيس ۽ لوڀ اچي لڳس ته ڪيئن به ڪري اهو خزانو ۽ مال اسباب هٿ ڪجي. ميان صاحب انهن رٿن ۾ هو ته ڪن ماڻهن اهو سمورو احوال وڃي علامه عبدالجليل کي ٻڌايو. علامه مرحوم سيد حسين صفاهاني کي اڳيتي وڏڻ کان منع ڪئي ۽ مٿس زور آندو ته اتان يا ته واپس وڃي يا وري ٻئي رستي کان وطن جو رخ رکي. پر سيد صاحب هڪ به نه ٻڌي، سر تريءَ تي رکي موت جي ميدان ڏانهن وڌيو. جڏهن سيوهڻ ۾ پهتو تڏهن ميان يارمحمد خدا يار خان ڪلهوڙي جا موڪليل ڏاڙيل به قضا قدر وانگي پهچي ويا، هڪ رات وجهه وٺي هن مسافر مظلوم سادات کي شهيد ڪري سمورو مال اسباب ڪٺي رمندا رهيا.

اهو دردناڪ حادثو سال ١١٢٢ھ ۾ ٿي گذريو. علامه عبدالجليل مرحوم سندس شهادت جي تاريخ هيٺين فقره مان ڪڍي آهي:

آه! آه! امتياز خان ١

١١٢٢ھ

سيد صاحب جو هڪ ديوان٢ ۽ ٻيا ڪيترا شعر آهن. مير قانع ٺٽوي 'مقالات الشعرا' ٣ ۾ هن جا ڪيترا شعر نقل ڪيا آهن. نواب سيد صديق حسن خان محدث پنهنجي فارسي 'ڪچڪول' ۾ هن جو هڪ نظم دنيا جي مختلف ماڻهن جي حالات ۽ ارادن بابت نقل ڪيو آهي.

١- ڏسو سرو آزاد ص ١٣٩ اهو الزام غلط آهي ميان يارمحمد جي پنهنجي لکت پڙهو- تاريخ ڪلهوڙا اڙدو ج ١ ص ٣٠٨ بحواله نورس بهار.

٢- مختصر ديوان - ڪلمات الشعرا ص ٣٤. ديوان جا نسخا بانڪي پور، انڊيا آفيس ۽ برلين ۾ آهن.

٣- ڏسو مقالات ص ١٨٨ - ١٩٣.

Marfat.com

سندس معتقد ۽ مطيع بڻجي ويا. ۽ خاص طرح رياست بهاولپور ۾ نواب صادق محمد خان اول سندس نالي ۾ هڪ جاگير بہ مقرر ڪئي جا اڄ تائين زمينداريءَ جي صورت ۾ موضع گلو پير واري جي نالي سان مشهور آهي ۽ سندس پوين جي سنڀال ۾ آهي. انهيءَ بار بار سفر ڪري پرچونديءَ واري حافظ صاحب محمد صديق عليہ الرحمتہ ۽ جناب پير صاحب پاڳاري جي خاندان سان بہ دوستانہ تعلقات قائم ٿي ويا.

پير محمد اشرف صاحب جي حياتي ۾ سندس بي نظير صبر ۽ بي مثال عارفانہ تحمّل جو هڪ اهڙو واقعہ ٿي گذريو آهي جو سندس ڪماليت تي پوري دلالت ڪري ٿو. راڄي خاناڻي جي ڳوٺ ۾ ڏينهن ڏٺي سندس نوجوان فرزند صالح ۽ نيڪ بخت کي قريشي قوم جي ڪن پيرن بي گناه نهايت بيدرديءَ سان شهيد ڪري ڇڏيو. هڪ زبردست واقعہ ٿي گذريو ۽ يقين هو تہ ٽالپرن جي راڄ سبب خون جو پوري انصاف سان تدارڪ ٿيندو ۽ پير صاحب هو بہ وڏي هلندي وارو. پر جڏهن سندس فرزند جا قاتل اچي سندس پيش پيا ۽ معافي ورتائون تہ هڪدم معاف ڪري ڇڏيائون. اِنهيءَ سموري واقعہ کي جناب خليفہ گل محمد هالائي هيٺين ريت فارسي زبان ۾ منظوم ڪيو آهي:

او غلام غوث آل حضرت غوث زمان
ابن صالح پیر اشرف (شاه) آن قطب جهان
بود آن نو باوهٔ بستان معنی دلکشا
پس پذیر آور قلوب خلق چون در جسم جان
رشک می بردند بر وی دشمنان اهل قریش
از حسد واز بغض طینت بود کایشان را نهان
روز عید انور میان شهر راجه تالپر
بعض حال حاسدان در گفتگو گشته عیان
اندر آن روز آن جوان چون شد برون از شهر او
... ... ... ...

Marfat.com

در جواری شهر بر آن دوست حق باران تیغ
در رسیده از قضای آسمانی ناگهان
چون امام پاک حضرت سید شهداء حسین
کشته شد آن بیگنه از دست ظلم ظالمان
بین کرم ابش، که چون بر قتل اعداء دست یافت
عفو کرد از بهر حق خون ذبیح بی گمان
ای خوشا پسر (جوان) کو شد شهید بیگنه
شد بشهدا در ریاض جنت رحمان چمان
ای خوشا منصب پدر کو بر رضا مشکور ماند
در اجر اعلی عفو اصلح بدست آورد آن (؟)
جستم از دل ماہیت سال شہادت وی که چونست ؟
گفت هاتف : کای شهید کربلا مقتول دان ۱
۱۲۵۴ھ

انهي حادثہ تي صبر ڪندي ھن بزرگ هيٺئين ڪلام ۾ پنھنجو حال اوريو آهي جنهن مان سندس صبر ۽ تحمّل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو :

۱) مچ عاشق تون برسر جيڪا رب جي رضا،
ٿي شاڪر ڪر شڪر، جا ٻٽي سا ٻٽي،
سا سيوڻي حق، جا واحد ڪي وٽي،
ره سدائين خوشتر ماڻ صبر جا مزا.

۲) جا ٿيٽي سا ٿيندي جي ڪلمن جي روئين،
محبوبن ڪي معلوم، چا چھو ٿو چوين،
ڪير ٽيري ڪنھنس جا قادر جي قضا.

۳) انڪ اصل کان لکيو پارڻ بوء پيو،
ڪوه ڪجين ٿو، ڪيرين ڏيد ڏوه ڏيو،
درد گھٽ دل اندر سڪ جي لھنڊوُن سزا.

---

۱- سال ۱۲۳۴ نکري ٿو.

Marfat.com

٤) اشرف روز ازل کان ٿيو جف‌القلم،
ٿي رضا تي راضي قابو ڪوڙي قدم،
آڳو پاڻ اپر ڏيندئي خير جزا.

هن ڪلام ۾ رضا تي راضي رهڻ ۽ پاڻ‌کي داجاءِ ڏيڻ جو جيڪو فلسفو بيان ڪيو ويو آهي ان کان وڌيڪ بيان ڪري نٿو سگهجي. سنڌي زبان ۾ جنهن خوبي ۽ جنهن فصاحت سان رضا بقضا جو مختصر لفظن ۾ بيان ٿيل آهي سو هڪ ذوق سليم وارو ماڻهوئي سمجهي سگهيٿو. سڀ کان وڌيڪ هن ڳالهه تي روشني پوي ٿي ته سنڌ ۾ هڪ سو ورهه اڳ ڪهڙي سنڌي ڳالهائي ۽ نظم ۾ آندي ويندي هئي.

پير محمد اشرف صاحب هڪ چڱو شاعر هو، سندس رسالو١٩١٤ع ۾ جناب حضرت حاجي پير خان محمد صاحب قريشي خانقاه ڪامارو شريف جي اهتمام سان ڇپجي چڪو آهي. توحيد جي مدير، اصل قلمي نسخو پير صاحب مرحوم جي دستخط(وارو) بہ نظر مان ڪڍيو آهي. ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ آهي. ڏوهڙا، مولود ۽ ڪافيون ۽ مداحون ۽ ٻين قسمن جو ڪلام آهي. يعني ته جيئن سنڌ ۾ جهوني زماني ۾ شاعريءَ جو رواج هو ان جا سمورا صنف پير صاحب جي ڪلام ۾ موجود آهن. گهڻن جاين تي شاه ڀٽائي وانگي وحدت وجود جو ذڪر آيل آهي ۽ ان سان گڏ غير خدا کي ندا ڪرڻ جي مضمون جا بہ شعر آهن جن جي تاويل اسان وٽ اصل ڪانہ آهي. انهن حقيقتن کان چشم پوشي ڪندي هن اقرار کان رهي نٿو سگهجي تہ پير صاحب جو ڪلام سنڌي زبان جو خزانو آهي ۽ سنڌي جي ساخت جنهن سنگ بنياد تي رکي وئي آهي تنهن ۾ پير صاحب جي ڪلام کي حصدار چئجي تہ ان ۾ ڪو مبالغو ڪونہ ٿيندو. سندس ڪلام درگاه جي سون مريدن کي ياد آهي جو خصوصاً سندس عرس جي موقعہ تي بنا سرود جي

Marfat.com

ان ڪانپوءِ مسجد کي ڪاشي ۽ نقاشي جي ڪم سان مزين ڪرڻ ۽ هڪ هال وڌائڻ جو ڪم پير حاجي جان محمد مرحوم ڪرايو جو ١٣٢٤ هجري ۾ ختم ٿيو. مسجد تي ڪاشيءَ جو ايڏو بي نظير ڪم ٿيل آهي جو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سموري سنڌ ۾ انجو مثال ڪونہ ملندو.

مسجد هڪ تمام وڏي صحن تي اڏيل آهي ۽ ڏه در، ڏه حوض وضوءِ ڪرڻ لاءِ موجود آهن ۽ گهڻو ڪري پورن وقتن تي نماز باجماعت ٿيندي رهي ٿي جنهن نعمت کان عموماً پيرن درگاهون محروم آهن. هي درگاه صوفيانہ بدعات ۽ پيرن واري رسومات کان بلڪل پاڪ آهي. هاڻوڪو پير صاحب جناب حاجي خان محمد پيري مريدي کان گهڻو ڪري بالاتر رهي پنهنجي دست بازو جي پورهئي تي قناعت ڪري سنڌ جي پيرن لاءِ هڪ قابل عمل مثال قائم ڪيو آهي. الله تعاليٰ سندس عمر ۾ برڪت ڪري ۽ سندس اولاد کي صلاحيت بخشي. حقيقت ۾ اهڙن ماڻهن جو وجود سنڌ ۾ هڪ غنيمت آهي.

## ٣. ابو معشر سنڌي

ابو معشر نجيح بن عبدالرحمٰن ٻي صدي هجري جي مشهور حديث جي راوين مان آهي، پنهنجي وطن سنڌ جي نسبت ڪري 'السندي' ۽ جاءِ قيام جي ڪري 'مدني' سڏجي ٿو، ۽ ڪنهن جنگ ۾ گرفتار ٿي حجاز آيو هيو ۽ اتي وڪيو ويو. ڪيس ام موسيٰ بنت منصور خريد ڪيو ۽ پوءِ بنو هاشم جي ميراث ۾ آيو، جنهن کان پوءِ ڪجهہ عرصہ گذرڻ بعد نيم آزاد ٿيو ۽ بنو مخزوم جو شرطي آزاد بڻيو، جنهن کان پوءِ مقرر رقم ادا ڪري آزاد ٿيو.

ابو معشر جنهن بہ خاندان ۾ رهيو اتي علم جي تحصيل ڪندو

Marfat.com

سندس شاگردن ۾ بہ جليل‌القدر علمائن ۽ امامن جا نـالا اچن ٿا :
چنانچہ محمد بن ابي معشر، عبدالرزاق ، ابـو نعيم ، محمد بن بڪـار، منصور بن ابي مزاحم ، ليث بن سعـد ، عبدالله بن ادريس ، هشيم ، ابن مهدي‌اِ، ابو نصر هاشم بن قاسم ، وڪيع ، ابن منصور ، عاصم بن علي ، ابوربيع زهـراني . ۽ فن حديث ۽ فقہ جي مشهور امام سفيان ثـوري سميت سندس شاگردن مان هوا.

ائمہ فن سندس علمي مرتبہ جو اعتراف ڪيو آهي، اگرچہ حافظہ جي ڪجھہ قدر ڪمزوريءَ ڪري محتاط محدثن سندس روايتن وٺڻ ۾ احتياط ڪيو آهي ، مگـر اهو بہ چيو ويو آهي تہ اها حـالت ڪبس پڇاڙي عمر ۾ ٿي هئي. علامہ ذهبي ان لاءِ چوي ٿو :

’هو پنهنجي حافظ جـي ڪمزوريءَ هوندي بـہ علم جو مخزن هو ،

امام احمد بن حنبل فرمائي ٿو :

’فن مغازي ۾ بصيرت رکندو هو ، سچو هو ، پر سلسلہ اسناد (سندن جو سلسلو) ياد رکي نہ سگهندو هو‘

خطيب بغداديءَ جو چوڻ آهي:

’فن مغازيءَ جي وڏن واقف ڪارن مان هو‘

ابو معشر سنڌيءَ جو ايتري علم فضل هوندي بہ تلفظ درست نہ ٿيو هو ۽ انجي تلفظ مان سندن قديم وطن جي يـاد تازي ٿينـدي هئي.

ابو نعيم چوي ٿو:

’ابـو معشر سنـڌي هـو ۽ انجـي عـربي لفظـن جو تلفظ صحيح نہ هيو، جئن تہ هو ’حدثنا محمد قعب‘ چوندو هو تہ قعب مان مراد ڪعب ٿيندي هئي‘

اهـو جـليل‌القـدر نـو مسلم سنـڌي عالـم پنهنجـي حافـظہ جـي

Marfat.com

اڻم فن جون وڏيون وڏيون روايتون موجود آهن. ابن مهدي چوي ٿو:

’ حديث جا چار امام آهن، اوزاعي، مالڪ ، ثوري ۽ حماد بن زيد. شام ۾ سنت جي سمجهڻ وارو اوزاعي کان وڌيڪ ٻيو ڪو به ڪونه هو ‘

امام احمد بن حنبل فرمائي ٿو :

’ هڪ ڀيري سفيان ثوري ۽ اوزاعي، امام مالڪ وٽ ويا، جڏهن واپس وريا ته مالڪ چيو : انهن ٻنهي مان هر هڪ پنهنجي سنگتيءَ کان علم ۾ زياده آهي، پر انهن مان پهريون (يعني ثوري) علم ۽ مذهب جي امامت جي اهليت نٿو رکي ۽ ٻيو (يعني اوزاعي) امام بڻجڻ جي صلاحيت رکي ٿو ‘

ابو اسحاق فرازي لکي ٿو :

’ مان انهن ٻنهي شخصن يعني اوزاعي ۽ ثوري کان زياده ڪنهن کي نه ڏٺو. انهن مان اوزاعي شخصيت عامه جو مالڪ آهي، جيڪڏهن مونکي چيو وڃي ته مان امامت لاءِ ڪنهن کي چونڊيان ته مان هوند ثوري ۽ اوزاعي کي منتخب ڪريان ها ۽ پوءِ وري ٻنهي مان اوزاعي کي چونڊيان ها ‘

امام اوزاعي جي ساري زندگي علم ۽ دين جي خدمت ۾ گذري ١ .

---

١- آخر ۾ بيروت ۾ اچي ساڪن ٿيو ۽ باقي زندگي اتهن درس ڏيندي گذاريائين ڪتاب السنن ، ڪتاب المسائل (فقه) ڪتاب التفسير ۽ حديث وغيره ۾ سندس تصنيفات آهن (ريحانة الادب ١: ١٢٩ - هدية العارفين ١:٥١١) اهي ڪتاب زماني جي گردش ضايع ڪري ڇڏيا. (دائره معارف اسلاميه ٣:٥٣٥)، محاسن المساعي في مناقب الاوزاعي (قاهره ١٣٥٢هـ) سندس سوانح ۾ آهي. مٿس مفصل مضمون انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام ۾ (١: ٧٧٢) ۽ انجي اردو ترجمي دائره معارف اسلاميه ٣: ٥٣٥ ۾ پڙهڻ گهرجي.

سندس شاگردن مان الوليد بن مزيد (٢٠٣هـ) کي مٿانهون درجو حاصل آهي. فقه اسلاميءَ ۾ قديم شامي فقه، جو اسڪول اوزاعيءَ جي نالي سان منسوب ٿيو. شام، مغرب ۽ اندلس ۾ اهو سلسلو رائج هيو ۽ ٽئين صدي هجريءَ ۾ انجي جاءِ مالڪي مذهب ورتي.

Marfat.com

بغداد جي محله محزمي ۾ قيام هيس جنهن ڪري 'محزمي' جي نسبت سان مشهور ٿيو. خطيب لکي ٿو:

'ذهبيءَ جو بيان آهي تہ: 'خلف بن سالم ابو محمد محزمي مهالبہ جي موالي مان هو ۽ سنڌي هو. خلف بن سالم حافظ محمود ابو محمد سنڌي، موالي آل مهلب بغداد جي وڏن حديث جي حافظن مان هو.

ابن حجر بہ کيس 'السندي البغدادي الحافظ' لکيو آهي.

سندس حديث جي شيخن ۾ هينيان محدث آهن جن کان هن روايتون بيان ڪيون آهن: هشيم بن بشير، يحيٰ بن سعيد قطان، عبدالرحمان بن مهدي، اسماعيل بن عليہ، سعد بن ابراهيم بن سعد، يعقوب بن ابراهيم، محسن بن عيسيٰ، ابو نعيم فضل بن وڪيل، محمد بن جعفر غندر، يزيد بن هارون، وهب بن جرير، عبدالرزاق بن همام ۽ ابن نمير.

هينيان سندس شاگرد آهن: اسماعيل بن ابي حارث، حاتم بن ليث، يعقوب بن شيبة، احمد بن ابي خثيمہ، جعفر طيالسي، عباس دوري، يعقوب بن يوسف مطوعي، حسن بن علي معمري، احمد بن حسن بن عبدالجبار صوفي، ابوالقاسم بغوي، احمد بن علي آباءَ، عثمان دارمي، امام احمد بن حنبل، يحيٰ بن معين، حميدي، يعقوب بن شيبہ ۽ حمزه ڪناني سندس توثيق ڪئي آهي. امام نسائي پنهنجي سنن ۾ هڪ واسطہ سان سندس روايت درج ڪئي آهي.

نهايت ساده دل هو ۽ مختلف علمن ۾ پوري مهارت رکندو هو، سومر ڏينهن ٢٢ رمضان ٢٣١هہ ٦٩ سال جي عمر ۾ بغداد ۾ وفات ڪيائين. ١

---

١- ڪتاب ڏسو: تاريخ خطيب ٨: ٣٢٩ - تذڪرة الحفاظ ٥: ٢٥ - تهذيب التهذيب ٥: ١٥٢ زبيد احمد ص ١ - ستاره سنڌ بهار نمبر وغيره.

Marfat.com

آچيءَ جي نياٽي حُويده خاتون سان نڪاح ٿيس، جنهن مان مشهور سيد حسين جلال الدين جهان گشت١ ڄاڻو. ۽ حُويده خاتون جي وفات ڪانپوءِ سندس پيءُ بي‌بي خاتون سان شادي ڪيائين، جنهن مان آچ جو مشهور پير مخدوم صدرالدين محمد ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي. هي بزرگ هجري جي اٺين صدي جو آهي (جيئن ته 'نزهة الخواطر' ۾ ڄاڻايو اٿس ٢). سيد بدرالدين بن سيد صدرالدين محمد خطيب بن سيد محمد مڪي بکري خميس ڏينهن ٢٥ شعبان سن ٦٣٠هه ۾ بکر ۾ تولد ٿيو. تصوف ۽ ظاهري سمورا علم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيائين. (نزهة)

مٿين بزرگ جو احوال ذخيرة الخوانين ۾ مختصر طور آيل آهي جنهن ۾ لکي ٿو ته:

'مخدوم سيد بدر بکري همعصر مخدوم جلال الدين حسين کبير بخاري و صهره او بوده است و همراه او حج حرمين کرده'

يعني ته مخدوم بدر بکر جو رهاڪو، مخدوم جلال الدين ڪبير جهان گشت جو صهرو هو ۽ ان سان گڏجي حرمين جو حج به ڪيائين. وڌيڪ ڄاڻايل آهي ته، جڏهن پنهي ڌرين کي مراقبه جي ذريعي حضور رسول ڪريم صلي الله عليه و سلم وٽان سيد هجڻ جي بشارت ملي تڏهن هڪ ٻئي جي مائٽي قبول ڪيائون. انهي واقعه کي 'تذڪره گلزار ابرار' ۾ هيٺين ريت بيان ڪيو ويو آهي:

'سيد جلال الدين ڪبير بخارا مان سڌو بکر ۾ اچي رهيو، ۽ اتي ڪجهه مدت رهڻ کان پوءِ هڪ غيبي اشاري موجب سيد بدرالدين بکري جي نياٽي جي گهر ڪياءِ، سيد بدرالدين به الهامي اجازت جو انتظار ڪيو، جنهنڪري جواب ڏيڻ ۾

١- نزهة الخواطر ۾ فقط حسين بن احمد لکيل آهي ۽ اهو احوال 'تذڪره سادات بخاري' تان ورتل آهي.

٢- اهو احوال ڪتاب مذڪور جي (٢: ٥) تي آيل آهي.

Marfat.com

هو • بکر ۾ سنه ٦٨٠ ھ ۾ وفات فرمايائين ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو • (نزهة الخواطر) ١

## ١١- مولانا برهان الدين بکري

شيخ، فاضل علامه برهان الدين حنفي بکري سنڌي، دنيا جي وڏن پهچ وارن عالمن مان هو، هن کي فقه، اصول فقه ۽ عربي علم ادب ۾ وڏو دسترس هو. سلطان علاؤالدين محمد شاه خلجي جي زماني ۾ دهلي جي تختگاه ۾ درس ڏيندو هو جنهن جو بيان برني ٢ ڪيو آهي (نزهة الخواطر ٣). وفات جي تاريخ معلوم نه ٿي مگر نزهة الخواطر واري ڪيس انين صدي هجري جي علمائن ۾ آندو آهي ۽ علاؤالدين خلجي جو زمانو به اهوئي آهي ۴ •

## ١٢- صدرالدين بکري

شيخ فقيه امام صدرالدين حنفي بکري سنڌي، فقه ۾ جيڪي علماء مجتهدانه درجو رکن ٿا تن مان هڪ هو ۽ سيني علمن جو ماهر هو • سال ٧٣٤ هجري ۾ سائس محمد ابن بطوطه مغربي جي ملاقات ٿي، جنهن جو پنهنجي سفرنامه ۾ ذکر ڪيو اٿس ٥ • (نزهة الخواطر ٦)

## ١٣- شيخ موسيٰ اهداڻي

هن جون ڪرامتون مشهور آهن • هو وڏين فضيلتن ۽ ڪرامتن جو مالڪ هو، شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني ٧ جي دوستن مان هو، هنن

---

١- حديقة الاوليا جو مقدمو ٣٦ - ٤٥ تائين پڙهجي جنهن ۾ انهيءَ خاندان تي لکيل ڪتابن جو ذکر آهي •

٢- ڏسو تاريخ فيروز شاهي برني مطبوعه ڪلڪته ١٨٦٢ع •

٣- ڏسو ڪتاب مذڪور ٢: ١٥ •

۴- از سال ٦٩٥ — ٧١٥ھ •

٥- ڏسو فارسي ترجمو ص ٤١٣ •

٦- ڏسو صفحه ٢: ٦٠ •

٧- سال پيدائش ٥٦٥ھ - تاريخ وفات ۾ اختلاف آهي ٦٥٦ - (٧ صفر) ٦٦١ - ٦٦٦ - ٦٦٥ھ • (بزم صوفيا ص ١٠٣) •

Marfat.com

جو پير تي گذريو. اهو بزرگ ٧٢٠ هجري ۾ جهانسي ۾ ڄائو، سمجهه جي سن کي پهچڻ کان پوءِ هن پنهنجي والد کان ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪيا. والد بزرگ جي وفات کانپوءِ شيخ علاؤالدين جيوري کان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين، پوءِ جهانسي ۾ رهي فيض هدايت ڏيندو رهيو ۽ خلق کي تمام گهڻو فائده پهچايائين. انهي ئي حالت ۾ ٧ ذوالحج سال ٧٧٥هه ۾ هن دنيا مان وفات فرمائي ويو. ١

## ١٥- قاضي فصيح الدين لاهري

هي بزرگ اصل هرات جو آهي، سلطان محمد تغلق ٢ جي زماني ۾ بادشاه پاران امير علاؤالملڪ جي لقب سان لاهري بندر ٣ ۽ سندس لڳو لڳ پرڳڻي تي محصول جي وصولي لاءِ مقرر ڪيو ويو.

اسپين جو مشهور سياح ابن بطوطه جڏهن سنڌ ۾ آيو ٤ تڏهن هن بزرگ سان ملاقات ٿيس، لکي ٿو ته:

’حنفي مذهب جو وڏو فقيه هو ۽ ٻهريان هرات جو قاضي به رهيو ان کانپوءِ هندستان آيو.‘ ٥

وڌيڪ لکي ٿو ته:

’لاهري، بندر سمنڊ جي ڪناري تي ڏاڍو خوبصورت شهر آهي جتي سنڌو ندي اچي سمنڊ ۾ ڪري ٿي ۽ ٻئي دريا هڪ ٿي وڃن ٿا. انهيءَ هنڌ هڪ وڏو بندرگاه آهي، يمن ۽ فارس جا ڪيترائي واپاري ٻيڙا پهچن ٿا.‘

---

١- هن سلسلي جي ڪتابن لاءِ ڏسو مقدمو حديقة الاوليا ص ٣٦ تا ٤٥.

٢- ٧٢٥هه تا ٧٥٢هه.

٣- هن وقت هن کي شاهه بندر سڏيو ويندو آهي. (وفائي)

٤- ابن بطوطه ١ محرم ٧٣٤هه جو لاهري بندر تي پهتو (فارسي ترجمو ص ٤٠٣).

٥- ڏسو فارسي ترجمو: قاضي هرات فصيح فاضل عادل علاء الملک خراساني معروف به فصيح الدين — (ص ٤١١).

Marfat.com

ڳوٺ وٽ جڏهن منهنجي فوج جي منزل ٿي ته اگرچه منهنجي ميان صاحب سان ڏاڍي عقيدتمندي هئي مگر نند جو اهڙو غلبو ٿيو جو اوجهراڪي اچي ويئي ان وچ ۾ فوج ميان وجيه جو ڳوٺ لتي ڦري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ منهنجي دل تي هڪ قسم جي مونجهه يا انقباض رهي ٿو، انهيءَ ڪري ڏي هاڻي پنهنجي تنبوءَ ۾ نه لٿو آهيان پر سڌو اوهان وٽ آيو آهيان ته اوهانجي ديدار سان ڪجهه بار هلڪو ٿئي.[١]

خانخانان ميان وجيه جو بيان ڪندي ٻڌايو ته: هو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن جي دل هميشه طلب جي درد سان پربور هئي ۽ اکيون پشيماني جي لڙڪن کان وهنديون هيون ۽ زبان ياد حق ۾ مشغول ٿي.

چشم و زبان و دلش باد پر از معرفت

(تذکره گلزار ابرار) ١

سال وفات جو ٻارهين صدي هجري معلوم ٿئي ٿو.

## ٢٠. مخدوم وهيو چانيه رح

هي بزرگ سيد رڪن الدين متعلوي جو خليفو ۽ اهو مخدوم ساهڙ لنجار جو خليفو هو. هن جون ڪرامتون ۽ مڪاشفا ڏاڍا مشهور ۽ معروف آهن. 'حديقة الاوليا'[٢] ۾ لکيل آهي ته: هو هميشه شريعت ۽ سنت جي متابعت تي سخت ثابت قدم رهندو هو. شريعت جي رواج ڏيارڻ ۽ بدعتن جي پاڙ پٽڻ سندس زندگيءَ جو اصلي مقصد هو. سنت جي خلاف هڪ وار جيتري به ڳالهه ٻڌڻ ۾ آيس ٿي ته جيستائين آرام نه ڪندو هو، جيستائين انجي اِصلاح يا سڌارو نه ڪندو هو، ڀوءِ اهو غير شرعي ڪم ٿورو هجي يا گهڻو هجي، بهرحال ان کي نه ڇڏيندو هو.

---

١- ڏسو ڪتاب مذڪور ص ٣٨٦.

٢- ڏسو ڪتاب مذڪور ص ١٤١ تا ١٥٢ راقم الحروف جو ڇپايل.

Marfat.com

ڪري دار جاوداني ۾ وڃي آراميو. شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي جي گنبد ۾ دفن ٿيو.

مبارک بر مبارک باد ديدار

( گلزار ابرار ) ۱

## ۲۲- مخدوم ساهڙ لنجار انڙپوري

بن مخدوم معزالدين. هي عالم رباني عارف لاثاني، حضرت مخدوم بلال قدس سرّه (شهادت ۹۳۱هه) جو وڏو خليفو هو. رات ڏينهن الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت ۾ قائم رهندو آيو ۽ هڪ پساهه به پنهنجي پروردگار کان غافل نه رهيو. هو اهڙي ماڻهوءَ کي تلقين ڏيندو ۽ ذڪر سيکاريندو هو، جنهن ۾ لياقت ۽ استعداد ڏسندو هو. هن جون ڪرامتون بيشمار آهن، هو مستجاب الدعوات درويش هو، هن جو ذڪر ڪتاب 'حديقة الاولياء'۲ ۾ مفصل آيل آهي.

هڪ دفعه فرمايائين ته: مان پنهنجي مرشد (مخدوم بلاول رحه) کان ٻُڌو آهي ته جنهن ماڻهوءَ ۾ ٽي خصلتون هجن تنهن کان نفع حاصل ڪريو:

۱) جڏهن وٽس وڃو ته خدا ياد اچي،
۲) جيڪي چوي سو دل ۾ وهي،
۳) سندس صحبت مان جدا ٿيڻ دل کي ڏکيو لڳي.

(تحفة الڪرام ۳)

هو اهل بيت نبوي جو اينتريقدر ادب ڪندو هو جو ساداتن جي گهر ڏانهن پير ڊگها ڪري نه سمهندو هو. جيئن ته هڪدفعه ملتيارين جي شهر ۾ اچي رهيو ته آرام ڪرڻ لاءِ بستري تي پير ڊگها ڪري

---

۱- ڪتاب مذڪور ۳۱۵ تا ۳۱۶.
۲- ڏسو ڪتاب مذڪو ص ۱۲۱ تا ۱۲۵.
۳- جلد ٽيون ص ۱۵۳ قديم فارسي ڇاپو.

Marfat.com

’دليل الذاڪرين‘ مان هي به معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم ساهڙ لنجار سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي معرفت جڏهن مخدوم نوح جي خدمت ۾ ٻهريون دفعه پهتو تڏهن مخدوم فرمايس : ڀلي آئين مخدوم ساهڙ! مخدوم ساهڙ عرض ڪيو ته : منهنجي ناني جي اوهان کي ڪنهن خبر ڏني؟ مخدوم فرمايو ته : ـ نبانيِ العليم الخبير ـ مونکي ڄاڻندڙ خبردار سڌ ڏني! ان وقت مشائخ هوتي لاڪو به آيل هو ۽ هنن ٻنهي بزرگن ڪلمهء ـ لا اِلٰهَ اِلاالله ـ جي خاص نموني ۾ تلقين حاصل ڪئي.

هو ايڏو پرهيزگار هو جو سندس عبادت واري حجره يا ڪوٺيءَ ۾ ڪنهن کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. هڪ دفعه سندس گهر واري عبادت خاني ۾ لنگهي وئي مگر جهٽ پٽ واپس ٿي، جنهن تي مخدوم صاحب فرمايو ته : هي گهر ساڙڻ جي لائق آهي جو ان ۾ عورت جو پير پيو آهي. (دليل الذاڪرين)

مخدوم صاحب جي وفات سنه ۹۸۰هه [1] ۾ ٿي ۽ سندس مقبره آنڙپور ۾ آهي.

## ۱۳- علامي محمد ٺٽوي [2]

بن ملا يوسف ٺٽوي، جو هڪ درويش ڪامل هو، هو ٺٽه مان جهانگير جي اوائل حڪومت ۾ نواب نورجهان بيگم جي دربار ۾ پهتو ۽ نورجهان جو پيءُ نواب اعتماد الدوله آصف جاه [3] سندس شاگرد ۽ علامي ٺٽوي جي دعائن جي برڪات جو تربيت يافته ۽ ترقي ونندڙ هو.

---

۱- حديقة الاوليا ص ۱۲۵ . ٻئي نسخي ۾ تاريخ ۱۴ رجب لکيل آهي.

۲- تحفة الڪرام ۾ هن کي ملا محمد جهانگيري جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي.

۳- ميرزا ابوالحسن آصف جاه چوٿون وفات ۱۷ شعبان ۱۰۵۱هه ڏسو شجـرو مظهر شاه جهاني ۾ .

Marfat.com

اگرچه ٺٽه ۾ گورنر جهانگير پاران مقرر ٿي ايندا هوا مگر ٺٽه جو مالڪ آصف خان (ابوالحسن) جي اشاري سان ملا محمد ۽ سندس پائرن کي بنايو ويو. ارغون ۽ ترخان گهرائي جا باغات، محلات ۽ املاڪ جا پروانا بادشاه ملا محمد جي نالي ڪري ڇڏيا هئا، ان کان پوءِ سندس پائرن کي مليا. ٺٽي جو قاضي، مير عدل، مفتي، محتسب، سمورا عهدا ملا محمد جي پائرن جي حوالي هئا، هي صاحب ٺٽي جو مالڪ بڻجي ويو مگر ان هوندي به هو نورجهان بيگم ۽ نواب آصف خان سان سفر حضر ۾ ساڻ رهندو هو، هو نورجهان بيگم جو استاذ هو.

(تحفة الڪرام)

افسوس جو اهڙو وڏو سنڌي عالم ۽ عامل نورجهان ۽ مهابت خان واري جهڳڙي ۾ – جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو – مهابت خان قتل ڪرائي ڇڏيو.

هن جو ڇوڙ هو ته نواب آصف خان جو هي ساٿي (ملا محمد ٺٽوي) هن فساد جي سلسلہ جو محرڪ آهي تنهن ڪري هن جو قتل ضروري آهي. آصف خان کي اِنهيءَ ڪري ايڏو غم پهتو جو راتين جون راتيون اوڇتو روئي رڙيون ڪندو هو، وا محمد آه!! وا محمد آه!!.

(ذخيرة الخوانين) ١

سندس شهيد ڪرائڻ کان پوءِ وصيت موجب هن جي لاش ٺٽي ۾ پهچائي دفن ڪئي وئي.

(تحفة الڪرام)

## ٢٤- سيد ابراهيم بکري

تصّوف جي تلاش ۾ سنڌ ڇڏي شيخ جلال متو برهانپوري٢ جي خدمت ۾ وڃي رهيو. پنهنجي مرشد جي صحبت ۽ دوستي ۽ مهرباني

١- ج ٢ ص ٣٧٤.

٢- ڏسو: برهانپور کے سنڌي اولياء ص ٢١٠.

Marfat.com

# ٢٥- ميان محمد مير سيوستاني

ميان محمد مير مشهور ميان مير لاهوري ولد قاضي سائينڏنو ولد قاضي قلندر فاروقي. سندس والده جو نالو بي بي فاطمہ قاضي قاضن مشهور سنڌي بزرگ جي نياڻي آهي. اباڻي طرف سندس سلسلۂ نسب حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعالي عنہ سان وڃي ملي ٿو ۽ اهڙي طرح ماءُ جي پاسي کان بہ فاروقي آهي. ميان مير سيوهڻ ۾ سنہ ٩٥٠هہ ۾ تولد ٿيو. اڃا ٧ سالن جو مس ٿيو تہ سندس والد بزرگ وفات فرمائي ويو. ١٢ ورهن جي ڄمار ۾ سمورا ديني علوم معقول ۽ منقول پڙهي يگانو زماني جو ٿيو. ان کانپوءِ وڃي والده سڳوريءَ کان قادري طريقي ۾ بيعت ڪري تلقين حاصل ڪيائين ۽ ٿوري وقت ۾ ڪشف جي بلند درجي تي وڃي پهتو. دنيا جا لاڳاپا لاهي پنهنجي والده جي اجازت سان هو سلوڪ جي راه ۾ هلڻ لاءِ نڪتي وڌيو ۽ شهر ڇڏي سيوهڻ جي پهاڙن ۾ قدم رکيائين ۽ شيخ خضر سيوستاني جو انهيءَ جبل ۾ رهندو هو، اتي باقي منزلون پوريون ڪري خلافت جو خرقو ڍڪيائين. انهيءَ وقت هن تي اويسي ڪيفيت طاري ٿي جنهنڪري خطيرة القدس ۾ سيدنا عبدالقادر جيلاني جي روحانيت سان ملاقاتون ٿينديون رهيس. جڏهن ٢٥ سالن جي نوجواني واري ڄمار کي پهتو تڏهن سندس مرشد شيخ خضر کيس ارشاد ڪيو تہ هو لاهور ۾ وڃي رهي ۽ اتي قادري طريقي جي تلقين ڪرڻ فرمائي. لاهور ۾ پهچي زهد ۽ رياضت ۽ ياد خدا ۾ مشغول رهجي ويو، ان حد تائين جو راتين جون راتيون ننڊ ڪانہ ڪندو هو ۽ حبس دم جي وسيلي فقط هڪ دفعو ساه کڻي سان سموري رات ڪٽي ڇڏيندو هو. هڪ هفتي کانپوءِ روزو کوليندو هو، ڪڏهن ڪڏهن استغراق جي حالت وڌيڪ غالب پوندي هوس تہ برابر هڪ مهيني تائين بہ کاڌي کائڻ جو اتفاق ڪونہ ٿيندو هوس.

Marfat.com

چڱو ڀلو ٿي پوندو. بيمار جي حلق مان پاڻي لنگهيندو ويو ته هو چڱو ڀلو ٿي پيو.

(٢) هڪ ماڻهو جو پٽ صفا گنگو هو، جنهن کي ميان مير وٽ وٺي آيو، عرض ڪيائين ته هي ڇوڪرو اصلا نٿو ڳالهائي، هن تي توجه فرمايو ته زبان کلي. ميان مير ڇوڪري کي مخاطب ٿي فرمايو ته: چئو بسم الله الرحمٰن الرحيم! ڇوڪري هڪدم بسم الله پڙهي ۽ ان کان پوءِ سڀڪجهه ڳالهائڻ لڳو. اهو ساڳيو ڇوڪرو ٿورن ڏينهن اندر قرآن جو حافظ ٿيو.

(٣) مسلمانن جي فوج جو هڪ دفعي ڪانگڙه قلعه تي گهيرو هو، گهيري کي ٻه سال گذري ويا پر قلعو فتح ئي ڪونه پيو ٿئي. فوج جي افسرن ۾ هڪ امير ميان مير جو مريد هو جنهن پنهنجي مرشد کي لکي موڪليو ته دعا گهرو ته قلعو فتح ٿئي، انهي رقعه جي پٺ تي جواب لکيائون ته: انشاءالله تعاليٰ قلعو تنهنجي هٿ تي فتح ٿيندو. خط پهچڻ کانپوءِ چوٿين ڏينهن قلعو فتح ٿي ويو.

(٤) ميان مير جي مريدن مان هڪ محمد فاضل نالي شخص جو پٽ فوت ٿي ويو، ڏاڍو غمگين ٿيو، مرشد فرمايس ته ڏک نه ڪر تنهنجي زال پيٽ سان آهي اميد ته توکي پٽ ڄمندو، پوءِ جاچ ڪرائي ويئي ته برابر سندس زال پيٽ واري هئي. آخر پورن مهينن کانپوءِ پٽ ڄائو جنهنجو ميان مير افضل نالو رکيو ويو.

(٥) هڪ دفعو جهانگير بادشاه ڪشمير ۾ هو، ڪن ماڻهن شيخ عبدالحق محدّث دهلوي (متوفي ١٠٥١هه) ۽ مرزا حسام الدين، جو خواجه باقي بالله دهلوي ١ (متوفي ١٠١٢هه) جو وڏو خليفو هو، بادشاه جا انهن بزرگن جي برخلاف وڃي ڪَن ڀريا، بادشاه حڪم

---

١- تاريخ ٢٥ جمادي الثاني (مفتاح التواريخ ص ٢٠٧).

Marfat.com

محمد دارا شکوه 'سکينةالاولياء' ۾ سندس (ميان مير جي) وفات جو قطعه تاريخ هينئن ريت درج ڪيو آهي:

**از علامه فتح‌الله قادری**

میان میر سر دفتر عارفان — که خاک درش رشک اکسیر شد
سفر جانب شهر جاوید کرد — چو زین محنت آباد دلگیر کرد
خرد بهر سال وفاتش نوشت — بفردوس والا میان میر شد ۱
۱۰۴۵ھ

**از مفتی غلام سرور لاهوری**

میر دنیا و دین میان میرست — واقف راز و محرم اسرار
هست میر بهشت تولیدش — هم میان میر چشمهٔ انوار
۹۵۷ھ
باز فرمود شیخ والا جاه — عقل تولید او بصد تکرار
۹۵۷ھ
بندهٔ مقتدا میان میر است — سال تولید آن شه ابرار
۹۵۷ھ
هادیٔ صدق میر اشرف خوان — وصل آن شان زبدة الاخیار
۱۰۴۵ھ
نیز فیاض حق ولی آمد — هم میان میر دستگیر ای یار
۱۰۴۵ھ — ۱۰۴۵ھ

**ایضاً**

شه دوران زمان فضل الهی — میان میر آن ولی اهل توقیر
ز رهبر متقی پیداست سرور — کنی تاریخ تولیدش چو تحریر
۹۵۷ھ
بجو تاریخ وصل آن شهٔ دین — ز تاج‌الاصفیا عابد میان میر
۱۰۴۵ھ

(خزينةالاصفياء) ۲

---

۱- سکينة فارسي ص ۹۷.
۲- ج ۱ ص ۱٥۹.

Marfat.com

تي شرح اڪيل آهي ۽ هڪ هڪ جزي تي حديث جي روايت پيش ڪيل آهي - شيخ نصيرالدين پٽ شيخ سراج محمد بنبائي ۽ مولانا صالح سنڌي، جو پنهنجي استاذ جو ناني پڻ هو، شيخ يوسف بنگالي جو داماد شيخ سکهجي، سيد محمد غوثي مصنّف ’تذڪره گلزار ابرار‘ اهي سمورا حڪيم صاحب جا شاگرد آهن، جن مان هرهڪ مائٽهو پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ صوفي هو.

حڪيم صاحب سنڌ مان پهريان سنه٩٨٣ھ جي شروع ۾ گجرات ۾ پهتو. اهو محمد شاه ١ بن مبارڪ شاه (فاروقي) خانديش جي واليء جو زمانو هو، پوءِ گجرات مان برهانپور پهتو. برهانپور جي حاڪم سندس تشريف آوري کي هڪ برڪت جو ڪارڻ سمجهي سندس ڏاڍي تعظيم ۽ عزت ڪئي، برهان پور جي قضا ۽ فتويٰ جو عهدو سندس سپرد ڪيائين، برابر ٢٧ سال فتويٰ سان گڏ مختلف علومن جو درس به ڏيندو رهيو. سرڪار پاران هن لاءِ خانڊيش جي سرحد وٽ هڪ جاگير هئي. سال ١٠٠٨ھ ۾ هي پنهنجي اهل عيال سميت جاگير تي هليو ويو ۽ اڃا اتي مس پهتو ته بادشاه اڪبر اعظم جي فوج جي انهي علائقي ۾ آمد جو اطلاع بڌائين. حڪيم صاحب خير هن ڳالهه ۾ سمجهيو ته وري برهانپور واپس هليو وڃجي. ڪجهه وقت جهنگل ۾ رهڻ جو ارادو ڪري پوءِ اڳتي هلڻ جو خيال هوس ته اوچتو چورن جو ٽولو اچي مٿان ڪڙڪيو. حڪيم صاحب ۽ ١٧ ٻيا عزيز قريب جي نسب ۽ علم سان آراسته هوا تن سڀني کي چور شهيد ڪري مال ڪنيو هليا ويا. اهو واقعو شعبان سنه ١٠٠٨ھ ۾ ٿي گذريو.

وقت جي وڏي مرشد شيخ لشڪر محمد عارف برهانپوري جو فرمائڻ آهي ته: مونکي ته بس حڪيم ئي حڪيم نظر اچي ٿو! حڪيم

---

١- ميران محمد ثاني بن ميران مبارڪ ثاني ٩٧٤ - ٩٨٤ .

Marfat.com

مسيح‌الاولياء شيخ عيسيٰ پنهنجي چاچي شيخ طاهر محدّث کان نقل ڪيو تہ : هڪ ڏينهن آءٌ پنهنجي استاد شيخ شهاب‌الدين سان دسترخوان تي ڪاڌو ڪائي رهيو هوس پر ڪجهہ پريرو هوس، دل ۾ آيو تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جيڪڏهن پنهنجي استاد سان سندس ٿانوَ ۾ شريڪ ٿي وڃان . جهٽ پٽ ان وقت منهنجي ارادي جو عڪس هن جي آئينہءِ دل تي پيو، مون کي سڏائي پنهنجي برابر ڳڏي وهارياؤن . وري دل ۾ آيم تہ استاد صاحب پنهنجي هٿ سان هڪ لقمو منهنجي وات ۾ وجهي، پاڻ اٿين ڪيائين ۽ ٿورو مرڪيا بہ . هن بزرگ جون ان قسم جون ڪيتريون ئي روايتون سنڌ ۽ گجرات جي ماڻهن کي ياد آهن . ١

وڏيڪ تذڪره وارو صاحب لکي ٿو تہ : سندس اولاد بہ بزرگي جي لحاظ کان پنهنجن وڏن جي خانقاه کي آباد رکندي اچي ٿي، خدا ڪري آباد رهي .

٭

مخدوم شهاب‌الدين جي وفات ڏهين صدي هجري ۾ ٿي ۽ سندس اولاد ۽ خانقاه يارهين صدي تائين ’تذڪره گلزار ابرار‘ جي لکندڙ جي زماني تائين موجود هو . تذڪره سنہ ١٠٣٦هہ ۾ ختم ٿيو آهي جنهن وقت هي خاندان سنڌ ۾ موجود رهيو آهي . مگر هن زماني ۾ انجو ڪوبہ پتو ڪونہ پوي ٿو تہ اهو بزرگ ڪٿي هو ۽ سندس خاندان ۾ ڪير آهي .

## ٣٠- شيخ خضر سيوستاني

قادري طريقي جو وڏو پير ۽ پرهيزگار، تارڪ الدنيا مرد هو، سندس زهد ۽ اتقاء هن حد کي پهتل هو جو سموري حياتي ۾ ڪجهہ بہ

---

١- گلزار ابرار ص ٤٠٠.

Marfat.com

اهڙو ڪم ڪونه آهي جو اوهان سان لاڳاپو رکندو هجي! حاڪم ان تي ڏاڍي عاجزيءَ سان دوباره عرض ڪيو. شيخ چيو: چڱو، جيڪڏهن تون منظور ڪرين ته ڪم چوان ٿو! چيائين ته: حاضر آهيان منظور آهي! شيخ چيو ته: پُٽ! پهريون ڪم هي آهي ته پنهنجو پاڇو مون تان هٽاءِ يعني پري ٿي بيهه ڇاڪاڻ ته جو ماڻهو الله تعاليٰ جي پاڇي ۾ گذاري رهيو آهي تنهن تي ٻي ڪنهن به پاڇي جي گهرج نه آهي: ٻيو ته جتان آيو آهين اوڏانهن هليو وڃ! حاڪم اتان هٽي پري ٿي بيٺو ۽ فقير تان پاڇو لهي ويو. پوءِ عرض ڪيائين ته: اوهان جڏهن الله تعاليٰ جي يادگيريءَ ۾ مشغول ٿيو تڏهن منهنجي لاءِ دعا گهرندا ڪريو! شيخ چيو ته: الله تعاليٰ اهڙو وقت ٿي شال مون کي نصيب نه ڪري جو الله تعاليٰ جي ياد وقت غير خدا به دل ۾ اچي ۽ تو کي به ان وقت ياد ڪريان! شيخ خضر جي مشهور خليفن مان شيخ محمد مير سيوهاڻي[١] مشهور ميان مير بالا پير جنهن جو مقبرو لاهور ۾ آهي.

ڪتاب 'سيرة القادريه' ۾ لکيل آهي ته: شيخ خضر سيوستاني سنه ٩٩٤هه ۾ وفات فرمائي. مفتي غلام سرور لاهوري قطعہ تاريخ هيئين ريت لکيو آهي:

| | |
|---|---|
| خضر چون آن رهنمائی دو جهان | مقتدائی دین ولی متقی |
| کرد چون رحلت ازین دارالفنا | سال وصل آن ولیٔ جنتی |
| آفتاب عارفان حق - بگو: | نیز - سالک متقی نورالولی |
| ٩٩٤هه | ٩٩٤هه |

(خزينة الاصفياء) ٢

# ٣١- ٻي ٻي جمال خاتون سيوستاني

دنيا جي مشهور عارف ميان مير لاهوري جي ڀيڻ، عورتن ۾ وڏي عارفه ۽ زاهده ٿي گذري آهي. ترڪ ۽ توڪل ۾ رابعه بصري جي

١- سفينة الاوليا ص ٧٠ (فارسي).
٢- ص ١٣٧.

Marfat.com

وعظ لاءِ هي ڪتاب عام خلق ۾ ڏاڍو قبول پيل آهي جو ڪيترا دفعا ڇپجي هٿون هٿ کڄي رهيو آهي. ١

مؤلف ڪهڙي زماني جو هو ۽ ڪڏهن وفات ڪري ويو ان جو پتو ڪونه پوي ٿو. 'انيس الواعظين' جي ورق گرداني مان هيترو پتو ضرور پوي ٿو ته هو ٨ صدي هجري کانپوءِ جو ماڻهو آهي.

## ٣٦- مخدوم اسماعيل سومرو

پنهنجي وقت جو عارف ڪامل، ولي اهل دل سنڌ جي وڏن عارفن مان ٿي گذريو آهي. هن وٽان هزارين ماڻهو ظاهري ۽ باطني علومن جو فيض پرائيندا رهيا، هن جون حضور پر نور سيدنا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و سلم جي روح پاڪ سان خطيرة القدس ۾ ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. هن هڪ رات خواب ۾ حضور رسول ڪريم جي اشاري سان پنهنجي ننڍي نياڻيءَ جو نڪاح متيارين جي هڪ نوجوان سيد سان ڪرايو جنهن جو اولاد اڄ تائين متيارين ۾ موجود آهي. ۽ سندس ٻي هڪ نياڻي عارفه ڪامله وليه ۽ الله تعاليٰ جي معرفت جي مقامن جي ڄاڻو ۽ سندس ئي فيض يافته ۽ خليفه هئي. انهيءَ مائي لاءِ به ساداتن جي هڪ نينگري جي ادب رکڻ سبب حضورجن جي روحانيت جي ذريعي، مخدوم صاحب کي بشارت ملي هئي جنهن کانپوءِ هن کي اهي ڪمالات حاصل ٿيا. (ڪواڪب السعادات)

هن بزرگ جو احوال 'حديقة الاولياءَ' ٢ ۽ ٻين ڪتابن ٣ ۾ موجود آهي.

---

١- هي ڪتاب ١٨٨٦ع - ١٣٠٢ھ جو بمبئي مان ڇپيو، جنهن جي آخر ۾ 'رساله مفيدة تنبيه الغافلين' جنهن جو ذڪر مٿي آيل آهي سو به ضميمه طور ڇپيل آهي- ٢٨ صفحه ۽ ليٿو ۾ آهي.

٢- ڏسو ص ١٥٣.

٣- مثلاً تحفة الڪرام قديم ڇاپو ص ١٦٢.

Marfat.com

# ٣٩- شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي

سنڌ مان نقل ڪري برهانپور وڃي رهيو. سيد محمد مهدي جونپوري جڏهن سنڌ ۾ ڄام فيروز ١ جي زماني(٩١٤-٩٢٧ھ) ۾ مهدويت جي دعويٰ سان آيو تڏهن سنڌ مان جيڪي بزرگ ۽ فاضل ماڻهو سندس مريد ٿيا تن ۾ شيخ ابراهيم سنڌي به هو. ابراهيم جون قاضي قاضن مشهور عالم ۽ صوفي سان ملاقاتيون رهيون. شيخ ابراهيم برهانپور ۾ وفات ڪئي ۽ شهر جي اتر ڪان سندس مشهور مقبرو آهي.

(گلزار ابرار) ٢

# ٤٠- شيخ ابراهيم ڪلوڙو سنڌي بکري

'تذڪره گلزار ابرار' جي لکڻ موجب هو همايون بادشاه جي زماني ۾ برهانپور وڃي رهيو. چيو وڃي ٿو ته اصل بکر جي آسپاس جو باشندو هو، گجرات جي مشهور مجذوب شاه منصور سان ملاقاتيون رهيون، روزانه پنج سو مظفري رپيا (سلطان مظفر گجراتي جو سڪو) غيب مان (ففي السماء رزقڪم) کيس حاصل ٿيندو هو، ۽ روزانه فقيرن ۽ محتاجن تي وراهي ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن برهانپور جي حاڪم ميران شاه مبارڪ شيخ ابراهيم٣ جي خدمت ۾ تمام گهڻو نذرانو موڪليو پر پاڻ قبول نه فرمايائين، چيائين ته: هي مال مغلن جي ملڪيت ۾ ايندو. اسان جو ان ۾ حصو ڪونه آهي. اهي لفظ پيشگوئي طور هئا، جو تمام ٿورن ڏينهن اندر جنت آشيان همايون جون فوجون خانديش ۾ اچي پهتيون ۽ گجراتي حاڪمن جو سمورو مال اسباب اچي هٿ ڪيائون.

---

١- ڄام نظام الدين جي دور ۾ سيد محمد مهدي ٺٽي ۾ آيو.

٢- ڏسو ص ٢٣٦.

٣- ميران مبارڪ ثاني ٩٤٢ - ٩٧٤ھ.

Marfat.com

'تذڪره گلزار ابرار' ١ جو مصنّف لکي ٿو ته: هڪ دفعو ماڻهن وٽس شڪايت ڪئي ته اڳ اهڙا بزرگ هوندا هئا جو ڪجهه چوندا هئا سو ٿي پوندو هو! جنهن تي شيخ فرمايو ته: جيڪڏهن اڳيان بزرگ پٿر کي چوندا هئا سون ٿي پؤ ته انهي زماني ۾ ٿي پوندو هو باقي.... اجاگالهه پوري نه ڪيائين ته سامهون جيڪو پٿر پيل هو سو سون ٿيڻ لڳو، پاڻ مشڪي فرمايائون ته پٿر! آءٌ تو کي ته ڪونه چئي رهيو آهيان ته سون ٿي پؤ، مان ته ڳالهه ڪندي دوستن سان گفتگو ڪندي ائين چيو آهي!

سنه ٩٤١ هجري ۾ وفات ڪيائين. هيٺين مصرع مان سندس تاريخ وفات ملي ٿي:

— بادا کشاده بر وی درهای آسمانی — ؟

# ٤١- قاري ابراهيم سنڌي (شطاري)

هي بزرگ به قسمت سانگي سنڌ مان برهانپور وڃي نڪتو ۽ شيخ لشڪر محمد عارف ٢ جو مريد ٿي اتي وڃي رهيو، علم قرأت جو اهڙو ڄاڻو هو جو کيس جبرئيلي لهجي جو مالڪ سڏيندا هئا. سندس ڪمال هن حد کي پهتل هو جو سندس مرشد ۽ مسيح القلوب شيخ عيسيٰ جندالله پاٿائي برهانپوري وٽس علم قرأت سکيا هئا. پنهنجي مرشد جو ايڏو گرويده ۽ عاشق هو جو هڪ دفعو ڪجهه وقت سندس مرشد شيخ لشڪر محمد عارف نذر و نياز وٺڻ پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو هو ته قاري ابراهيم جهنگ مان ڪانيون ڪٺي وڪڻي پنهنجي مرشد جي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪندو هو. هڪ دفعو پنهنجي مرشد سان گڏجي احمدآباد ۾ غوث الاولياء شيخ

---

١- ڏسو صفحو ٢٧٢

٢- وفات سنه ٩١٣هه.

Marfat.com

محمد غوث گواليار (متوفي ٩٧٠هه) جي خدمت ۾ پهتو تڏهن شيخ محمد غوث سندس قرأت ٻڌي قاري ابراهيم کي پنهنجو پيش امام بنايو. ان کانپوءِ برابر ٻارهن سالن تائين شيخ محمد غوث قدس سره جو پيش امام ٿي رهيو. 'مرغ لاهوتي' جو غوث وٽان لقب حاصل ڪيائين. قاري صاحب راتين جون راتيون مراقبي ۽ ذڪر فڪر ۾ گذاريندو هو. سموري زندگي ۾ ڪنهن به ماڻهو کان نه سوال ڪيائين ۽ نه ڪنهن جو محتاج ٿيو.

'تذڪره گلزار ابرار' وارو لکي ٿو ته: هڪ ڏينهن حافظ صدر سنڌي برهانپوري قاري صاحب کي عرض ڪيو ته اسانجي پرڳڻي جي حاڪم محمد شاه فاروقي ١ کي پنهنجي پرده دار عورتن جي سيکارڻ لاءِ هڪ اهڙي قاريءَ جي ضرورت آهي جو تمام پوڙهو ۽ علم قرأت جا اصول ڄاڻندڙ هجي. گهڻي ڳولا کان پوءِ تو کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه ماڻهو نظر ڪونه اچي ٿو، جيڪڏهن اجازت ڏيو ته حاڪم جي سامهون ادا تجويز رکي وڃي. قاري صاحب جواب ۾ فرمايو ته: مان اگرچه پُڙهو ٿي ويو آهيان پر اڃا تائين نظرباز آهيان. مون کي نوجوان ماڻهن تي نظر ڪرڻ ئي نه گهرجي، ڇاڪاڻ جو منهنجون اکيون ۽ منهنجي دل اڃا تائين جوان آهن، تنهنڪري بهتر آهي ته مون کي معاف ڪيو وڃي ته ڪنهن مصيبت ۾ نه وڃي ڦاسان.

بر ظاهر من نگه، روا نيست — گاهي کف پا و گه غداريم
بگمار نظر، اگر تواني — بر باطن ما که، حسن سازيم

ان ريت هن صاحب حاڪم جي نوڪريءَ کان جند ڇڏائي ۽ پنهنجي فقيرانه (۽) متوڪلانه (زندگيءَ) کي هرگز نه بدلايو.

---

١- ميران محمد شاه اول ٩٢٦—٩٤٢هه. - پرڳڻي جو حاڪم نه هو بلڪ برهانپور ۽ آسير جو بادشاه هو.

Marfat.com

سندس پنيان هو، وات تي هڪ علوي عرب نش، ۾ چور زمين تي پيل ڏسڻ ۾ آيو ، ابو نصر کي انهيءَ شان سان ويندي ڏسي، هن بدمستيءَ ۾ ڪجهه اٿوٽندڙ لفظن ۾ چيو ته : اي غلام ! مونکي ڏس مان زمين تي پيو آهيان ۽ تون معتقدن ۽ شاگردن جو گروه وٺي شان ۽ عظمت سان وڃي رهيو آهين؟ شيخ ابو نصر کيس هڪدم چيو: اي شريف زادا ! سمجهين ٿو ته ائين ڇو ٿيو آهي؟ ڳالهه هن ريت آهي ته اسان تنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهيون ۽ تون منهنجي ابن ڏاڏن جي پنيان هلين ٿو ! ١

## ٤٣- ابوالعطا سنڌي

ابوالعطا جو نالو هرهڪ عربي دان پڌو هوندو ، هن عربي ادب ۾ اهڙو ڪمال پيدا ڪيو جو قادر الڪلام عربن جي پهرين صف ۾ شامل ٿيو، ابو تمام پنهنجي مشهور ڪتاب ’ الحماسه‘ ۾ کيس جاء ڏني آهي .

ابو عطا سنڌي جو نالو افلح ۽ سندس پيءُ جو نالو يسار هو . يسار پنهنجي پٽ سميت غلام بنجي عراق ۾ آيو ۽ بنو اُميه جو غلام رهيو، ڪوفه ۾ قيام هوس. افلح جي ابتدائي نشوونما ڪوفه ۾ ٿي ان کان پوءِ عنتره بن سماڪ بن حبيص اسدي جو غلام بڻيو .

جڏهن افلح جي طبع جا جوهر کليا ۽ شعر شاعري ڪرڻ لڳو ته سندس آقا عنتره بن سماڪ سندس ذوق ادب جو قدر ڪري کيس آزاد

---

١- هيءَ سوانح سيد رياست علي ندويءَ پنهنجي مضمون ”اسلام جي اوائلي صدين جا سنڌي محدث ۽ فاضل“ ۾ آندي آهي. اهو مضمون ستاره سنڌ جي بهار نمبر ۾ ۽ پوءِ الوحيد جي سنڌ آزاد نمبر ۾ ڇپيو. سوانح نزهة الخواطر ج ١ ص ٦٩ ۾ پڻ آيل آهي .

Marfat.com

يعني تہ مان جڏهن حج جي عبادتن بابت تمام وڏي عالم ۽ وڏي سمجهدار فاضل جو سالڪن جي مرشد ۽ عبادت گذارن جي فائدو ڏيندڙ، شيخ رحمةالله سنڌي جو ڪتاب 'لباب المناسڪ' ڏٺم تہ ڏهن دل ۾ آيو تہ ان جو شرح ڪريان، الخ.

مولوي عبدالحيّ لکنوي شيخ لاءِ هيئين ريت لکيو آهي:
رحمةالله بن عبدالله السندي فقيه الحنفي عمل وارن عالمن ۽ صالحن بانهن ۾ هڪ وڏو فرد هو. هن مڪّي ۾ سنہ ٩٩٠هہ ۾ وفات ڪئي. ڪن فاضلن سندس تاريخ هيٺين فقره مان ڪڍي آهي – رحمة الله قد نال مراده – مگر ان ۾ ٢ عدد وڌي پون ٿا جي فن تاريخ ۾ چڱا نہ آهن خاص طرح ان حالت ۾ جو تاريخ ڪنهن خاص واقعي لاءِ هجي. (طرب الاماثل في تراجم الافاضل).

## ٤٥- شيخ حميد دربيلي

بن قاضي عبدالله سنڌي جنهن جو ذڪر باب العين ۾ ايندو، هي صاحب پنهنجي والد ۽ ڀاءُ مديني شريف جي مشهور عالم شيخ رحمةالله سنڌي سان گڏجي احمد آباد اچي رهيا ۽ اتي ئي وطن ڪري ويٺا. ڪجهہ زماني کان پوءِ سندس والد ۽ عزيز مدينہ شريف روانا ٿي ويا، مگر هي بزرگ احمد آباد ۾ ئي درس تدريس جو شغل جاري رکندو آيو. مير محمد معصوم لکي ٿو تہ: شيخ حميد فضيلت ۽ ڪماليت جي زيورن سان سينگاريل هو، نقلي ۽ عقلي علمن ۾ تمام گهڻي مهارت هوس. جنهن زماني ۾ مظفر شاه بن سلطان محمود گجراتيءَ اڪبر جي گورنر شهاب خان تي ڪاهي احمد آباد پنهنجي قبضي ۾ ڪئي ان وقت نواب عبدالرحيم خان خانان فوج ڪشي ڪري مظفر شاه کي احمد آباد مان تڙي وري دوباره قبضو ڪيو، ان وقت آءٌ (مير معصوم) بہ انهيءَ

Marfat.com

جي حاڪمن، عالمن ۽ عارفن لاءِ غنيمت ليکيو ويندو هو.

شيخ يوسف بنگالي (وفات ڏهين صدي جي پڇاڙي) جو وقت جي وڏن عارفن مان هو تنهن وفات وقت پنهنجي ناني مولانا سکوجيءَ کي وصيت فرمائي هئي ته منهنجن فرزندن کي وٺي وڃي شيخ طاهر محدث وٽان به حرف تعليم ڏيارجو، ان بزرگ جي برڪت جو اثر ظاهر ٿيندو. جيئن ته انهيءَ وصيت تي عمل ڪيو ويو جن کي علم، عمل، فضيلت ۽ حق شناسيءَ جون سموريون منزلون حاصل ٿي ويون.

هن بزرگ محدث درس تدريس جي شغل هوندي به هيٺيان ڪتاب تصنيف فرمايا.

١) تفسير مجمع البحار طاهري جو امام قشيري جي ڪتاب اللطائف جي طرز تي آهي ۽ هو صوفياء ڪرام جي نڪتن ۽ اشارن تي حاوي آهي. هي ڪتاب جڏهن تيار ٿي ويو ته انهيءَ وقت جي مشهور عارف بزرگ شيخ لشڪر محمد عارف شطاري قدس سره جي نظر مان گذريو تڏهن شيخ فرمايو ته: هن رنگين ڪتاب جو مصنف پنهنجي نيڪن جي بدلي جو اندازو قيامت جي ڏينهن ئي ڪري سگهي ٿو، باقي هن دنيا ۾ ته حسنات جي ڪيفيت بيان ڪرڻ کان باهر آهي.

خانديش دکن جي فرمان روا علي عادل شاه[١] جڏهن هن ڪتاب جي تعريف ٻڌي تڏهن مولانا حسين شيرازي، جو حڪمت ۽ عقلي علمن جو هڪ بي نظير عالم هو ۽ پنهنجي وزير خاص جلال خان کي، جو رسمي علمن جو هڪ عالم هو، پنهي کي شيخ طاهر جي خدمت ۾ موڪلي عرض ڪيو ته جيڪڏهن انهيءَ ڪتاب جي ديباچه يا مقدمه ۾

---

١- غوثيءَ غلطيءَ کان علي عادل لکيو آهي دراصل بادشاه جو نالو راجه علي خان هو ۽ ٩٨٤ھ ۾ خانديش جي تخت تي ويهي 'علي عادل شاه' جو لقب اختيار ڪيائين.
(برهانپور کے سندهي اولياء ص ٨٠)

Marfat.com

آهي تہ: منهنجو اُستاذ ۽ چاچو سڳورو شيخ طاهر جڏهن وفات ڪري رهيو هو تہ سندس اکيون ائين گردش ڪري رهيون هيون جيئن ڪنهن معشوق جي ديدار وقت، نظربازي لاءِ، عاشقن جي اکين ۾ خاص ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. رحمہ الله تعاليٰ رحمۃ واسعۃ.
(اذڪار أبرار)١

# ٥٦- اسحاق سنڌي قلندر پاڻائي

سنڌ جي پاٽ ڳوٺ جو رهاڪو، دنيا جي سير واسطي قلندرانہ صورت ۾ نڪري پيو. هرهڪ ويراني ۽ آبادي جي گوشي گوشي ۾ پهچي ويو ۽ هرهڪ ملڪ کي پوري غور سان ڏسندي هنن جي خاصيتن کان واقف ٿيو. ٩٥٨ هجري ۾ سير سفر کي ترڪ ڪري برهان پور (ڏکڻ هندستان) ۾ اچي رهيو ۽ اتي شيخ طاهر بن شيخ يوسف سنڌي محدث جي خدمت ۽ صحبت ۾ رهڻ لڳو. ١٠٠٣ هجري تائين شيخ طاهر جي خدمت ۾ رهيو ۽ انهيءَ سال تائين، جو محدث طاهر سنڌي جي وفات جو سال آهي، ڪڏهن بہ پنهنجي مرشد ۽ شيخ کان جدا نہ ٿيو.

شيخ محمد غوثي برهانپوري گلزار ابرار جو مصنف لکي ٿو تہ ١٠٠٢ هجري ۾ مان انهن بنهي بزرگن جي ملاقات ڪئي ۽ همسائگي سبب فيض حاصل ڪيو. لکي ٿو تہ: شيخ اسحاق قلندر جو تصوف ۾ طريقو ارادي جي مضبوطي ۽ استقامت تي هو. آخر ۾ پنهنجي مرشد ۽ اُستاذ شيخ طاهر جي وفات کان پوءِ ٧ سال هن دنيا ۾ گذاري سنہ ١٠١٠ هجري ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو فرمايائين.

— روح او همنشين رضوان باد —٢

---

١- گلزار ابرار ٤٢٦-٤٣٣ ۽ برهانپور کے سندهي اولياء ص ١ تا ص ٤

٢- گلزار ابرار ص ٤٢٥

Marfat.com

پنهنجي قوم سميت اچي سندس مريد ٿيو، اهو ئي زمانو آهي جڏهن مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ جي فتح لاءِ اچي پهتو هو يعني ٩٩٩ هجري. عبدالرحيم خان خانان جڏهن سنڌ ۾ آيو هو تڏهن هرهڪ بزرگ ۽ شيخ کان دعائون گهرائيندو ۽ ملندو رهيو ٿي، انهي سلسلي ۾ ميان آدم شاه ڪلهوڙي وٽ به هنڙي ۾ لنگهي آيو. اهو وجهه وٺي وڏيري ڪمڙ ابڙي مرزا خان خانان کي گذارش ڪئي ته چانڊين جي زمينداري نذر طور ميان صاحب کي ڏني وڃي. عرض قبول ڪيو ويو ۽ چانڊڪا پرڳڻي جو وڏو حصو ميان آدم شاه کي فقيرن جي خرچ لاءِ جاگير ڪري ڏنو ويو.

ميان آدم شاه اگرچه مريد مهدوي فرقي جو هو مگر لال عيسن مشائخ سان جو خواجه بهاءالدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان هو تنهن سان به سندس صوفيانه صحبتون رهنديون هيون، جنهن ڪري هن جي پيري مريدي ڏاڍو زور ورتو ۽ سندس مريد، ماڻهن جون زمينون قبائل ۽ پنهنجي علائقي کي وڏائڻ لڳا، جنهن ڪري زميندارن اڪبري حاڪمن وٽ پوڪارون ڪيون ته سندڱڙيڙ مان لنگهي رهي هئي. انهر سنڌ جي حڪومت جو مرڪز ملتان ۾ رٿيل هو تنهن ڪري ميان آدم شاه کي حاڪمن گرفتار ڪري وڃي ملتان جي قيد ۾ آقا شاه محمد ڪوتوال جي نگراني ۾ رکيو، ۽ اتي ئي ڪجهه وقت کان پوءِ قيد جي حالت ۾ شهيد ٿيو. ميان صاحب سان شاه محمد ڪوتوال جي قيد جي زماني ۾ عقيدتمندي ٿي وئي هئي جنهن ڪري کيس وصيت ڪئي هئائين ته سندس لاش کي سکر جي ٽڪريءَ تي دفن ڪيو وڃي، جنهن انهيءَ وصيت موجب کيس اتي آڻي دفن ڪرايو. اهو يارهين صدي هجري جي پهرئين اڌ جو واقعو آهي (تحفةالڪرام ڪجهه اضافه ۽ ڦير گهير سان).

Marfat.com

چنان قحط سالی شد اندر دمشق     که یاران فراموش کردند عشق

اهو ڪتاب يارهين صدي هجري جي پڇي اڌ ۾ لکيو ويو آهي، جيئن ته پڇاڙي ۾ لکي ٿو :

گل از باغ — خواندم از حسابش     همان تاریخ باشد هم خطابش[1]
١٠٦١ھ

هندستان ۾ اهو سلطان جهانگير[2] جو زمانو، سنڌ ۾ ترخان گهراڻي جي پڇاڙي جو وقت آهي[3]

رضائي مرحوم جي وفات جي تاريخ معلوم نه ٿي، مگر هيترو ته ظاهر آهي ته يارهين صدي جو بزرگ آهي. رحمةالله تعاليٰ.

## ٥٩- ملا احمد ٺٽوي

فاروقي نسل آباء اجداد کان حنفي مذهب جي عالم خاندان جو فرد ۽ علم طب ۽ علم تاريخ جو وڏو ماهر هو. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ هن جو شيعي مذهب ڏانهن لاڙو ٿيو. سنڌ ڇڏي ايران جي مشهور شيعي بادشاه طهماسپ صفوي[4] جي دربار ۾ وڃي پهتو. دربار ۾ قرب حاصل ڪرڻ کان پوءِ تمام غالي شيعي ٿي رهيو، طهماسپ جي جي وفات کان پوءِ جڏهن سندس پٽ اسماعيل صفوي[5] گاديءَ تي ويٺو ته هن ڪن مصلحتن جي بنياد تي اهل سنت جي رعايا سان

---

١. منهنجي نسخي (نمبر ١٣٤) ۾ آهي :
گل اندر باغ — خواندم از خیالش     که هم تاریخ باشد هم حسابش
(ص ٢٥٩) جنهن مان ١٣٠٨ سال نڪري ٿو جيڪو غلط آهي.

٢- شاهجهان جو دور هو نه جهانگير جو.

٣- ترخاني دور مرزا غازيءَ جي وفات ١٠٢١ ھ تي ختم ٿي چڪو هو.

٤- ٩٣٠ تان ٩٨٤ ھ

٥- اسمعيل ثاني ٩٨٤ تا ٩٨٥ ھ.

Marfat.com

ڪري هڪ مغل امير فولاد برلاس ملا جي قتل جو فڪر پچائيندو رهندو هو، چاڪاڻ جو هڪ متعصب ۽ بد زبان شيعو هو. بادشاه ڪشمير جي ارادي سان لاهور ۾ رهيل هو. فولاد برلاس هڪ رات ملا احمد کي گهران سڏ ڪري سندس دروازي تي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن بادشاه کي اها سڌ پيئي تڏهن قصاص طور امير فولاد مغل کي هاٿيءَ جي پير ۾ ٻڌائي شهر گشت ڪرائي مارائي ڇڏيو ۽ اهو واقعو سنه ۱۰۰۰ هجري ۾ ٿي گذريو.

لاهور ۾ ملا احمد شيعي ڪان مائهن ۾ نفرت ڦهيل هئي جنهن ڪري هن جي قبر کي علامه ابوالفضل جي حوالي ڪيو ويو ته جيئن لاش کي نه ڪڍيو وڃي، مگر جڏهن بادشاه ڪشمير روانو ٿي ويو تڏهن ملا جي لاش کي عوام قبر مان ڪڍي ساڙي ٻاري ڇڏيو. (تاريخ بدايوني[۱] و سيرالمتاخرين)

## ۶۰- ابوالفضل بن طاهر ٺٽوي

سندس والد مولانا محمد طاهر شيراز مان اچي ٺٽي ۾ رهيو. علمي فضيلت ۾ صاحب ڪماليت جو هو. ابوالفضل شاه جهان جي زماني ۾ ٺٽي ۾ منصب دار هو. تحفةالڪرام ۾ لکي ٿو ته :

ـــ ابوالفضل ولد مولانا محمد طاهر در ذی منصب داران مستثنیٰ زیست کرده و پسرش محمد حسن اکثر ایام در جهان آباد گذرانده ـــ[۲]

سندس فرزند محمد حسن جو ذڪر ميم جي باب ۾ اچي ٿو.
هي ابوالفضل ٻارهين صدي جو بزرگ آهي.

---

۱- بدايوني ج ۲ ص ۳۱۷ - ۳۶۴ - ج ۳ ص ۱۲۸ طبقات اڪبري ج ۲ ص ۴۸۲ - اڪبر نامه ج ۳ ص ۵۲۷ - مآثرالامرا ج ۳ ص ۲۶۰

۲- فارسي قديم ڇاپو ص ۲۲۴

Marfat.com

وڏي استعداد ۽ علميت جو مالڪ ٿي گذريو آهي. شعر و شاعري جو ڪافي حد تائين ماهر هو.

مير قانع ٺٽوي لکي ٿو تہ: ميان مرادياب خان ڪلهوڙي وٽ مرادآباد جي شهر ۾ حڪيم سيد يعقوب خان سکري سان ڪنهن ڪم لاءِ آيل هو، منهنجي ساڻس اتي ملاقات ٿي. شاعرانہ مزاج جو ماڻهو هو، تخلص جي خواهش ڏيکاريائين، يعني تہ ڪهڙو تخلص اختيار ڪري؟ جنهن ڪري آءٌ ڪيس سندس نالي اسدالله جي لحاظ سان ساقي تخلص مقرر ڪري ڏنو ۽ هڪ سجع بہ مون کان قبول ڪيائين: اسدالله ساقي ڪوثر - گهڻو ڪري مصرعو پنهنجي مندي جي ٽڪ تي اڪرايو بہ هوندائين. ( تحفةالڪرام و مقالات قانع )

مير اسدالله، حڪيم مير يعقوب جو شاگرد ۽ پاڻ وڏو حڪيم هو. طب جي مشهور ڪتاب 'ذخيرہ خوارزم شاهي' ٢ جو اختصار ڪيو اٿس جنهن مان سندس طبي استعداد معلوم ٿئي ٿو. سندس شعر جو نمونو هي آهي:

مست گردم ز بادۀ کوثر اسدالله ساقیم باشد

هڪ مناجات جا چند بند هيٺ ڏجن ٿا جنهن ۾ حضرت ساقي پنهنجي لاءِ هيئين ريت بارگاه الهي ۾ استدعا ڪئي آهي:

ای انیس بزم محزونان رب‌العالمین رحم‌کن برحال زار من تو ارحم‌الراحمین
بر درت فریاد می‌دارم همین مالم جبین قرب ده با دوستان یا جامع المتفرقین
لا تذرنی رب فردا انت خیرالوارثین

---

١- آرزو ۽ ساقي تخلص - نواسہ مير اسدالله بن مير علي شير بن مير زڪريا بن مير محمد بزرگ بن مير معصوم بکري تحفةالڪرام فارسي ص ١٣١ قديم مقالات ص ٢٦٧.

٢- تاليف سيد اسماعيل جرجاني (٥٠٤ ھ) ۾ لکيو ويو جملہ ١٢ جلد قطب‌الدين محمد بن انوشتگين خوارزمشاه جي نالي معنون آهي.

Marfat.com

# ۷۸- مفتي عبدالواحد ڪبير پاٽائي

بن مولانا عبدالرحمان قاري (متوفي ۱۰۸۰) بن محمود سهروردي (متوفي ۱۰۷۰) بن شيخ عيسيٰ پاٽائي، بن مخدوم حسن قاري پاٽائي (متوفي ۱۰۱۷) بن شيخ رمضان شهرالله، بن شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي برهان پوري (متوفي ۱۰۳۱) مفتي عبدالواحد، سيوهاڻي ۽ پاٽائي مخدومن جو ڏاڏو آهي جنهن جو فرزند امير محمد اچي سيوهڻ ۾ رهيو ۽ ڪجهه پاٽ ۾ رهيا جتان نسل جون ٻه شاخون چالـو ٿيون .

هو وڏو فقيه ۽ عالم هو، سلطان اورنگزيب جي زماني ۾ پاٽ جي وسندڙ علائقي جي قضا ۽ فتويٰ سندس سپرد هئي هـڪ دفعو هو سلطان عالمگير جي خدمت ۾ ٻه پهتو هو جتي خوش طبعي طور سلطان کيس فرمايو ته مولانا! اوهان ڪٿي رهو ٿا. جواب ۾ عرض ڪيائين پاٽ سنڌ ۾. سلطان فرمايو پاٽ جيڏي ننڍڙي ٿانوَ ۾ ڪيئن ٿا ماپيو؟ مفتي عرض ڪيو ته جيئن مرشد عالم ننهنجي اسلامي فوج سميت دلي (دهلي) جيڏي ننڍڙي ٿانوَ ۾ تشريف فرما آهن. بادشاه کي اهو لطيفو ڏاڍو خوش لڳو. ان کان پوءِ جڏهن هو صاحب پاٽ ۾ واپس آيو تڏهن وجـه معاش لاءِ ٺٽي جي گورنر مير ابوالمڪارم پـاران کيس ٻه هزار جريب جاگير ۽ ڪجهه پڪا کوه پروانو ٿي مليا جي پاٽ جي لڳ ديهه رسول آباد ۾ هئا .

( نقل از بياض ميان حبيب‌الله صديقي سيوستاني )

اهو پروانو، مان جامع اوراق (مولانا وفائي) مخـدوم ميان محمد حسن صديقي جي ڪتبخاني ۾ ڏٺو هو جو زافشان ڪاغذ تي لکيل هو ۽ انهيءَ پروانې ۾ مفتي عبدالواحـد کي شيخ عيسيٰ جندالله جي اولاد مان شمار ڪندي سندس علمي فضيلت جـي تعريف ڪئي وئي آهي . مهر جـا الفاظ هي آهن :

ـ ابوالمڪارم شهود فدوي سلطان اورنگزيب عالمگير غازي ـ

Marfat.com

وثانئس حديث جــي سند حاصــل ڪئي ، مگر پوءِ بعض خيالات جي اختلاف ڪري ٻنهي بزرگن جا پاڻ ۾ تحريري مناظرا به رهيا. سندس باڪمال شاگردن مــان سيد نجم‌الدين عزلت رضوي بکري (متوفــي ١١٦٠هه) آهي ١ جو مخدوم صاحــب جو پاڻيجو ۽ سندس علمن ۽ اعتقادات جو داعي هو .

مخدوم صاحب بعض مسائلن ۾ وقت جي عالمن کان جدا مسلڪ رکندڙ هو . مسئلا :

١) ٻين صحابين تي حضرت علي جي فضيلت تي قائل هو .
٢) امام حسين جي ماتم کي جائز سمجهندو هو .
٣) صوفين جي ڪشف کي شرعي حجت وانگي هڪ شرعي دليل سمجهندو هو.
٤) صحيح حديث جي مقابلي ۾ ڪنهن به امام جي تقليد يا پيروي کي ڪجهه به ڪري نه ڄاڻندو هو .
٥) ٻارنهن امامن ۽ اهل بيت جي عصمت جو قائل هو .
٦) وحدةالوجود جي مسئلي ۾ تشريـح ڪرڻ وارن الفاظن سان ماڻهو هن کي دهريو ڪري سمجهندا هئا .
٧) ان وقت جي عام عالمن جي برخلاف هو ڏاڙهي کي ڪترائڻ ۽ ڪاري رنگ ڪرڻ جو قائل هو .
٨) هندن کان وياج وٺڻ جائز چوندو هو .

ٻيا به ڪي اهڙا مسئلا آهن جن ۾ هو ان وقت اڪيلو هو. سندس شاگرد سيد نجم‌الدين عزلت علامه جـي عقيدت بابت هڪ رسالو لکي ڪن ماڻهن کي ڏيکاريو. قبوليت جي بجاءِ ماڻهو علامه جا دشمن ۽

١- هن جو ديوان پنجاب يونيورسٽي جي ڪتب‌خاني ۾ آهي . نمبر ٦٠٧ مڪتوبه ٧- شوال ١٢٧٦هه .

Marfat.com

۾ بہ علامہ معين جي نالي خطوط آهن جنهن مان ظاهر آهي تہ انهيءَ وقت جا جيترا بہ وڏا عالم يا صوفي بزرگ هئا تن سان علامہ جو گهاٽو لاڳاپو رهندو آيو ٿي . مخدوم محمد هاشم جي مرشد سيد سعدالله سورتيءَ سان بہ سندس خط و ڪتابت رهي، جنهن ۾ سيد صاحب سندس صوفيانہ قابليت جو اقراري آهي . علامہ محمد معين جون مختلف علمن ۾ تصنيفون آهن جن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

١) 'دراسات اللبيب' هي ڪتاب حديث تي عمل ڪرڻ بابت آهي ، مگر ان سان گڏ حنفي مذهب جي بہ تائيد ڪيل آهي. هندستان جي اهل حديث جماعت ١٨٦٦ع ۾ پهريون دفعو اهو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ۾ سندس مصنف جي تعريف ۾ قاضي طلا محمد پشاوري مشهور محدث هڪ وڏو قصيدو [١] لکيو آهي جو ڪتاب سان گڏ شايع ٿيو آهي. انهيءَ ٿي ڪتاب جو مخدوم عبداللطيف ٺٽوي رد لکيو آهي .

٢) حجة الجليلة : حضرت علي جي فضيلت ۾ جنهن تي شيخ محمد حيات سنڌي مدني ۽ مخدوم محمد هاشم رد لکيا آهن .

٣) نورالعين : ان تي بہ مٿين ٻنهي بزرگن جا رد آهن .

٤) انور المجد في مخ الوجد : (تصوف)

٥) مواهب سيدالبشر ( اهل بيت جا فضائل )

٦) الجود الثمين (دنيا جي پيدائش ۽ ان جي فنا ٿيڻ تي فلسفيانہ رنگ ۾ بحث )

٧) الخواطف للتصوف

٨) مطارحات التحقيق في برهان التطبيق ( فلسفہ )

٩) رسالتہ الاعتدالات الاربعہ ( منطق و فلسفہ )

١٠) رفع الغين .

---

١- ذب الذبابات - سوانح مصنف - ص ٧٨ تا ص ٨٤

Marfat.com

ان کان پوءِ پتو نہ آهي تہ اتي اهي ڪتاب سلامتي سان آهن يا نہ ؟

مقالات‌الشعرا ۾ لکي ٿو تہ مخدوم صاحب جو شان اگرچہ شاعري کان تمام گھڻو بلند ۽ برتر آهي تاهم ڪڏهن ڪڏهن شعر ڏانهن توجه فرمائيندو هو. هندي ۽ فارسي ۾ ڪلام چوندو هو. فارسيءَ ۾ 'تسليم' ۽ هنديءَ ۾ 'بيراگي' تخلص ڪندو هو. سندس شعر جو نمونو ڏسو :

| | |
|---|---|
| که گفت بادف و نی درس اینما امروز | که شکل سجده بهر سو جبین ما شده بود |
| ببزم میکده راز ازل عیان دیـــدم | که چشم ساقی ما دور بین ما شده بود |
| جهان هوش بخود برده آن پری زادی | سحر که یکدمکی همنشین ما شده بود |
| بزور بازوی مستی چو هستیم بشکست | کرشمه ات کمکی درکمین ما شده بود |
| بشهر عشق ز فتوی بربط و طنبور | سجود کوی' خرابات دین ما شده بود ١ |

آخر ڄمار ۾ هو دنيا و ما فيها کان دل ڪٽي مجذوبانہ رنگ ۾ حياتي گذارڻ لڳو. راڳ ۽ سماع مان حظ حاصل ڪندو رهيو. هن جي وفات جڏهن ويجهي آئي تڏهن پاڻ هڪ ڪونيءَ ۾ چادر ٻڌائي سمهي پيو ۽ دروازي تي ڳائيندڙ عشقيہ شعر پڙهي رهيا هئا، ٿوري دير کان پوءِ ڏٺو ويو تہ سندس ٻوليندڙ ساهہ وارو پکي هن عنصري قفس مان پرواز ڪري چڪو هو (١١٦١هہ). سيد عبداللطيف شاهہ ڀٽائي سندس وفات واري وقت ۾ جنازي نماز ۾ شريڪ رهيو. رحمة‌الله‌عليہ.

ٺٽي جي شاعرن مان ڪيترن علامہ جي وفات تي مرثيہ ۽ تاريخون لکيون آهن جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿيون :

## از محمد محسن ٺٽوي

| | |
|---|---|
| عارف دین معین حـــق مخدوم | آنکه در عشق جمله تن دل شد |
| نـــور ذهنش بمشکـــلات علـــوم | در شب جهل بـــدر کامل شد |

---

٢- مقالات ص ١٢٦

Marfat.com

آهي ۔ هن رسالي ۾ زور ڏنـل آهي تہ ملن قرآن ۽ حديث کي ڇڏي فقه تي زور ڏنو آهي ۽ هنن هٺرادو مسئلا ناهي خلق کي گمراه ڪيو آهي وغيره ۔ نموني طور هت ڪجهہ ان جا بيت ڏجن ٿا تہ هن تذڪره جا پڙهندڙ سندس ڪلام جي پختگي کان واقف ٿي رهن۔ فرمائي ٿو :

ملو چئجي تن کي جـي وات پڙهن وائي
اندر نہ آهن اکيون سمجهہ نہ سيائي
گهڻي خلق خدا جـي ملـن منجهائي
سور يـا و جـن ,ورسيا ڇڏيـو سٺائي
پرچيا نہ آهن پاڻ ۾ هڏ نہ هيڪڙائي
هڪـڙا چـون هيڪڙي ٻين ٻيائي
ان الذين آختلفوا في الكتاب لفي شقاق بعيد
اهڙين هيڪائي
وَيكتمُوْن ما أنزَل الله مِن البينات عادت اهڙيائي
پڙهي چون نہ بـڌوي معني مڙيائي
وَ تخفُوْنَ ڪثيراً اي بـــرائي
جيڪا ٻوين دل ۾ سٺائن سائـــي
آفرايـت مَن اتخذ اِلهه هَواهٌ ههڙي هوائي
چئي مصلحت آهي ان ۾ اگيان ٿي آئي
اتـڪل ايَ انڏن جي سنوت نہ سٺائي
اِقرَؤا القرآنَ وَ اتّبعو امَا فيهِ نبي فرمائي
نہ ابنيا ان قول تي لئي اوگـن اگرائي
حديثون ڪن پانهنجيون هٿون هوائي
ڪن منسوخ اگين کي ڪري ڪمائي
منشا موجب پنهنجي ننڍن وڏن لائي
ڪـيدي تن ڪتاب ڪيا وڏا عربي وائي

Marfat.com

فقه تن ۾ فارسي هڻين، هلائي
رد ڏنائون تنهن کي جا نبي فرمائي

چڏيائون قرآن جو مذهب محمدين
والقرآن امامي کوڙهيا کن نکن

ختما پڙهو پڙهو تن جا ولها ٿا وکڻن
تيلاه مصحف تڙيا رزق لاء رلن

هٽي هڪڙي دين سان چرکون کيون چورن
ان الذين فرّقوا دينهم وكانوا شيعا پڙهي پروڙجن

وات وجائي اصلي ٿا گٿا گس پڇن
خطّ لنا رسول الله خطا قال هذا
سبيل الله بوڙا مر بڌن

کن واٽون چارچيون، کي کي خمس چون
هيڪڙن هڪڙي ورتي، بيون سب ٻن

ائين ٿي طرف ٿيا نه ته هٺا هيڪ ورن
نکي چار قرآن ۾ نکي اکيو حديثن

جي ٿيون هيون ته چيون اگيان اصحابن
بر بعد خليفن جي اي بر کي ابوجهن

کو چوائي مالکي، کي شافعي ڏانهن ڏسن
کي حنبلي ڏي هليا، کي حنفي ڏانهي هن

نالا ونن تن جا جني کين چين
هو نه نبن پاڻ سن هو پاڻهن ڏاند چرهن

مذهب جنهن محبوب جو تنهن جو کين کهن
ناله نبي کريم جو واها کين ونن

هي بيت وچو واڙي آندل اهن نه ته سموري رسالي ۾ کٿي حد
تائين علماء سوء جي مذمت کيل آهي ۽ صوفياء ڪرام جي تابعداري

Marfat.com

هڪجهڙا عقيدتمنديءَ سان پيش ايندا هئا ۽ شهر تي سندن خانداني ۽ شخصي بزرگيءَ ڪري ڪافي اثر هوندو هو. (١٢٩٢هه) ۾ سفر حج جي ارادي سان پنهنجن ٻن فرزندن پير شمس الدين ۽ پير نورالدين سميت ڪيترن خادمن سان نڪتا. حرمين شريفين ۾ برابر ڇهه مهينا رهيا. ان زماني ۾ مڪي ۾ خواجه محمد عمر جان مجددي ۽ مديني ۾ خواجه مظهر جان مجددي رهندا هئا، جن جو حرمين ۾ ڪافي اثر هو. ترڪي حڪومت جا اعليٰ آفيسر هنن ٻنهي صاحبن جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ رهندا هئا. انهن بزرگن پاران خواجه امام الدين جو عزازت ڪري ڏاڍو عمدو استقبال ٿيو ۽ هن صاحب پنهنجن ٻنهي فرزندن جي خواجه محمد مظهر جان کان نقشبندي طريقي ۾ بيعت ڪرائي. خواجه محمد مظهر جو دستور هوندو هو ته اڌ رات کان پوءِ روزانهٔ غسل ڪري مسجد نبوي ۾ ايندا هئا ۽ تهجد ادا ڪري روضي جي اندرئين پڄري ۾ ويهي پنج پارا قرآن شريف جا تلاوت فرمائيندا هئا ۽ صبح جي نماز ۽ اشراق جي نفلن کان پوءِ جاءِ تي واپس اچي آرام ڪندا هئا ۽ اهو سمورو وقت حرم نبوي جا خادم حڪومت ترڪي پاران سندن لاءِ روشني وغيره جو پورو پورو بندوبست رکندا هئا.

خواجه امام الدين کي مديني واري سفر ۾، بدوين رستي ۾ ڏاڍي تڪليف ڏني هئي، اها سڌ جڏهن خواجه محمد مظهر کي پيئي تڏهن مديني جي ترڪي گورنر کي حڪم ڪيو ويو ته، سمورا بدوي جيڪي قافلي سان هئا تن کي قيد ڪيو وڃي، جنهن تي بدوي قيد ٿي ويا، پوءِ هڪ پنجابي مولوي خواجه امام الدين کي گذارش ڪئي ته اوهان حضور صلي الله عليه وسلم جن جي روضي جي زيارت لاءِ آيل آهيو ۽ سندن همسايه بدوين کي قيد ڪرايو! سا ڳالهه مناسب نه آهي. جنهن تي خواجه صاحب کي ايڏو جذبو آيو جو کٽ تان هيٺ ڪري پيا. خادمن کي حڪم ڪيائين ته خواجه محمد مظهر کي گهرايو ته هو

Marfat.com

صاحب هڪدم اچي بدوين جي آزاديءَ جو حڪم ڪيو، جنهن تي خواجه محمد مظهر کي پڌايو ويو ته اوهان جو سنڌي پاءُ اوهانجي انتظار ۾ آهي. اگرچه اهو هن بزرگ جي قيلولہ جو وقت هو پر ان هوندي به هو صاحب هليو آيو، جڏهن بدوين کي آزاد ڪرايو ويو تڏهن کين آرام آيو ۽ پوءِ کٽ تي وڃي ويٺا .

حرمين جي زيارت کان بصد حسرت الوداع ڪري وطن ڏانهن واپس ٿيا. ڪراچيءَ کان پوءِ هڪ ٻيڙي جي ذريعي سکر اچڻ جو ارادو ڪيائون جو ان وقت ريل جو رستو ڪونہ هو، جڏهن سندن ڪشتي لڪيءَ وٽ پهتي تڏهن پاڻ فرمايائون ته هاڻي الوداع آهي ! سڀني احبابن کان رخصت ڪري ڪلمہ طيبہ پڙهي هڪ لمحہ ۾ پنهنجي جان، جان آفرين جي حوالي ڪيائون . اهو واقعو سال ١٢٩٤هه ۾ ٿي گذريو . سندس نعش مبارڪ کي لڪي جي ٻهاڙن ۾ سپرد خاڪ ڪري هي قافلو شڪارپور اچي پهتو. مگر ڇهن مهينن کان پوءِ سندن وڏو فرزند انن جي ذريعي سندن لاش کي لڪي مان ڪڍائي شڪارپور آيو ۽ ان وقت هزارن ماڻهن هڪ ميل لمبي جلوس ۾ شڪارپور باهران جنازي جو استقبال ڪيو، ۽ سندن بدن — جو ٦ مهينن کان پوءِ به بلڪل صحيح ۽ سالم موجود هو — تنهن جو به ديدار ڪرايو ويو . خواجه امام الدين کي سندس والد خواجه نظام الدين جي مقبري ۾ لکي دروازي شڪارپور ۾ دفن ڪيو ويو. حافظ حاجي قائم الدين شڪارپوري خواجه جي شان ۾ ڪيترا مرثيا چيا آهن جن مان سنڌي جا چند شعر هيٺ ڏجن ٿا :

شه امام الدين عارف نامور

چائيو جو جام دلبر دوست در

Marfat.com

نسل کان حضرت مجدد جي، جواڻ
صدر سرهندي، سچو سالڪ سڄاڻ
گل، نظام الدين شه جي باغ جو
ويو ھڻي سڀڪو دلين تي داغ جو
ھُولڙا ۽ حشر ۾ ماتم ٿيا
جن، انسان ۽ ملڪ، منجھ غم ٿيا
قائم الدين آھي ڪُماڻو يار لئي
بلبلون بي خوش رھيون گلزار لئي

## قطعہ تاريخ وفات از پير رفيع الدين مجددي شڪارپوري

آه صد حسرت ز فوت حضرت صاحب کمال
ضعف دل افزود از این واقعه اندوه حال

حاجي الحرمين پير خلق، آل احمدی
منبع حلم و حیا آن صاحب جود و نوال

شه امام الدين کامل، وای! صد افسوس وای!
رفت زینجا در جنان آن صاحب شیرین مقال

سال وصل، آن حضرت عارف، ولی نیک خو
با هزاران درد از هاتف رفیع کرده سوال

گفت هاتف : سال نقلش با هزاران درد گو
شاه زیبا آن امام الدين گو: زیبا خصال

١٢٩٣ھ


ھن بزرگ جو پوٽو پير مولوي فضل احمد صاحب مجددي شڪارپور ۾ مسند نشين آھي، جنھن جي ذريعي ھي حالات دستياب

Marfat.com

ٿيا آهن. الله تعاليٰ هن بزرگ ۾ برڪت ڪري شال ۱ .

---

۱- نسب نامو هن ريت آهي :




Marfat.com

# ٨٤- مخدوم امين محمد ثاني هالائي

ولد مخدوم محمد زمان ثالث. حضرت مخدوم نوح سخي سرور جي اولاد مان سندس درگاه جو سجاده نشين بزرگ تي گذريو آهي. سندس ولادت ١٩ رجب ١٢٥٦ھ تي ٿي. هو صاحب سهروردي طريقه جو پير ۽ اميرانه زندگي جو مالڪ هو. پنهنجي همعصر جناب پير سيد رشيدالدين صاحب العلم الثالث (جهنڊي واري) سان خصوصي اعتقاد ۽ محبت هوندي هوس. هو وڏو سخي ۽ دريا دل مرد هو، سنڌي شاعري ۾ تمام ڪمال حاصل هوس يعني تہ سنڌي شاعري جي سڀني اصنافن ۾ سندس ڪلام موجود آهي، ڏوهيڙا، ڪافيون، غزل وغيره پنهنجا ڪيترائي يادگار ڇڏيا اٿس. هو توحيد جي مسئلي ۾ عام صوفين جي طرز جو تابع آهي. سندس موحدانہ ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بانگ الست ربي، ڇئي عشق جنگي آيو
ميدان معرفت ۾ ڪوتل تني ڪڏايو
ڏسي عشق جا اشارا، رهندا سي ڪيئن ويچارا
نيٺن وهائي نارا، هي هي جو هل مچايو
جف القلم ۾ جاني، ڪئي ڪل تي ڪامراني
لاريب لن تراني، ارني ٿي ڪنهن الايو؟
ڪربل ۾ خيمہ کوڙي، ڪنڌ ڪات ڪان نہ موڙي
تيغ و تبر سان توڙي سر بر سنان سنڀاليو
قالوا بلى ڪهائي، ساڳي صحيح سچائي،
انوقت ڪي جي جائي، تنهنجي روح ڪيڙو رايو
لاشڪ لباس لاهي، ڪثرت ۾ پير پائي،
احمد اچو سڏائي **محمد امين** تي آيو

انسانيت جي گهڻين خوبين جو مالڪ هي بزرگ ٤٧ سالن جي

Marfat.com

مجدّدي شاگرد شاه محمد اسحاق دهلوي کان صحاح سته جي اجازت حاصل ڪئي. هڪ دفعو حرمين مان قاهره جو سفر ڪيائين جتان هڪ ڪتب فروش کيس قرض طور فقط زباني اعتبار تي ڪيترا ڪتاب فروخت ڪري ڏنا، هن بزرگ پنهنجي قول جي برقرار رکڻ ۽ پرائي امانت ۽ قرض ادا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪتاب فروخت ڪري سمورو قرض مصر جي انهي واپاري کي ادا ڪري ڏنو. مولوي صاحب، مان راقم جو ڏٺل هو ۽ ساڻس ڪيترا دفعا ملاقاتيون ٿيون. هو بي حد متقي ۽ شريعت جو پابند ۽ دين جي ڳالهين ۾ ڏاڍو سخت هو. حيدر آباد ڇڏڻ کان پوءِ گهڻو وقت بلوچستان ۾ وڃي رهيو. منڙي ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين ۽ ڪيترا ماڻهو مريد به ٿيا ۽ ان کان پوءِ وري پنهنجي وطن ۾ اچي رهيو ۽ اتي ڪيتيءَ جو ٽڪرو آباد ڪري ان مان گذران ڪندو رهندو هو، پر ڪنهن کي به ڪڏهن سوال نہ ڪيائين.

١٣٢٧ع ۾ اسان جي طالب علمي جو زمانو هو ان وقت سندس شاگرد قاضي هدايت الله متعلوي جو هڪ ڪتاب 'ڪواڪب السعادات' نالي ڇهن حصن ۾ پڌرو ٿيو جنهن ۾ حضرت امير معاويه رضہ جي شان ۾ گستاخي ٿيل هئي. جدا جدا علمائن ان تي اعتراض اٿاريا، انهن سڀني ۾ مولانا احمد صاحب سڀ کان پيش پيش هو. 'تحفه اولي الباب في رد علي طاعن الاصحاب' نالي هڪ رسالو مولوي صاحب جي نالي ڇپجي پڌرو ٿيو جنهن ۾ حضرت معاويہ تي وارد ٿيل اعتراضن جا جواب ڏنا ويا ۽ قاضي صاحب تي آخر ۾ تعزير جي لائق هجڻ جي فتوي جڙي وئي. قاضي هدايت الله ان جو جواب 'ردالهفوات' لکي پنهنجو بچاءُ ڪيو، اهو رڳڙو اڃين هليو ٿي تہ قاضي صاحب فوت ٿي ويو ۽ اهو دور اڃين ختم ٿي ويو.

١٣٣٩ھ ۾ يورپ جي وڏي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ ترڪي جي خلافت جو مسئلو ڇڙيو جنهن ۾ سنڌ جي مسلمانن حضرت مولانا سيد

Marfat.com

تاج محمود صاحب امروٽي جي سرڪردگي ۾ وڏو حصو ورتو ۽ هن قومي تحريڪ کي پوري قوت سان هلايو ويو ۽ مولوي احمد صاحب ملوي انهن ماڻهن مان هو جن پوري جوش ۽ جنون سان هن ڪم ۾ بهرو ورتو هو.

تمام ٻڍو ٿي ويو هو، تصوف ۾ گهڻن ڪري پڙهائي وغيره جو شغل ڇڏي ڏنو هوائين. پڪي موحّد هجڻ ڪري مخالف ڪيس وهابي سڏيندا هئا، خلافت تحريڪ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪي سال سندس نالو ٻڌڻ ۾ نه آيو، معلوم ٿيو ته سفر جي حالت ۾ هن بزرگ عالم صوفي سفيد ريش شڪارپور جي لڳ ١٩٣٢ع ۾ وفات فرمائي.

# ٨٧- مير حسين علي خان ٽالپر

مير حسين علي ولد مير نور محمد ولد مير مراد علي خان ٽالپر (فاتح سنڌ مير فتح علي خان جو ننڍو ڀاءُ). مير حسين علي خان به انهن آواره بخت ٽالپرن مان آهي جن جي اکين اڳيان سنڌ ۾ سندن راڄ ختم ٿيندو نظر آيو. هي صاحب ١٨٢٩ع (١٢٤٥هه) ۾ ڄائو. سندس تعليم تربيت بين ٽالپرن کان چڱي نموني ۾ ٿي، هو فارسي جو شاعر ۽ عربيءَ جو چڱو عالم هو، مياڻي جي جنگ کان پوءِ هو ٻين ميرن سان ڪلڪتي ۾ نظربند ٿي رهيو ۽ اتي ڪيترا غزل حسب حال لکيائين- ١٨٥٩ع (١٢٧٦هه) ۾ لارڊ ڊلهوزي وائسراءِ هند جي هڪ اعلان موجب نظربندي ختم ٿي ۽ وري سنڌ ۾ موٽي آيو. سندس گذران لاءِ جاگير ۽ ٣ هزار پنشن مقرر ٿي جنهن تي قناعت ڪري ٻنهنجي چمار جو پويون وقت گذاريندو رهيو.

انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽر فندر عيسائي مبلغ جو، اسلام جي برخلاف پارسي زبان ۾، هڪ ڪتاب پڌرو ٿيو جنهن جو جواب هندستان جي

Marfat.com

سندس تاريخ وفات آخوند احمد ملا ساوڻي هالائي هيٺين ريت چئي آهي.

بسا گردش آسمان ذلتی ست — پی آزار مردم به بی حمیتی ست
ایا شاه عالی نسب ذوالکرم — که حاتم ز همتای بی همتی ست
بمدحش زبان کی رسد چون سها — که خورشید اوج فلک رفعتی ست
ز داغ وداعش همه خاص و عام — دل سوخته چشم تر کربتی ست
بمیم محمد بالف امام — محمد حسین علی جنتی ست
۴۰ ۱ — ۲۱۹۵ - ۴۱ - ۱۲۵۴

☜ نظم ۽ نثر ۾ فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ مير صاحب هيٺيان ڪتاب تصنيف ڪيا:

۱) مناقب علوي، فارسي نثر
۲) شاهد الامامت، فارسي نثر
۳) لب لباب، فارسي نثر
۴) ديوان حسين، فارسي
۵) ديوان حسين، سنڌي - اردو.

نسب نامو هي آهي:

مير صوبيدار خان
|
مير مراد علي خان "علي"
والي سنڌ (متوفي ۱۲۴۹ هه)
|
مير نور محمد اول
|
مير محمد حسين علي خان "حسين"
|
مير حاجي نور محمد خان ثاني
|
مير حاجي علي بخش خان
|
- پروفيسر ڊاڪٽر مير نور محمد خان (زنده)
- مير مراد علي خان (زنده)
- مير امير علي خان (زنده)

Marfat.com

# ٨٨- پير سيد حزب الله شاه راشدي

ولد سيد علي گوهر اول ولد سيد مولانا پير صبغةالله شاه ولد پير سيد حضرت مولانا محمد راشد صاحب (روضي ڌڻي) رضي‌الله تعاليٰ عنهم. خانداني عالم ۽ خانداني درويش ۽ خانداني امير گهرائي ۾ هي بزرگ ١٢٥٥هه ۾ تولّد ٿيو. سندس والد هن جي ننڍڙي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. تعليم ۽ تربيت جو ڪم خانداني ميمبرن جي حوالي رهيو. شروع ۾ آخوند محمد پير گهوڻائي وٽ قرآن شريف ۽ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائون، ان ڪان پوءِ مولوي حاجي عيسيٰ مشهور محدث ڪي پاڻ وٽ رهائي ان ڪان فارسي ۽ عربي علومن جو اڀياس ڪيائون ۽ مولوي عيسيٰ صاحب جو ڏاڍو ادب ۽ احترام ڪندو هو ۽ آخر ۾ پنهنجا وڏا فرزند بہ مولوي صاحب جي حوالي ڪيائون جن مولوي صاحب وٽ تعليم ورتي. شعر شاعري سندن خاندان ۾ هليو آيو ٿي. پاڻ فارسي شاعري ڏانهن گهڻو لاڙو رکيائون، تخلص 'مسڪين' سان گهڻو شعر چيو اٿس. مولوي بهاءُالدين 'بهائي' ۽ مولوي محمد عاقل 'عاقلي' سندس ڪلام ڏسندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن بهائي اصلاح بہ ڪندو هو.

اگرچہ هو ننڍپڻ ۾ سجاده نشين ٿيا پر ان سان گڏ علم ۽ هنر ڏانهن سندس ڏاڍو لاڙو رهيو. نقاشي ۽ ڪاشي سازي، خوشخطي ۽ حڪمت ۽ طب ۽ موسيقي جا پاڻ وڏا ماهر استاد هئا. ڪتابن سان تمام گهڻو شوق هوندو هون. هندستان ۽ ايران مان خوشخط ۽ طلائي منقش ڪتاب سندن دربار ۾ فروخت لاءِ ايندا هئا ۽ گهريون گهريون قيمتون ڏيئي ڪتاب خريد ڪندا هئا. فن ڪيميا جو تمام گهڻو شوق هون جنهن ۾ تمام گهڻو ڪمال حاصل ڪيو هوائون، انهي زماني جا انهي فن جا مالڪ گهڻو ڪري وٽن مهمان ٿي اچي رهندا هئا ۽ مخفي مجلسون ٿينديون رهنديون هيون، سخن جا قدر شناس هن حد تائين هئا جو هڪ

Marfat.com

هو ۽ مريدن جو نذر نياز وصول ڪندو هو ۽ پير سائين وڏي يعني پنهنجي والد جي ارشاد موجب سمورن حقدارن کي حصہ رسد روزينو بہ پهچائيندو هو.

پير صاحب درگاه راشديہ قادريہ جي سجادگي تي برابر ٤٥ سال نهايت اوج ۽ عروج سان فقيري ۽ اميري ۾ گذاري ٥٣ ورهن جي چمار ۾ ٤ محرم ١٣٠٨هہ ۾ هن دنيا فاني جي مطالعہ کان اکيون بند ڪري دائمي دنيا ڏانهن رحلت فرمائي ويا.

مون سان مولوي محمد عاقل عاقلي ڳالهہ ڪئي تہ حضرت پير سائين حزب الله شاه (تخت ڌڻي) جو لاڏاڻو زهر ڏيڻ جي ڪري ٿيو. مولوي صاحب چيو تہ مان ان وقت پيرڳوٺ ۾ موجود هوس، اهو واقعو تمام ٿورين گهڙين ۾ ٿي گذريو. انا لله و انا اليه راجعون. سندس مهر ۾ هي شعر اڪريل هوندو هو:

هست ورد زبان حزب الله     کلمـــۂ لا الـــه الا الله

سندس وفات تي مولوي بهائيءَ هڪ تاريخي مرثيو لکيو آهي جو هيٺ درج ڪجي ٿو:

جناب صاحب دستار **پير حزب الله**     ولیؔ کامل، مرد خدایؔ، پیر جهان
سخی و صاحب سجاده و سلیم القلب     وفی و وافی و واقف، ز رازهایؔ **نهان**
همه خصال حمیده ازو، کمال گرفت     سخاؤ شرم و وفا و مروت و احسان
چه صورتی که هزاران هزار معنی داشت     چو او نزاد، نزایـد ز مادر دوران
بدر کشید همه خلق از خودی بخـدا     چو گشت ساقی جـام محبت یزدان
بصبر و شکر و رضاؤ توکل و تسلیم     بعشق و شوق و محبت مدام با وجدان
ز ملک سنده چه گوئیم تا ممالک هند     اسیر دام کرمهایؔ اوست پیر و جوان
ز برقع بشری رخ نمود شاهـد غیب     هزار غمـزه همی زد بصورت انسان
نه شاعرانه در اینجا مبالغت کردم     **بهائیا** سخن راست گفتم از دل و جان
پیؔ تولد او سال '**مرد شوق خدا**'     بروز مـه **شوال هژدهم** میخوان

**١٢٥٥**

**بظهر چارم عاشوره نیک روز خمیس**     ازین جهان بجهانؔ جنان کشید عنان
ز رویؔ خود چو منور نمود جنت را     بگفت سال وصالش 'خرد **چراغ جنان**'

**١٣٠٨ھ**

**بهائیا** چو چنین بد ارادت مولی     **خموش باش و صبوری گزین مشو نالان**

Marfat.com

پير صاحب جي وفات ڪري ڪن عاشق حرن پاران خودڪشيءَ جا واقعا ٿيا ۽ ملڪ ۾ حد کان زياده حادثا ٿي گذريا. سندن گاديءَ تي رسم موجب وڏي فرزند شمس العلماءَ علي گوهر شاه کي وهاريو ويو مگر هن کي ستت ئي استسقا طبلي (جلندر) جي بيماري ٿي پئي جو ڏيڊ سال کانپوءِ اهو بزرگ بہ لاولد وفات ڪري ويو. ان کانپوءِ پير صاحب مرحوم جي ٻئي فرزند علي مظفر شاه جي بجاءِ ٽيون نمبر فرزند شمس العلماءَ پير سيد شاه مردان شاه (ڪوٽ ڏٺي) گاديءَ تي ويٺو. پاٿرن جو جهيڙو هليو، پروي ڪونسل تائين مقدمو لڙيو ويو مگر آخرڪار ڪامياب شمس العلماءَ پير ڪوٽ ڏٺي ٿيو. الله تعاليٰ جي انهن سڀني تي رحمت هجي شال. حضرت پير حزب الله شاه جو فارسي ڪلام 'ديوان مسڪين' جي نالي هڪ جاءِ تي مرتب ٿيل آهي. نمونہ ڪلام هيٺ ڏجي ٿو.

## غزل

ما فقيرانيم مارا با زر و زيور چه کار
همچو ابراهيم با سرمايهٔ آذر چه کار

چون مرا در حشر از هنگامهٔ او پاک نيست
حرز جان تصوير جانان دارم و ديگر چه کار

عکس روی يار مارا جلوهای ديگر است
از مه و خورشيد نتوان يافت با اختر چه کار

اولين روز از اديب عشق و از تدريس او
خوانده ام حرف محبت را و با دفتر چه

از کتاب حسن ما حرف محبت خوانده ايم
با سماع قصهٔ دارا و اسکندر چه کار

سود سودان را ز دنيا و ز عقبی يافتم
گيسوی دلبر بکف با مشک و با عنبر چه کار

Marfat.com

# ٨٩- مخدوم حسن الله پاٽائي صديقي

ولد مخدوم وهب الله صديقي پاٽائي. ننڍپڻ ۾ پنهنجي چاچي عارف بالله مخدوم حاجي فضل الله ١ وٽ تعليم ورتائين ان کان پوء آخرين ڪتاب حضرت مولانا نور محمد ۽ سندس فرزند مولانا گل محمد صاحب شهدادڪوٽي وٽ ختم ڪيائين. سندس همعصر ۽ همدرس علمائن مان مولوي محمد حسن حيدرآبادي ۽ مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسيني، مولوي عطاءُ الله فيروزشاهي ۽ ٻيا ڪيترا شهدادپوري سلسلي جا وڏا وڏا علماء هئا.

مخدوم حاجي حسن الله سموري زندگي درس تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ گذاري، هو هڪ وڏو عالم ۽ متڪلم ۽ مناظر ۽ محقق فقيه هو، گهڻو ڪري پنهنجي خانداني عالمن جي فتويٰ ۽ راءِ تي هلندو هو. 'بياض واحدي' جو سندس ڏاڏي مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ جو لکيل آهي، ان جي قولن کي هر حالت ۾ ترجيح ۽ اڳرائي ڏيندو هو. هندستان جي دارالحرب هجڻ جو قائل هو تنهن ڪري سندس استاد ڀائي مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسين واري سان زبردست تحريري مناظرا رهيا، جو هي پوئين صاحب هندستان جي دارالاسلام جو قائل هو. اهڙيءَ طرح مولانا عطاءُ الله فيروزشاهيءَ سان به تحريري بحث جاري رهيا. نوشهره فيروز جي مشهور قاضي محمد عالم اهل حديث سان ۽ مٽيارين جي فقير محمد محدث سان به بعض مسئلن تي تحريري گفتگو ۽ ردڪد هلندا رهيا. مخدوم حاجي حسن الله صاحب جون تحريرون ايتريون گهڻيون لکيل آهن جي هوند گڏ ڪيون وڃن ها ته ڪيترن جلدن ۾ ڪتاب جمع ٿي وڃي ها.

مخدوم صاحب درس تدريس جي سانگي جدا جدا شهرن ۾ رهيو،

---

١- وفات ١٢٩٠هه.

Marfat.com

پـات، در پيلو ۽ متياري وغيره، جتي هيٺين نامور عالمن وٽانئس فيض حاصل ڪيو ۽ فارغ تحصيل ٿيا :

١) مولوي محمد صديق سيتائي
٢) مولوي خير محمد جوڻيجو پاتائي
٣) مولوي مخدوم بصرالدين صاحب سيوستاني
٤) مخدوم معين‌الدين سيوستاني
٥) مولانا ابوالفيض غلام عمر صاحب جتوئي
٦) مولوي سيد شهاب‌الدين هالائي
٧) مخدوم محمد دائود در پيلائي
٨) پيرزادو غلام مجدد متعلوي ·

اهي سمورا ماڻهو وقت جا وڏا مشهور عالـم ۽ فاضل هئا ، انهن کان سواءِ ٻين به ڪيترن ماڻهن کانئن فيض پرايو · حاجي صاحب ٻه دفعا حج جو سفر ڪيو ۽ حرمين جي عالمن مان شيخ عبدالحق مهاجر اله آبادي ۽ ٻين وڏن عالمن سان سندس صحبتون رهيون ۽ ’دلائل الخيرات‘ ۽ ’حزب‌البحر‘ ۽ ’قصيده برده‘ جون اجازتون حاصل ڪيون· حنفي مذهب ۾ ڏاڍو سخت هو ۽ وري حنفيت جي ٻه اها شاخ جنهن جا سندس وڏا ، مخـاديم ٻاٽ ۽ سيوهڻ جا قائل هئا، هو مثـل بزرگن کان امداد وٺڻ جو سختيءَ سان قائل هو ۽ آخر ظهر جي مسئلي تـي تمام تشدد هوس ۽ ان بابت سندس مستقل رسالا لکيل آهن جن مـان هڪ رسالي جو جـواب مولانا ابو تـراب سيد محمـد رشدالله صاحب العلم الرابع ( جهنڊي واري) لکيو هو ·

سنہ ١٣٢٦ھ ۾ هن ورقن جيٰ جامع فقير وفائي ڪي مخدوم صاحب جي زيارت جو پهريون دفعو مدرسہ دارالفيض ڳوٺ سونو جتوئيءَ ۾ شرف حاصل ٿيو · اسان جو اُستاد مـولانـا ابوالفيض جتوئـي مخدوم

Marfat.com

اسان جي سامهون لکيو ويو ۽ ڪتابن جي حوالن ڪيدي ڏيڻ جو ڪم هن حقير راقم اوراق جي حوالي هو . مخدوم صاحب ڏاڍو تکو لکندڙ هو ۽ ڪنهن به سوال تي جيستائين متقدمين مان ڪو تائيدي حوالو نه ملندو هون تيستائين اڳتي نه وڌندو هو. سندن سموري زندگي تدريس، تحرير ۽ تحقيق ۾ گذري . نقشبندي طريقي جا ذڪر اذڪار به جاري هئا ۽ 'دلائل الخيرات' ۽ قرآن شريف جو ورد ۽ 'قصيده برده' به روزانه پڙهندو هو . پاڻ گهڻو ڪري نماز ۾ پيش امام نه ٿيندو هو، پنهنجي ڪنهن شاگرد جي پويان نماز پڙهندو هو . دارالفيوض ڳوٺ سوني جتوئي تعلقه لاڙڪاڻه ۾ حقير جي علمي دستاربنديءَ وقت پاڻ موجود هو ۽ پنهنجن هٿن سان دستاربندي ڪرايائين ۽ ڏگهيون دعائون گهريائين .

ساداتن ۽ اهل بيت ۽ صحابين سڳورن ۽ پنهنجن استادن جو تمام گهڻو ادب رکندا هئا ۽ آخرت ڪيءَ ياد ڪري روئيندا ۽ جماعت کي روئاريندا هئا . اهڙن پاڪ ڳڻن وارو بزرگ، سيوهاڻي ۽ پاتائي خاندان جو پويون حنفي فقيه، سال ١٣٣٩ هجري ۾ هن دنيا فانيءَ مان لاڏاڻو فرمائي ويو. سندس وفات جي تاريخ مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هن ريت لکي آهي :-

| | |
|---|---|
| امتلأ الدهر بانواع المحن | فات عنا الشيخ مولانا الحسن |
| كان شيخاً عالماً متبحراً | كان فى الافضال مفضال الزمن |
| اشتغل بالجهد فى درس العلوم | قد تفقه فى الشرائع والسنن |
| بعد فوته قلت فى تاريخه | مات مولانا الشريف الحسن |

١٣٣٩ھ

## ٩٠- مولوي سيد رستم علي بکري رامپوري

سنڌ کان ٻاهر جن بزرگن ناموري جي زندگي ۽ شهرت حاصل ڪئي تن مان هڪ مولوي سيد رستم علي بکري به آهي . سندس

Marfat.com

سلسله نسب هن ريت ڏيکاريــل آهي: رستم علي، بن سيد اسماعيل، بن محمد اسحاق، بن مير محمد يوسف بکري، هي پاڙو سيد جعفر ثاني جي اولاد مان آهي، جنهن جو سلسلو ڏهين امـام يعني امام علي نقي سان وڃي ملي ٿو.

مولانا محمد اسحاق بکر جي معتمد بزرگن مان هڪ وڏي درجي وارو ماڻهو ۽ سجاده نشين هو. عالي واهڻ (هاڻي تعلقه روهڙي) جو سمورو علاقو قريباً هڪ لک جريب سندس خاندان جي جاگير ۾ هو. سمورن ننڍن ننڍن جاگيردارن جا کاتا هن بزرگ جي دفتر ۾ محفوظ هوندا هئا. بکر جي سيدن مان صحيح نسب هجڻ جو سرٽيفڪيٽ يا سند به هي ئي صاحب ڏيندو هو. يعني جنهن لاءِ هي صاحب سيد هجڻ تسليم ڪندو هو ته هو سيّد آهي، جنهن بابت انڪار ڪنـدو هو ته بس قصو ختم.

مولانا محمد اسحاق جو فرزنـد سيد اسماعيل سنڌ ڇڏي الهآباد (يوپي) هليو آيو ۽ الهآباد جي لـڳ هڪ قصبه ڪوڙا جهـان آبـاد ۾ سيد حاتم علي جي دختر بي بي نور سان شادي ڪئي جنهن جي پيٽ مان مولوي سيد رستم علي صاحب تولّد ٿيو، اهو نالو سندس ناني مير حاتم علي جو رکيل آهي نه ته سندس والـد بزرگ ياران محمد يعقوب نالو رکيو ويو هوس. سيد رستم علي اڃا ١٢ سالن جو هو جو سندس والـده وفات ڪري وئي. سيد صاحب کي ظاهري علمن جي حاصل ڪرڻ کان سواءِ تصوف يا باطني علمن جو شوق لڳو رهيو.

شاه عالي گوهر مغليه گورنر الهآباد سنـدس والد جو ڏاڍو معتقد هوندو هو ۽ ڪيترا دفعا سيد اسماعيل جي پوئتان شاه عالي گوهر جمعه نماز به الهآباد ۾ ادا ڪئي. هڪ دفعو شاه عالي گوهر الـه آباد مان دهلي وڃي رهيو ته مولوي محمد اسماعيـل کي به پاڻ سان وٺي ويـو.

Marfat.com

ان وقت مولوي رستم علي علم جي طلب لاءِ فرخ آباد روانو ٿي ويو، اتان ڪجهه علوم حاصل ڪري وڌيڪ تحصيل لاءِ رامپور آيو ٿي ته واٽ ۾ ٻڌڻ ۾ آيس ته سندس والد مولوي محمد اسماعيل ڳڙهه مڪتيسر (يوپي) ۾ وفات ڪري ويو آهي ۽ خواجه گنج بخش جي مقبره ۾ دفن ڪيو ويو .

مولوي رستم علي انهي زماني ۾ رامپور پهتو، جڏهن رياست تي نواب سيد فيض الله خان جو راڄ هو (يعني ١١٨٨ھ کان ١٢٠٨ھ تائين) رامپور ۾ مولوي نور عالم ۽ مولوي امام بخش کان گهڻا ئي ڪتاب پڙهيائين ۽ منطق ۽ فلسفي جا ڪتاب مولانا بحرالعلوم وٽان تحصيل ڪيائين . سندس دستاربندي جي جلسي ۾ پڳ جو پهريون پيچ مولانا سيد جمال الدين (شاگرد شاه ولي الله دهلويؒ) ڏياريو ۽ انهي ساڳي سيد جمال الدين پنهنجي صاحبزاديءَ سان شادي به ڪرائيس .

سيد رستم علي بڪري هميشه لاءِ رامپور رهجي ويو ۽ سنڌ ڏانهن نه موٽي سگهيو. سموري زندگي ڪنهن امير جي دروازي تي نه ويو. نواب فيض الله خان والي رامپور پاران ڪجهه وظيفو ملندو هوس ۽ ان تي ئي گذران ڪندو رهندو هو. هميشه شاگردن کي درس ڏيندو يا تصنيف تاليف جو ڪم ڪندو هو. حافظ محمد امين ننوڙي (ضلع بجنور) کان سندس بيعت ۽ خلافت حاصل ڪيل هئي جنهن ڪري ڪيترا ماڻهو باطني فيض به حاصل ڪندا رهندا هئا. پرهيزگاري جي هي حد هئي جو ڪڏهن به ري ڏاڙهي چوڪري کي هٿ ڪونه ڏنو هوائين. جيڪڏهن ڌاريءَ عورت جو بيخبريءَ ۾ اوچتو پاسو لڳي ويندو هوس ته فوراً بخار چڙهي ويندو هوس . سندس تصنيفات مان :

١) حاشيه مير زاهد (منطق).

Marfat.com

# ٩٢- شمس الدين بلبل

سنڌ جو نامور اهل قلم، ميان شمس الدين بلبل ميهڙ ۾ ١٨٥٧ع ۾ توللّد ٿيو، ابتدائي تعليم ميهڙ ۾ حاصل ڪيائين. هو هڪ ذهين ۽ هوشيار نوجوان هو، تنهنڪري سندس قابليت جي جوهر پڌري ڪرڻ لاءِ ميهڙ ڇورو نه پيو جنهنڪري ١٨٨٩ع جو ڪراچي ۾ مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي وٽ هليو آيو. جنهن سندس قابليت مان ڪم وٺڻ لاءِ 'معاون' نالي هڪ هفتيوار اخبار سندس ادارت ۾ جاري ڪئي. هن اخبار جي ذريعي مرحوم بلبل سنڌ مدرسة الاسلام ۽ سنڌ محمدن ائسوسئيشن جي تمام عمدي خدمت ڪئي. مرحوم حسن علي جي مددگارن ۾ جيئن مولوي الله بخش نماڻو هو تيئن بلبل به سندس دست و بازو ٿي رهيو. دڪن ايگري ڪلچرل رليف ايڪٽ بابت جڏهن مرحوم آفندي کي ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيڻ جي ضرورت پئي تڏهن زميداري قرض جي انگن اکرن گڏ ڪرڻ جو ڪم مرحوم بلبل تي رکيو ويو، جنهن ساري سنڌ جي زميندارن کان احوال گهرائي آفندي مرحوم لاءِ شاهدي جو مواد گڏ ڪيو. ڪميشن پوني ۾ ويٺي هئي، شاهدي ڏيڻ وقت آفندي مرحوم بلبل کي به پوني وٺي ويو جتي سندس وڏيڪ مدد ڪيائين، جنهن کان پوءِ سنڌ سان زميندارن جي بچاءَ لاءِ دڪن رليف ايڪٽ لاڳو ٿيو.

مرحوم حسن علي جي وفات کان پوءِ بلبل ڪراچي ڇڏي ميهڙ ۾ اچي رهيو ۽ اتان ئي گهر ويٺي ڪن اخبارن جي ايڊٽ ڪندو هو. 'معاون' ڪراچيءَ کان پوءِ 'ڪراچي گزيٽ' جو ايڊيٽر ٿيو مگر اها اخبار ستت ئي بند ٿي وئي.

لاڙڪاڻي جي 'خيرخواه' اخبار جو به ڪجهه وقت ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين ۽ 'الحق' سکر جي به ٿورو عرصو ادارت ڪيائين.

Marfat.com

اخبار 'مسافر' حيدر آباد ۾ ڪم ڪيائين. سکر جي سيٺ حاجي احمد ميمڻ جي مشهور اخبار 'آفتاب' جو هميشه لاءِ ايڊيٽر ٿي رهيو ، جنهن جي ذريعي مسلمانن جي قابل قدر خدمت ادا ڪيائين .

هن جي لکڻي ظرافت آميز ۽ پُر مذاق هوندي هئي جنهنڪري هرهڪ ماڻهو سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو. هن سنڌي زبان ۾ تمام چڱو سڌارو ڪيو ۽ نئين رنگ ۾ سنڌي لٽريچر ۾ اضافو ڪيائين. نظم توڙي نثر ۾ گهڻائي ڪتاب لکيائين، جن مان :

١) نيچرل ڪريما .

٢) ديوان بلبل سنڌي .

٣) بهار عشق .

٤) رحيما ،

٥) تيرهن چار ،

شروع زماني ۾ لکيل اٿس، ان کان پوءِ :

٦) مسلمان ۽ تعليم ،

٧) عقل ۽ تهذيب ،

٨) قرض جو مرض ،

٩) صد پند سود مند ،

پوئين زماني ۾ لکيائين .

١٠) شمس المڪاتيب ،

١١) آحسن التواريخ ،

١٢) ديوان بلبل فارسي ،

١٣) بهارستان بلبل ،

١٤) آئينه ظرافت ،

١٥) گنج معرفت .

Marfat.com

اهي پويان ڪتاب اڄا قلمي موجود آهن. ديني ڪتابن جو سلسلو به لکيو اٿس جو شايد ملڪ ۾ رائج نه ٿي سگهيو.

مرحوم بلبل وقت جي حاڪمن وٽ تمام رسائي وارو هوندو هو، رياست خيرپور جي ميرن ۽ وزيرن وٽ به گهڻو مان ملندو هوس. سندس مطالعه تمام وسيع هو ۽ چڱي لئبريري گڏ ڪئي هوائين. نقشبندي طريقي ۾ مخدوم نظام الدين صديقي پاتائي جو مريد هو ۽ بدعتي پيرن جو سخت مخالف هو، هنن جي خلاف وقت بوقت 'آفتاب' اخبار ۾ مضمون پڌرا ڪندو رهندو هو. ١٩٠٦ع ۾ هن ميهڙ ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد وڌو جو سندس حياتيءَ ۾ اي وي سڪول جي درجي تي آيو. اڄ اهو مدرسو هاءِ اسڪول ميهڙ جي نالي سان آهي ۽ سندس وطن ۾ اهو بهترين تعليمي يادگار آهي.

١٩٠٧ع ۾ جڏهن آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو تڏهن فارسي زبان کي سرڪاري تعليم ڪاتي ۾ رائج ڪرائڻ تي هڪ ٺهراءُ آيو جنهنجي تائيد ۾ مرحوم بلبل تقرير فرمائي جا فصاحت بلاغت جو هڪ بهترين نمونو هئي، جنهن جو هندستان جي وڏن وڏن اڪابرن جهڙوڪ نواب وقار الملڪ پارن داد ڏنو. هو مذهب سنت جماعت جو پڪو پابند هو تان جو پنهنجي آخرين وصيت ۾ لکي ويو آهي ته سندس اولاد مان جيڪو سنت جماعت جي مذهب تي نه هلندو سو محروم الارث آهي. پنهنجي املاڪ کي وقف علي الاولاد جي ايڪٽ هيٺ محفوظ ڪرائي سپٽمبر ١٩١٩ع ۾ ٦٢ ورهن جي ڄمار ۾ هن دنيا مان رحلت ڪري ويو. ١

مرحوم بلبل جي وفات تي مير عبدالحسين سانگي حيدر آبادي ۽ مرزا قليچ بيگ مرحوم هيٺيان قطعات تاريخ لکيا آهن:

١- هيستائين مولانا وفائي الوحيد جي آزاد نمبر ۾ احوال آندو آهي — ڏسو ص ١٣٥.

Marfat.com

شاگردن مان ميان محمد عارف اعوان تخلص 'صنعت' ١ ديـوان جو مالڪ ٿي گذريو آهي، آخوند صاحبـڏنو پنهنجي شاگرد جي شعر جي تعريف هڪ هنڌ هيئين ريت ڪئي آهي :

به شعر صنعت 'صاحب' اگر تو دم بزنی بخلق یـاد دهی معجـزه مسیحـا را

انهيءَ شعر جي جواب ۾ سندس شاگرد هيئين ريت جواب ڏنو :

به‌شعر صاحب 'صنعت' چه‌جای‌دم‌زدنی است کجاست حاجـت مشاطه روی زیبا را

افسوس جو آخوند صاحبڏني جي نه پسماندن جو پتو پئجي سگهيو ۽ نه وري سندس ڪلام جو ڪو پرو پيو جنهن ڪـري هن بزرگ شاعر جو ڪلام سنـدس وفات سان گڏ زمين دوز ٿي ويو . ١٣ صدي هجري جي پهرين اڌ ۾ شڪارپور ۾ وفات فرمايائين . ٢

# ٩٤- مخدوم عثمان ٺٽوي

عالم ، حافظ ، مفتي ، مدرّس ، پنهنجـي وقت ۾ فتويٰ ۽ درس جو مرجع هو . سنـدس درس مان سوين ماڻهو فيض ياب ٿيا ۽ سنـڌ ۾ علمي فيض جون ـ ٺٽي کان پوءِ ـ هن بزرگ وٽان نهرون جاري ٿيون . فقه جي جزئيات ۾ هن بزرگ کي 'مجهدفي‌المذهب' جو درجو نصيب ٿيل هو . شروع ۾ پنهنجي شهر جي فاضلن کان علم حاصل ڪندو رهيو تنهن کان پوءِ نصرپور جي مشهور عالم ، محـدث ، صوفي نور محمد نصرپوريءَ وٽ سمورن علومن جي تڪميل ڪرڻ فرمايائين . اهو مخدوم نورمحمد شاگرد آهي مولانا مخدوم حاجي محمد هاشم ٺٽوي

---

١- صنعت مرحوم ۽ سندس شعر تي پڙهو راقم‌الحروف جو مضمون 'ستاره سنڌ' ۾ ڇپيل. صنعت جو ديوان ٻه دفعا ڇپيو آهي، تازو سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي .

٢- تذڪره لطفي ۾ سنـدس وفات جو سال ١٢٥٠هـ درج آهي. فارسي ديوان ناياب آهي . سندس سنڌي مداح مشهور ۽ معروف آهي . (الرحيم مشاهير نمبر ١٥١) .

Marfat.com

مخدم عبدالواحد جي ولادت با سعادت ١١٥٠ھ ۾ ٿي • – فرخ سير – جي فقره مان سندس سال ولادت ملي ٿو • انهي زماني ۾ سيوهڻ عالمن فاضلن جو گهوارو هو، خصوصاً مخدوم صاحب جو خاندان ته سمورو علم ۽ عمل سان معمور هو، جنهن ڪري هن نونهال جي تربيت ۽ تعليم پنهنجي والد بزرگ جي سايي هيٺ سيوهڻ ۾ ٿي ٿيندي رهي ۽ اڳتي هلي، هو سنڌ جي هڪ خاص علاقي جو، ٽالپرن پاران مفتي تسليم ڪيو ويو •

هن بزرگ کي حنفي فقه ۾ تمام وڏو درڪ ۽ ملڪو هو جو نوين مسئلا حنفي مذهب جي قانون کي سامهون رکي پنهنجي اجتهاد سان حل ڪندو هو ۽ انوقت جا علماء سندس فتوي اڳيان بنا ڪنهن چون و چرا جي گردن خم ڪندا رهندا هئا . سندس فتوائون ايتريون جاري ٿينديون رهيون جو انهن کي سندس شاگرد مولوي محمد افضل گڏ ڪندو رهيو، تان جو ٽن وڏن جلدن ۾ جمع ٿي ويون، جن جو ڪتابي نالو —— جمع المسائل علي حسب النوازل —— رکيو ويو• اڄڪلهه اِهو ڪتاب —— بياض واحدي —— جي نالي سان مشهور آهي •

’بياض واحدي‘ جا نسخا جدا جدا صورتن ۾ جدا جدا قديم علمي خاندانن وٽ ملي سگهن ٿا، جن کي گڏ ڪري جيڪڏهن محنت ڪئي وڃي ته فقه حنفي جو هڪ عجيب ذخيرو جمع ٿي پوي• مگر اجوڪي زماني ۾ فقهي قانون جي ضرورت تمام گهٽجي وئي آهي جنهن ڪري ڪير آهي جو اها محنت ويهي ڪري •

مخدوم عبدالواحد فتاوي نويسيءَ سان گڏ درس تدريس ۽ تصوف ۾ نقشبندي طريقي تي بيعت وٺڻ ۾ مريدن جي اصلاح ڪرڻ جو به شغل جاري رکندو ايندو هو •

مخدوم صاحب حضرت خواجه صفي الله مجدّدي(متوفي ١٢١٢ھ)

Marfat.com

حاصل ڪيو تن مان ڪن جا نالا هي آهن:

١) محمد حسين سيوستاني.

٢) آخوند رازق ڏنو.

٣) رئيس محمد حسن ڪهاوڙ.

٤) ميان محمد امين خيرپوري.

٥) غلام رسول افغان خاموش.

٦) خليفو عبدالحڪيم سيوستاني وغيره ١.

مخـدوم صاحب ڪي خواجہ صفي الله قدس سره پاران جيڪو اجازت نامو عطا ٿيل هو ان جا لفظ هي آهن:

بسم‌الله الرحمن الرحيم

اجازه لعبدالله مخدوم عبدالواحد من عبدالله فقير صفی‌الله علی اقتداء فعل رسول‌الله صلی‌الله علیه وسلم حیث مفاتیح الحرم لمن کان یملک قبل فتح مکة زادها الله شرفاً تعظیماً و بحسب امرالله ان تؤدی الامانات الیٰ اهلها فلذلک أنا اؤدی الامانة الی من هو أهلها اجیز اجازة لمن هو حری بذلک أعنی الاخ فی‌الله المخدوم المسطور الخ. (مسودات ميان حبيب‌الله)

هن اجازت نامہ جي عربي عبارت مان ظاهر آهي تہ مخدوم صاحب ۾ اڳ ۾ نقشبندي طريقي جي خليفي ٿيڻ جي اهليت ۽ لياقت موجود هئي. حضرت خواجہ صاحب ڪي فقط پنهنجي امانت پهچائڻي هئي جا پوري حقدار ڪي پهچائي ڏنائين.

مخدوم عبدالواحد جي زماني ۾ حيدر آباد جي ٽالپرن مان مير ڪرم علي خان جو ڏاڍو اوج ۽ عروج هو. سيوهڻ جي ٻاهران سندس شڪارگاه هوندو هو جتي اچي مهينن جا مهينا رهندو هو. هن وقت

---

١- مخدوم محمد عابد انصاري سيوهاڻي (١١٩٣-١٢٥٨) ۽ مولانا محمد افضل بہ سندس شاگرد هئا. (الرحيم ص ٦)

Marfat.com

صوفيانہ رنگ ۾ رنگجڻ لڳو ۽ سندس پير ڀائي فقير خير محمد هيسباڻي بلوچ جي صحبتن انهيءَ رنگ کي وڌيڪ پختو بڻايو ۽ جذبہ عشق توحيد ۾ اچي سنڌي زبان ۾ پنهنجي موحدانہ عقيدن جو شعر جي صورت ۾ اظهار ڪرڻ لڳو. هو گهڻوئي وقت مرشد جي شهر ۾ رهي ذڪر فڪر جا چلا پچائيندو رهيو ۽ ان کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ گذارڻ لڳو. سندس ڪافين جي ڏاڍي قبوليت ٿي ۽ سمجهدار ماڻهو سندس ڪلام مان روحاني سرور حاصل ڪرڻ لڳا. عثمان فقير جون اڄ تائين ڪافيون ڳايون وينديون آهن پر انهن جي معنيٰ پروڙڻ وارا تمام ٿورا ماڻهو آهن. اسان سندس هڪ ڪافي نموني طور هيٺ ڏيون ٿا:

پهريون پاڻ سڃاڻ　　سيڪا صورت پوءِ سڃاڻي.

١) خلق ........ صورت سارو　　پاڻ وساري ڪر تون نظارو

اهو سڄ آهجاڻ　　جاڻ وڃائي پوءِ تون ڄاڻي.

٢) گهوٽ آيو تنهنجي گهر ۾　　وفي انفسکم آهي اندر ۾

منجهہ وجود وٿاڻ　　طرف ٻئي تون ڇو ٿو تاڻي.

٣) ڪثرت نالو تنهنجو ناهي　　اها ذات اصل جيڪا آهي.

سا تان توئي ساڻ　　آءٌ وڃؤن تون ڇو ٿو آڏي.

٤) پير مغان 'عثمان' اهوئي　　بي خود جام پياري جوئي

مئي ڏئي مهراڻ　　موج الٰهي پوءِ تون ماڻي.

عثمان فقير ٽالپرن جي حڪومت جو سمورو دور ڏٺو هو ۽ برابر مني صديءَ کان وڌيڪ ڄمار حاصل ڪري سنہ ١٢٧٩ھ (١٨٦٠ع) ۾ چڳيلائي جي حالت ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وفات تي فقير خير محمد هيسباڻي هيٺيون شعر خطاب ڪندي چيو آهي، جنهن ۾ مختصر انداز ۾ سندس صوفيانہ زندگي جو ذڪر ڪيل آهي:

Marfat.com

علاقي کي روپاه سڏيو ويندو آهي جو هن وقت بلوچن (ٽالپرن) جي حڪومت هيٺ آهي .

اصل سيد عبدالرحمان جو ڏاڏو عرب شاه نالي عرب کان سنڌ ۾ روپاه جي پرڳڻي ۾ اچي رهيو ۽ ڪنهن چڱي گهراڻي مان شادي ڪيائين جنهن مان ڪيس ٻه فرزند پيدا ٿيا :

١) سيد محمد

٢) سيد دين محمد

پهريون لاولد فوت ٿيو ۽ پوئين سيد دين محمد کي ٽي پٽ ڄاوا:

١) سيد حسن محمد

٢) سيد يار محمد

٣) سيد حسين محمد

يار محمد جو اولاد محمد اڪرم ٿيو جو شاهه عبدالرحمان جي وفات کان پوءِ هندستان ۾ اچي رهيو . باقي پهرئين سيد حسن محمد مان ٻه پٽ پيدا ٿيا :

١) سيد شيخ محمد

٢) سيد علم الهديٰ .

هن سيد علم الهديٰ کي فرزند ٿيو هو، جنهن جو نالو محمد حسن هو ۽ انهيءَ محمد حسن جو فرزند سيد عبدالرحمان موحد لکنوي آهي. اهڙيءَ طرح سيد شيخ محمد جو فرزند مخدوم مولانا عبدالحڪيم ٿيو جو حضرت موحد جو سوٽ، استاد ۽ مرشد پڻ هو . مولانا عبدالرحمان موحد ١١٦٠هه ۾ تولد ٿيو ١٢٠٥هه ۾ حج جو سفر ڪيائين . ١٢٠٦هه ۾ وطن واپس اچي مولانا سيد عبدالحڪيم کان ـ محمديه سلسله ـ ۾ بيعت ڪيائين. ١٢٠٧هه ۾ اجمير ۽ جي پور، الور، ريواڙي مان ٿيندو دهليءَ ۾ پهتو . دهليءَ ۾ شاه محمد عظيم خليفه مولانا

Marfat.com

فخرالدين جي صحبت ۾ سلسلہ نظاميہ چشتيہ ۾ داخل ٿي خلافت حاصل ڪيائين . دهليءَ مان گهمندي ڦرندي امروه ضلع مراد آباد ۾ اچي پهتو ، جتي شاه عبدالباري جي خانقاه تي برابر ٦ مهينا رهيو پيو هو . امروه ۾ خليفو غلام غوث قادري ۽ مولوي حنيف الله صاحب نقشبنديءَ سان سندس صوفيانہ صحبتون رهيون ۽ ان کان پوءِ هو لکنو وڃي رهيو .

شاه عبدالرحمان موحد سنڌي جي ارادت جو حلقو تمام وسيع هو ، خصوصاً يوپي علائقي جا علماء ، شعراء ۽ امير تمام گهڻي انداز ۾ سندس مريد ۽ خليفا هئا . - انوارالرحمٰن - ۾ سندس خليفن جا هيٺئين ريت نالا ڏيکاريل آهن :

١) فتح علي شاه ولد محمد فاضل خان فتحپوري اميٺي ،
٢) پنو خان ولد رحمت خان لکنوي ،
٣) خواجہ محمد شريف ولد خواجہ سيد سلطان الدين محمد ،
٤) مولوي ابوالحسن ولد شيخ رياض احمد ردولوي ،
٥) حرمت خان افغان جهان آبادي ،
٦) مولوي امير علي شاه ولد شيخ محمد بخش .

هي بزرگ، احمد معروف بہ ملا جيون مصنف - نورالانوار - ۽ - تفسيرات احمدي - جي اولاد مان هو . اهو ملا جيون حضرت اورنگزيب عالمگير جو استاد ۽ پنهنجي وقت جو نامور عالم هو .

مولوي امير علي برابر ٧ سال مولانا سنڌي جي خدمت ۾ فيض حاصل ڪري ١٢٤٢هه ۾ خلافت حاصل ڪيائين . اهو اسلام تي جان ڏيندڙ ۽ وڏو مجاهد صوفي هو . جنهن تہ فيض آباد (اجودهيا) ۾ هڪ مسجد تي تڪرار ٿي پيو ، اوده جو نواب هندن جي طرفداريءَ ۾ هو. مولانا امير علي مسجد ڇڏائڻ لاءِ مجاهدين جي ٽولي ڪاهي

Marfat.com

مسجد جي آزاديءَ لاءِ اڳتي وڌيو جنهن ۾ شهيد ٿي ويو. مولانا امير علي جا پڻ ڪيترا باڪمال خليفا ۽ مريد هئا.

٧) حضرت امان‌الله جوڏپوري
٨) شيخ محمد قاسم ديبالپوري
٩) مرزا عبدالشڪور بيگ لکنوي
١٠) مرزا صادق بيگ دهلوي
١١) مولوي نورالحق بن مولوي عبدالحق بهاري
١٢) مولوي محمد يعقوب بسالوي
١٣) مولوي سيد امانت علي نيشاپوري
١٤) مولوي حاجي سيد يوسف علي قنڌاري
١٥) شيخ حمايت الله لکنوي
١٦) مولوي غلام محمد صاحب فائق امينوي
١٧) سيد محمد آصف خيرآبادئي
١٨) حاجي قدرت‌الله گوپاموي
١٩) مرزا حسين بيگ لکنوي
٢٠) شاه حسين بخش خان شاڪر فرخ آبادي
٢١) قاضي عبدالڪريم بن محمد مقيم بريلوي
٢٢) مولوي سيد خيرات علي اله آبدي
٢٣) مولوي محمد اڪرم مينائي لکنوي
٢٤) شاه محمد غوث امينوي
٢٥) مرزا ڪلن بيگ مهونوي
٢٦) مولوي شمس‌الدين بن مولوي امانت علي مراد آبادي
٢٧) شيخ عزيزالله ڪرسوي
٢٨) مولوي حميدالدين مهونوي
٢٩) مولوي مجيدالدين مهونوي

Marfat.com

لکھنو ہے یہ ضیا آپ کی پھیلی ہرسو　　فرخ آباد کو شاکر سا ملا جان جہان
ہے جمال آپ کے پرتو کا مجیبی گلشن　　آپ کا خلق درخشان ہے یہان نور فشان

مولانا عبدالرحمان موحد سنڌي ١٢٤٥ه ۾ لکنو ۾ وفات ڪئي. سندس وفات تي مولانا نوراللہ بچڙايوني هيٺين ريت تاريخ وفات منظوم ڪئي آهي:

ای دریغا که چرخ ظلم آئین　　دشمن جان اهل علم و یقین
آفتـاب سپهـر وحـدت را　　گـوهـر نسخهٔ طـریقت را
کرد مخفی ته نقـاب زمین　　ساخت پنهان ز چشم ظاهر بین
شد پوشیده صورت تجریـد　　رفـت از دهـر معنی توحید
شرح این ماجرا همی گویم　　چهره از آب دیده می شویم
شه ملک هدایت و عرفـان　　عبدالرحمان صـاحـب ایقان
شده گلگشت ساز بـاغ نعیم　　گشت داخل بذات ملک ندیم
بادم واپسین خفی و جلی　　بـود روشن "افوض امری"
چون ارادت سرشت نوراللہ　　از "افوض" گرفت تا "الله"
بکرامـات شیخ دین پرور　　یافت از سال ارتحـال خبـر
گوهر مغفرت نثارش بـاد　　شاهد قرب هم کنـارش بـاد

هن نظم جي پوئين حصي ۾ اشارو آهي ته قرآن شريف جي آيت ' افوض امري الي الله ' جو ابجد سان حساب ڪيو ويندو ته سال وفات جو يعني ١٢٤٥ه نڪري ايندو. ١

## ١٠٠. مولوي عبدالرحمان نبي آبادي

نبي آباد تعلقو ڳڙهي ياسين ۾ هڪ واهڻ آهي. هي بزرگ نديءَ چمار ۾ انهيءَ ڳوٺ جي زميندارن جي خواهش سان اچي مقيم

ا. هي مضمون مولانا وفائي توحيد ۾ ڇاپيو آهي ۽ ساڳيو مضمون اڳ، الهه آباد جي رسالي "هندستاني" ۾ ڇپيو هو.

Marfat.com

Marfat.com

پرسیدم آنـدم سال ارتحـالش از دل
با گریه و گداز ، و آه و فغان بی حـد
از روی حال واقعه ، فرمود هاتـف آنرو
٣٢ جنـت نمـود جـائی قاضی علی محمد[۱]
١٣٠٦

## ١٠٢- مولوي عبدالرحمان سکري

هي بزرگ شريعت جو پائبند ۽ بي نفس درويش هو . نئين سکر جي شروع آباد ٿيڻ وقت پنهنجي والد مولوي ڪمال الدين سان گڏجي بلوچستان مان اچي درياه بندر تي رهيو . سنڌ جي مشهور عالم مولانا خليفه محمد يعقوب همايونيءَ کان ديني علومن جـي دستاربندي ڪيل هوس ۽ نقشبندي طريقي ۾ خواجه عبدالقيوم صاحب مجددي قندهاري جو بيعت ٿيل هو . هو هڪ وڏو مهمان نواز هو ، جنهنڪري ڪيترا ئي مسافر وٽس اچي سندس دسترخوان تان نصيب حاصل ڪندا هئا . هن بزرگ جي هٿ تي ڪيترائي هندو اسلام ۾ آيا ۽ بعض حالتن ۾ مٿس انهيءَ سلسلي ۾ مقدما به قائم ٿيا ، پر هو نهايت صبر ۽ استقلال سان انهن حالتن کي منهن ڏيندو رهندو هو . شروع زماني ۾ درس بـه ڏيندو رهندو هو پر پوءِ درس جو شغل ترڪ ڪري فقط خالق خـدا جي خدمت ۾ لڳو رهيو .

مولانا عبدالرحمان جي پوٽي مولـوي غـلام محمد بيان ڪيو تـه روهڙيءَ جو فقير قادر بخش ’بيدل‘ به مولانا عبدالرحمان مرحوم جو شاگرد هو . هڪ ڏينهن فقير قادر بخش ’شرح جامي‘ جو درس وٺي رهيو هو تـه اوچتو ’عشق‘ جو لفظ اچي ويو ، جنهن تي فقير ’بيدل‘ کان اکين مان ڳوڙها ڪري اچي ڪتاب تي پيا . مولانا کي عرض

---

١- ڏسو مفصل احوال تڪملہ ٤٩٠-٥٠٩ ۽ نسب نامه مقابل ص ١١٧

ڪيائين ته: سائين منهنجا! عشق جو لفظ ته زمين آسمان کان به وڏو نظر اچي ٿو مون کي اهو بس آهي، هاڻي پڙهڻ ننو پڇي سگهيم!

مولانا عبدالرحمان جون ملاقاتون اڪثر ڪري حضرت مولانا تاج محمود صاحب قدس سره امروٽيءَ سان به رهيون ۽ مخدوم محمد صاحب مجذوب سيوهاڻيءَ کان به ڪجهه پرايائين. مولوي عبدالقادر قاسم پوري سان گهڻيون ملاقاتون رهيس. پير سيد حزب الله شاه پاڳارو رحم سندس گهڻو احترام ڪندو هو.

مولانا مرحوم ٢٣- شوال ١٣١٤ هجريءَ ۾ طاعون جي بيماريءَ ۾ ستر ورهن کان به وڌي چمار حاصل ڪري وفات ڪري ويو (رحمة الله عليه). مولوي محمد صالح مرحوم ساڪن ڳوٺ ڏڪڻ ضلع سکر هيٺين ريت سندس مرثيه تاريخ لکيو آهي:

صاحب فيض و کرامت ، عارف قطب زمان
مولوی عبدالرحمن شيخ اسلام جهـان

وارث سجادهٔ حضـرت رسـول ذوالکـرم
شيخ اکمل ، فخر علماء ، عارف عالی مکان

در جهاد نفس و شيطان، عمر خود را کرد صرف
در سرائی بـاغ جنت شد خرامان چون شهان

سال تاريخ وصالش جست صالح از خرد
صورت تاريخ وصلش ، اينچنين کرده بيان

بيست و سوم از مه شوال ، شب آدينه بـود
کان گهر در گنج دان خاک لحد شد نهان

باز از سال وصـالش اينچنين داده خبر
مجتهد دوران دور زمانـه رونق اسلاميان (؟)

١٣١٤ ھ

## ١٠٣- آغا عبدالرحيم مجددي منغلوي

بن شاه ضياءالحق مجددي قنداري. هي بزرگ صاحب ڪمال ۽

فيض ۽ سعادت کان مالا مال هو . ظاهري علوم قنڌار ۾ تحصيل ڪيائين ۽ پنهنجي والد جي وفات کان پوء صاحب سجاده ٿيو . حج جي سفر تي وڃڻ وقت سنڌ مان گذر ٿيس ته ان وقت ڪيترا ماڻهو ڪاڻونس فيضياب ٿيا . افغانستان ۾ جڏهن دوست محمد خان جو خاندان زوال پذير ٿيو ۽ امير عبدالرحمان حڪومت سنڀالي ، ان وقت خواجه آغا عبدالرحيم سنڌ ڏانهن هجرت ڪري آيو ۽ مٽيارين جي ساداتن جي استدعا تي اتي اقامت ڪيائون. سوين اهل علم وٽن بيعت ٿيا ۽ نقشبندي طريقي کي رواج ڏيارڀائون . قاضي هدايت الله متعلوي ۽ - جو سنڌن فيض يافتن مان هو - سنڌن ذڪر هيٺين القابن سان ڪيو آهي :-

’ اسان جو مرشد احمد قيومي مقامن جو عارف، مجددي ۽ معصومي طريقن جو واقف. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي اولاد پاڪ نهاد جو ڏئل، فاروقي اصل جو موچارو فرع سگهورو هئل . محبوب خداوند عظيم ، مقبول جناب رسول ڪريم . حضرت آغا صاحب خواجه حاجي ميان عبدالرحيم سرهندي فاروقي مجددي نقشبندي قدس الله سره ، جو جناب ولايت ماب حضرت اميرالمومنين حضرت علي مرتضي ڪرم الله وجهه کان اويسي هو ، ڪمال تڪميل جي نسبت ان، مولي المومنين جي مزار مقدس تان حاصل ڪئي هئائين . حضرت ولايت ماب جي فيض بخشش ۽ انوارن ، اسرارن جي پالوٽن، ولايت ۽ ڪرامت جي خلعتن، ۽ بي بها نعمتن سان مالا مال ۽ سيراب ۽ ڪامياب ٿيل هئا .

(ڪواڪب السعادات ج ٤ ص ٣٢)

قاضي هدايت الله مرحوم آغا عبدالرحيم قدس سره جي حالات ۽

مناقب تي جدا ـ رسالو ـ بہ لکيو آهي جنهن ۾ سندس ڪشف ۽ ڪرامات جو بيان تيل آهي ٠

هن بزرگ سن ١٣١۴ھ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ملاء (اعلي) جي جاءت سان وڃي لاحق ٿيو ٠ سندن وفات تي ان وقت جي شاعرن ڪيترا قطعات لکيا آهن ، جن مان ڪي مختصر طور هيٺ ڏجن ٿا :-

از علامہ سيد اسدالله الحسيني :

قطب رحمان حضرت عبدالرحيم     شمس عالم مظهر رشد و هدا

زد فدا سال وصالش را رقم     ڪعبۂ انوار فخر اوليا

١٣١۴ھ

آخوند يار محمد فائق متعلوي هيٺين مصرع مان تاريخ حاصل ڪئي :

دام في روح و جنات نعيم

١٣١۴ھ

سيد غلام محمد شاھ گدا :

مرشد وهاب ، هادی خلق ! گفت

١٣١۴

حافظ حامد تکڙائي :

مرشد هادی ، ولی مقتدا ، قطب زمان

١٣١۴ھ

ازان سواء مولوي عبدالڪريم درس ۽ حضرت بزرگ محمد سعيد لواري جا، آغا صاحب جي وفات تي ڏکها مرثيا آهن ٠

مٿيارين ۾ پنهنجي حويليء جي لڳ دفن ٿيل آهن ، جتي سندن فرزند ۽ سجاده نشين آغا عبدالحليم جان رحہ مٿن سال ١٣١٩ ھ ۾ عظيم الشان گنبد بنايو، جنهن جي بناء جي تاريخ سيد غلام محمد شاه گدا هيٺين ريت لکي آهي :

# ۱۰۵- مرزا قليچ بيگ x

مرزا قليچ بيگ۱ جو والد مرزا فريدون بيگ۲ اصل جارجيا ملڪ جو عيسائي امير گهرائي مان هو ۔ جڏهن جارجيا تي ترڪن قبضو ڪيو تڏهن فريدون بيگ جنهن جو نالو هو سڊني ، سو ننڍپڻ ۾ ڪن ترڪن جو غلام ٿي اچي عراق ۾ وڪاڻو جتان مير ڪرم علي حيدرآباد جي واليءَ جو هڪ امير مرزا خسرو بيگ - جو ايران سفارت سان ويو هو - تنهن عراق مان سڊنيءَ کي خريد ڪري سنڌ ۾ آندو ۽ هت اچي آزاد ڪري سنڌس تعليم ۽ تربيت ۾ ڪوشش ورتائين۔ مير ڪرم علي، سڊنيءَ جو فهم ۽ فراست ڏسي هن پنهنجو پٽيلو ڪٽي ڪيس ۽ نالو رکيائينس فريدون بيگ ۔ هن ايڏي لياقت پيدا ڪئي جو سندس آقا خسرو بيگ کيس پنهنجي نياڻيءَ جو سنگ ڏئي پنهنجي خاندان سان ملائي ڇڏيو ، جنهن مان فريدون بيگ کي ست پٽ ڄاوا جن ۾ ٽيون نمبر مرزا قليچ بيگ۳ هو ۔

---

x هي مضمون سنڌ آزاد نمبر ( الوحيد ) تان ورتل آهي ۔

۱- ولادت ۴- محرم ۱۲۷۱ھ ( ۴ آڪٽوبر ۱۸۵۳ع ) صحيح ترڪي لفظ قليچ آهي معنيٰ تلوار ۔

۲- وفات ۲۹- شوال ۱۲۸۸ھ ( ۲۱- جنوري ۱۸۷۱ع )

۳- ميرزا صاحب جي سوانح تي هن وقت تائين هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن :

۱) حيات قليچ از همايون بيگ ۱۹۳۷ع

---

۲) مولوي فاضل محمد صادق صاحب بلوچستاني

۳) مولوي خدا بخش لهڻي

۴) مولانا نبي بخش ڪولاچي

۵) مولانا محمد مبارڪ ميان ڳوٺي

٦) مولوي محمد اسماعيل شاهلي

۷) مولوي محمد يعقوب سبي

نوڪري جي زماني ۾ به ڪجهه نه ڪجهه پيو لکندو هو، پورا ٣٠ سال نوڪري ڪيائين پر انهن ٽيهن سالن ۾ ڪوبه اهڙو ڏينهن بيڪار ڪونه گذاريائين جنهن ۾ صفحو يا اڌ صفحو ڪتاب جو نه لکيو هجيس. لکڻ کان بچت وقت ۾ ڪتابن جو مطالعه ڪندو هو، هن وٽ تمام گهڻا ناياب ڪتاب جمع ٿيا هئا[1]. پينشن ۾ اچڻ کان پوء سمورو وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ خرچ ڪيائين. سندس حياتيءَ ۾ ئي سندس ڪتاب بيحد مقبول ٿيا. سندس شعر ڏاڍي شهرت حاصل ڪئي.

مرزا صاحب جي ١٤٠ ڪتابن مان ڪي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي ويا آهن پر اٽڪل ١٢٦ ڪتاب اهڙا رهيل آهن جي اڃا ڪونه ڇپيا آهن.[2] علمي خدمتن جي ڪري ١٩٠٥ع ۾ — شمس العلماء — جو لقب ملبس ۽ خلعت به سرڪار مان عطا ٿيس. ان کان پوء خانبهادر به ٿيو، مگر هن کي انهن ڳالهين جي ڪا پرواهه ڪانه هوندي هئي. مرزا نماز جو سخت پابند هو، بلڪ تهجد جي نماز به قضا ڪانه ڪندو هو. تهجد جي نماز بعد ڪڏهن ڪڏهن هو هوريان هوريان

---

١- ڏسو راقم (حسام الدين) جو مضمون 'ميرزا قليچ بيگ جي ڪتب خاني ۾ چند گهڙيون'.

٢- راقم (حسام الدين) تاريخ ١٥ جون ١٩٥٥ع جو سندن فرزند ميرزا اسد بيگ ۽ مرحوم همايون بيگ جي ڪوٺ تي مرزا صاحب مرحوم جو ذخيرو ڏٺو. سندن نوشتن جو انهيءَ وقت هيٺين ريت شمار بيٺو :-

| | | |
|---|---|---|
| قلمي سنڌي ڪتاب | صفحا جملي | ٩٥٨٥ |
| ڇپيل سنڌي ڪتاب | ,, | ١١٥١٤ |
| انگريزي ,, | ,, | ١٤٩٢ |
| ڇپيل سنڌي ڪتاب جيڪي ناياب آهن | ,, | ٢٣٩٠ |
| فارسي ڪتاب | ,, | ١٥٩٤ |
| اردو ,, | ,, | ٣٦٩ |
| عربي ,, | ,, | ٥١٤ |
| | | ٢٧٤٥٨ |

☜

## ٦ ١- محمد محسن بيكس روهڙائي

روهڙيءَ جي مشهور شاعر فقير قادر بخش بيدل جو اڪيلو فرزند ، خوش گو شاعر ۽ پنهنجي والد جي تربيت ۾ نپايل ۽ صوفيانہ توحيد جي شراب سان مخمور تيل هو ، ٢٨- جماديالثاني ١٢٧٥ھ (١٨٥٩ع) (جو ڄائو) سندس والد ڄمڻ جي تاريخ هيٺين ريت لکي آهي :-

بيست هشتم جمادي‌الثاني زاد　　محسن و مولدش مبارک باد
پنج و هفتاد و يک هزار و دوصد　　بعد ز هجرت رسول شاه رشاد

ٻارهن ورهين جي ڄمار جو مس ٿيو تہ سندس والد بزرگ وفات ڪري ويو . ان وچ ۾ هن فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي . سنڌي زبان کان سواءِ اردو بہ ڄاڻندو هو . والد جي صحبتن ۽ سندس ساٿين مان هن گهڻو ڪجهہ پرايو هو جنهن ڪري هو عشق مجازيءَ جي ڏاڪڻ تان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو ۽ ورثي طور شاعري جو شغل بہ جاري رکندو رهيو ۽ هڪ پختہ گو شاعر جي حيثيت ۾ پيءُ کان پوءِ شهرت حاصل ڪيائين. هو اڃا جوين جي ڀرپور زماني کي پورو پهتو ئي ڪونہ هو تہ اجل جي سڏيندڙ کي لبيڪ چئي راه رباني وٺي رمندو رهيو . اهو واقعو ٥- رمضان ١٢٩٨ھ (١٨٨٢ع) ۾ ٿيو . وصال وقت فقير صاحب جي ڄمار فقط ٢٣- سالن جي هئي . سندس سال وفات ڪنهن شاعر هيٺين فقري مان ڪڍيو آهي .

« شهيد شوقش پاڪ محمد حسن »

اولاد جي بجاءِ پنهنجي پوئتان فارسي ، سنڌي ، اردو ۾ غير فاني ۽ روحاني اولاد ڇڏي ويو . سندس فارسي شعر جو نمونو هيٺين ريت آهي :-

۽ بقدر ضرورت حاصل ڪئي هوائين . سندس فارسي ڪلام ان وقت جي شاعرن ۾ بيحد مقبول ٿيل هــو ، بعض قطعات تاريــخ نظر مان گذريا آهن جي سندس شاعرانه بلنديءَ تي دلالت ڪن ٿا .

انگريزن جي اوائلي راڄ ۾ سنڌي زبان کي مرتب ڪيو ويــو ٿي ، جن سنڌي دان عالمن هن وطني ٻولــيءَ جي جوڙجڪ ۾ حصو ورتو تــن مان هڪ سيد ميران محمــد شاه ۽ آهي ، ان زمانــي جي ڪمشنر سنڌ جي استدعا تي هڪ ڪهاڻي لکيائين جا ' سدا طوري ۽ ڪدا طوري ' جي نالي سان ڇپجي تيار ٿي . شاه صاحب ١٢٨٧ ھ ۾ حرمين شريف جي زيارت جو سفر ڪيو . سندس ڪمالات ۾ هــن سعادت واري ڪماليت جو ۽ اضافو ٿيو ، حج تي وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجن شاگردن ۽ اولاد لاءِ علم طــب ۾ هڪ رسالو يادگار طــور ڇڏيائين ، جنهن ۾ گهڻو ڪري سندس مجربات ذڪر آهن ۽ ان رسالي جي آخر ۾ مفردات طب جو ۽ بيان ڪيل آهي، اهو نسخو راقم‌الحروف وفائي سيد موصوف جي فرزند سيد حاجي زين‌العابدين ٽکڙائي وٽ ڏٺو، جنهن جو مڏ هيٺين ريت آهي :

نحمدالله و نصلي و سلّم علي رسوله سيدنا محمد و علي
آله و صحبه اجمعين ، ميگويد فقير اضعف عبادالله الاحد
السيد ميران محمد که اين چند فوائدست در علم طب
الخ ........

رسالي جي آخر ۾ هيٺيون قطع تاريخ درج ٿيل آهي :

شکر لله شد تمــام ايـن نسخهٔ شيرين لطيف
مجمـــع رمز طبابـت ، معدن علم شريف
چونکه جستم از خرد تاريخ اين موجز غريب
هيــن جـــوابش را نگر ... شوخ عجيب
١٢٦٨ھ

راجي رحمة ربه ميران محمد

چوٿين مصرع ۾ ڪي لفظ پڙهڻ ۾ نه آيا جي محو ٿيل هئا .

شاه صاحب نقشبندي طريقي ۾ خواجه عبدالقيوم مجددي (متوفي ١٢٧١ ) کان بيعت ٿيل هو . پنهنجي مرشد زاده حضرت خواجه عبدالرحمان مجددي ( متوفي ١٣١٥ﻫ ) مان عشق جي درجي تائين محبت پهتل هوس . خواجه عبدالرحمان صاحب مجددي سن ١٢٩٧ ۾ قندهار مان هجرت فرمائي جڏهن حرمين شريفين جي ارادي سان وطن مان روانا ٿيا ۽ سيد صاحب کي اها سڌ پهتي تڏهن سيد صاحب پنهنجي ڳوٺ ٽکڙ مان ٣ سو ميل پنڌ ڪري پاڳ ناڙي ۾ وڃي پنهنجي مرشد زادي جو استقبال ڪيو . هن صاحب جي ڪوشش سان ئي خواجه عبدالرحمان مجددي قدس سره حرمين کان واپس اچي ٽکڙ ۾ هميشه لاءِ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي ئي وفات ڪئي .
( تذڪرة الصلحاء ) .

ايڏي ڪماليت ۽ بزرگي ديني ۽ دنيائي رياست جي مالڪ سيد صاحب مغرب جي وقت سومر ڏينهن جماديالاولي سنه ١٣٠٩ﻫ ۾ ذاتالجنب ( نمونيا ) جي بيماريءَ ۾ وفات فرمائي پنهنجي رب جي رحمت سان وڃي همقرين ٿيو، سندس رحلت تي جن شاعرن تاريخون لکيون آهن تن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون :

از سيد غلام محمد شاه گدا

| | |
|---|---|
| سيد ميران محمد شاه بود | عارف حق و قدوهٔ اهل يقين |
| کاظمی و حيدری و موسوی | زبدهٔ اولاد ختم المرسلين |
| متقی و حاجی و پرهيزگار | حافظ قرآن بحکمت همقرين |
| خادم شرع محمد مصطفی | استقامت داشت بر دين متين |
| فيض ياب از خواجگان نقشبند | واقف اسرار رب العالمين |
| محو در انوار يزدانی مدام | بود فارغ از خيال آن و اين |

وٽ پورا ٿيا .

هڪ معتبر ماڻهو ڳالهه ڪئي ته : طالب علميءَ جي زماني ۾ ڪڏهن به هو گهر ڏانهن پنهنجن عزيزن جي ملاقات لاءِ نه ويو ۽ نه وري هنن کي ڪو خط لکيائين بلڪ جيڪي به گهوٽان خط ايندا هوس سي هڪ پراڻي مٽ ۾ اڇلائيندو ويندو هو، جڏهن سيني علومن کان فارغ ٿي فضيلت جي دستاربندي ڪيائين تڏهن مٽ ۾ پيل خط کولي ڏٺائين جن ۾ ڪن عزيزن جي موت ۽ ڪن جي شادين جا واقعا درج ٿيل هئا . فرمايائين ٿي ته جيڪڏهن طالبعلميءَ جي زماني ۾ اهي خط پڙهندو رهان ها ته علم جي طلب جي ڪيفيت ۾ يڪسوئي نه رهي ها، تنهن ڪري انهن کي هٿ ئي نه لاتو ويو، جنهن ڪري علم جي راه ۾ ڪابه رنڊڪ نه پيئي .

مولوي محمد حسن صاحب جي لاءِ پاٽ جي مرحوم قاضي امام علي انصاري حيدرآباد ۾ هڪ مدرسو قائم ڪرايو جتي هي بزرگ سالن جا سال درس ڏيندو رهيو ۽ سموري زندگي درس تدريس جي شغل ۾ بسر ڪندو رهيو، هو سيني علومن جو ياد حافظ ۽ پڙهائڻ جو علامه وقت هو، شهدادپوري بزرگن جي اوائلي شاگردن مان هڪ ممتاز ترين هستي هو . سندس درس مان جيڪي فيضيافته ٿيا تن ۾ :

١) مولوي غلام محمد صاحب ملڪائي بلوچ

٦) مولانا سيد پير بخش شاه راشدي ( ٽنون ڏيرو - لاڙڪاڻو )
٧) " حاجي احمد صاحب ملوي ( ملان ابڙو - لاڙڪاڻو )
٨) " محمد حسن ( جوهي - دادو )
٩) " تاج محمد صاحب رح. ( امروٽي - سکر )
١٠) " محمد هاشم مرحوم ولادت ١٢٥٩هه وفات ١٩- شوال ١٣٢٢هه ( ڳڙهي ياسين - سکر )

پاڻ ١٢- ذوالحج ١٢٩٦هه جو ٩٠ ورهن جي ڄمار ۾ فوت ٿيو ۽ شهداد ڪوٽ ۾ دفن ٿيو .

٢) قاضي هدايت الله متعلوي
٣) مولوي احمد بن محمد ابڙه ملوي ١
٤) علامه قاضي اسدالله شاه تکڙائي
٥) مولوي محمد صاحب هالائي ۽ ٻيا سوين ماڻهو آهن .

هن صاحب حيدرآباد ۾ شادي ڪئي هئي مگر ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو ۽ اٺين علومن جي سخاوت ۽ رات ڏينهن جي نوافلن جي عبادت ڪندي حيدرآباد ۾ ئي وفات فرمائي ويو . مون سان سندس صحبتين مان هڪ ماڻهوءَ ڳالهه ڪئي ته : وفات واري رات به هو چڱو ڀلو اڌ رات کان پوءِ پنهنجي پاڙي جي مخلص دوستن ۽ جماعتن کي سڏائي سائن موڪلائيءَ جي ملاقات ڪئي ۽ صبح جي وقت پنهنجي گهر واريءَ کان پڇيائين ته نماز جو ٽائيم ٿيو آهي يا نه ؟ هن هاڻ ڪئي تڏهن مولانا تيمّم ڪري اشارن سان الله اڪبر ڪندي تڪبير تحريمه چئي ۽ ان حالت ۾ سندس روح پاڪ ، خاڪي پڃري مان پرواز ڪري ، خطيرةالقدس ۾ وڃي حاضر ٿيو . اهو واقعو ١٣٠٩ هجري ۾ ٿي گذريو .

# ١٠٩- ابوالبقا پير مظهرالدين راشدي

مظهرالدين ولد حاجي سيد هدايت الله ولد پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله تعالي عنهم اجمعين .

عالم ، فاضل ، حڪيم ، ذهين ڪامل پير مظهرالدين ، راشدي خاندان جو هڪ چمڪندڙ ستارو هو . پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ رهي ظاهري علوم حاصل ڪيائين ۽ ان کان پوءِ پنهنجي خداداد ذهانت جي زور تي پنهنجي مٿي علمي استعداد وڌائيندو رهيو . سندس سوٽ پير سيد محمد رشدالله صاحب ( صاحب‌العلم الرابع ) سان تمام گهاٽي دوستي هوندي . هنن ٻنهي بزرگن جو علمي استعداد وڌائڻ ۾

١- سوانح ڏسو صفحو ١٧٧

حاجي ميان هدايت‌الله شاه اسم منيفا
٤) تحريرات مباحثه قراءت قرآن جهر در جماعت
٥) تحصيل‌الصحته عن‌السقامة بما جاء في‌الفصد والحجامة
٦) افحام الافحم بتائيد ابراء المتهم
٧) تحقيق‌الخبر في صلاة الجنازة علي‌القبر
٨) مجربات مظهرية يوناني
٩) رسالہ در فن ڪيميا فارسي
١٠) سنڌي ڪافين جو ڪتاب .

هو ايڏو ذهين ماڻهو هو جو وڏي عمر ۾ ٿوري انگريزي سکي، ان زبان ۾ هڪ غزل بہ لکيو اٿس . چيو وڃي ٿو تہ انگريزي لکي نہ سگهندو هو پر پڙهي ويندو هو.١

هي بزرگ نهايت ڪامياب حياتي گذاري جوانيءَ جي وقت ۾ جو سندس چمار مس ٤٢ سالن کي پهتي هئي، اربعہ ڏينهن ٩ بجي صبح ٢٢- ربيع‌الثاني ١٣١٨هہ جي هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ پنهنجي خاندان جي مقبري ۾ نلاه شريف ۾ مدفون ٿيو. ٢

## ١١٠- مصري شاهہ نصرپوري

نصرپور جي شاه پوٽن ساداتن جي خاندان جو هڪ صوفي بزرگ ۽ سنڌيءَ جو بهترين شاعر هو. هن ويدانت چانڊڙ هندو فقيرن سان بہ صحبتون ڪيون ۽ مسلمان درويشن مان بہ گهڻو پرايو. زمين آسمان جي ڀيهڪ ۽ هن دنيا جي پيدائش واري مسئلي تي ڪافي طرح

---

١- ڪتاب ١-٤-٥-٦ پير سائين جهنڊي واري جي ڪتب خاني ۾ موجود آهن.
٢- هن بزرگ جي هٿ اکرين ڪجهہ رسالا راقم (حسام‌الدين) جي ذخيري ۾ موجود آهن .

# ١١١- مخدوم محمد سيوستاني

ابن مخدوم محمد عارف صديقي ، مجذوب طبع، صاحب ڪرامات ۽ فضيلت جو هو . سيوهڻ ۾ ٿي پنهنجي والد بزرگوار کان ديني علوم حاصل ڪيائين . نقشبندي طريقي جو وڏو سالڪ ۽ خضر صفت انسان هو . سندس وقت جا هزارين احتياج وارا انسان سندس خدمت ۾ دعا گهرائڻ لاءِ ايندا هئا . سندس سيفي زبان مان جيڪو لفظ نڪرندو هو اهين ئي ٿي پوندو هو . سيوهڻ جي لڳ درياه ۾ وچي ٽپي ڏيندو هو ته ڪوٽڙيءَ کان وڃي نڪرندو هو. گهڻو ڪري ارل ڏينڊ تان وضو ۽ غسل ڪري پوءِ نماز ادا ڪندو هو. مجذوبيءَ جي حالت ڪري ڪڏهن ڪڏهن نمازن ۾ سنڌي زبان ۾ مناجات ڪندو ۽ دعائون گهرندو هو ۽ ڪڏهن فقط هڪ رڪعت نفل پڙهندو هو .

الله تعاليٰ جل شانه جي نالي تي ڏاڍو جذبو ۽ جوش ۽ جلالت پيدا ٿيندي هوس ، تنهن ڪري جنهن ماڻهوءَ جي نالي ۾ اهو اسم پاڪ هوندو هو ته ان کي بدلائي سڏيندو هو. مثلا : اسان جي آستاد مخدوم حاجي حسن‌الله پاٽائي — جو سندن ويجهو عزيز هو — تنهن کي حسن‌الدين ڪري سڏيندا هئا. ( اهو واقعو مون کي پاڻ استاد صاحب بيان فرمايو هو . )

’تذڪرةالصلحاء‘ ۾ چاڻايل آهي ته مخدوم مجذوب جڏهن سيوهڻ مان حج جي ارادي تي نڪتو تڏهن ساڻس فقط هڪ ٽڪو يا ٻه پئسا هئا ۽ پيادل گهر مان جذبي جي حالت ۾ روانو ٿي ويو ، پوءِ قدرت هن جي توڪل ۽ همت ڪري اهڙا اسباب پيدا ڪيا جو بمبئي پهتو ۽ ان کان پوءِ جهاز ۾ سوار ٿي حج پڙهيائين ۽ مديني شريف زيارت لاءِ سفر ڪيائين ۽ وري خيريت سان اچي گوٺ به پهتو . ساداتن ۽ عالمن ۽ خصوصاً حضرت امام رباني شيخ احمد سرهندي رحہ جي

مخدوم صاحب مهربان ، ولايت و كرامت نشان ، غواص بحر عرفان ، شناور دريائي ايقان ، مخدرم محمد ساكن سيوستان! خدا جل شانه آن ولايت نشان را ابدا برفيض مامور فرموده است لهذا اميدواريم كه درين وقت متوسل حضرت سيد قلندر لعل شهباز عليه‌الرحمته مدام مدد دعاء خير عافيت در حق اين جانب ارزان فرمايند . مبلغ پنجاه روپيه در وجه خيرات نذرانه ارسال خدمت است و اميد كه خواهد رسيد ، و بموجب اشاره آن ولايت نشان هر انفاس متبركه را خداى تعالى آفريده ، اين جانب از آن بامنيت ، خاطر بطمانيت دارند ، از جانب احمد على سلام دعا بدرجه اجابت رسند . ۱۲ شعبان سنه ۱۲۸۱ه


مير محمد حسن علي


مخدوم صاحب کي جڏهن اهو خط پهتو تڏهن خط پڙهي پنجاه رپيا واپس ڪندي فرمايائين تہ رسول‌الله صلي‌الله عليه وسلم جي صحابہ ڪرام جي دشمن جو نذرانو نہ گهرجي .

ايڏي باڪمال عارف ڪامل نقشبندي طريقي جي مرشد بزرگ ۱۵- رمضان شريف سنہ ۱۳۱٦ھ ۷٦ سالن ۾ وفات فرمائي سيوهڻ ۾ پنهنجي خانداني مقبري ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو .

### قطعه تاريخ از ميان محمد صالح سيوستاني

حضرت مخـــدوم محمد رهبـر راه هـــدى
جاذب قلب خلائــق سوى اوج اهتدا
عالم و عارف ، ولى‌الله ، ستون فيض حق
جامع حسب و نسب ، خورشيد چرخ اتقا
مرد ميدان توكل ، مست جـام معرفت
حاجـــى و حافظ ، حدود الله ، فخر اتقيا
كاتب قدرت بلوح قلب پاكش بر نگاشت
صد هزاران نكته چون برگ و توكل بى ريا


مخدوم محمد حسن قاري (متوفي ١٢٢٠)
مخدوم محمد صالح
(احوال ڏسو)
مخدوم محمد عارف
(وفات ١٢٤٧ ؛ ڪانپوء)
مخدوم عبدالواسع شاعر
(احوال پڙهو)
مخدوم محمد سيو
(مخدوم مراد جي
مخدوم فضل الله
(مصنف)
مخدوم مدد الله
مخدوم نظام الدين
مخدوم حڪيم
نصيرالدين
نيائيون
مخدوم محمد معروف
ب. مخدوم حسن صديقي سيوستاني
(هن صاحب جي مهربان سو نوٽ ڪري آهي)
مخدوم نصرا
حڪيم محمد احسن
محمد محسن


مخدوم عبدالواحد نعمان ثاني (١١٥٠ - ١٤ رمضان ١٢٢٤)
صاحب البياض
نياڻي
نياڻي
نياڻي
ماه بي بي
فتح محمد
مخدوم خليفو غلام محي الدين حڪيم
مخدوم محمد مراد
(ڏسو احوال)
مخدوم ميان محمد صادق
قاضي عبدالقيوم
خليفو محمد زمان
حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صغير
(متوفي ١٤ ڊسمبر ١٩٤٢ دوشنبہ
٦ ذي الحج ١٣٦١ مدفن ڪراچي)
(مشت خاک)
غلام محي الدين عباسي
حڪيم غلام قادر
(زنده)
غلام محي الدين عباسي
(فوت)
(فوت)
قاضي محمد اعظم
قاضي محمد عابد
قاضي محمد اڪبر

# ١١٢- خواجه نظام الدين مجددي شڪارپوري

ملقب به قطب جهان و سراج الاولياء - بن خواجه غلام محي‌الدين - بن خواجه محمد صادق - بن خواجه غلام محمد ملقب به معصوم ثاني - بن خواجه محمد اسماعيل - بن خواجه صبغةالله - ابن عروة الوثقي خواجه محمد معصوم - بن حضرت امام رباني خواجه احمد سرهندي مجدد الف ثاني قدس‌الله اسرار هم .

خواجه نظام‌الدين جي ولادت با سعادت پشاور جي شهر ۾ ٿي ۽ ننڍي هوندي پنهنجي ڏاڏي بزرگ جي نظر عنايت هيٺ تربيت ۽ تعليم حاصل ڪيائون ۽ تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طي ڪيون . ڪجهه وقت کان پوء خواجه غلام محي‌الدين سندن والد ، سفر حج جي ارادي سان روانو ٿي سنڌ ۾ وارد ٿيو. ساڻس ٻه فرزند به هم رڪاب هئا:

١) خواجه نظام‌الدين

٢) خواجه فدا محي‌الدين

قندهار جي امير تيمور بن احمد شاه ابدالي پاران ان زماني ۾ شڪارپور جو حاڪم نواب مولاداد افغان هو . خواجه غلام محي‌الدين جو ڏاڏو معتقد هو سو پڻ سفر حج ۾ ساڻن هم رڪاب ٿي نڪتو . جڏهن اهو قافلو حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو ۽ خواجه صاحب جي ڪرامت ۽ ولايت جو غلغلو بلند ٿيو تڏهن ڪيترائي ماڻهو سندن حلقهٔ ارادت ۾ اچي جمع ٿيا .

ان زماني ۾ حيدرآباد جو نمبر ٽيون حاڪم مير ڪرم علي (مير فتح علي خان فاتح سنڌ جو ڀاءُ) تازو وفات ڪري چڪو هو، ١ ماڻهن ۾ مشهور هو ته مير ڪرم علي جي قبر ڪي اندران ٿي اندران باهه لڳل آهي ۽ قبر مان دانهون اچي رهيون آهن . مير ڪرم علي

---

١- وفات ١٢٤٤هه

خان جي عزيزن مان هڪ صاحب ارادو ڪيو تہ خواجہ صاحب جي خدمت ۾ پهچي مير صاحب لاءِ دعاءِ مغفرت گهرائي وڃي. پر خواجہ صاحب پنهنجن خادمن کي حڪم ڪيو تہ فلاڻو ماڻهو اچي رهيو آهي ان کي مون تائين اچڻ نہ ڏجو ، جنهن جي خادمن تعميل ڪئي ۽ مير ۽ سندس ماڻهن کي موٽايو ويو . مير ڪرم علي جي معصوم (نياڻي) بي بي جندو کي جڏهن اها سڌ ملي تڏهن قرآن شريف مٿي ڪري خواجہ صاحب جي خدمت ۾ اچڻ جو ارادو ڪري نڪري پيئي . خواجہ صاحب کي ڪشف جي طور بي بي جندو جو اچڻ معلوم ٿيو. خادمن کي حڪم ڪيائين تہ بي بي صاحبہ کي رستي تان موٽايو ۽ کيس اسان وٽ اچڻ جي تڪليف نہ ڏيو ۽ کيس تسلي ڏيو تہ انشاءالله تعاليٰ اها تڪليف دور ٿي ويندي . ان کان پوءِ خواجہ صاحب مير ڪرم علي جي قبر تي اچي مراقبو ڪيو ۽ حڪم ڪيائون تہ منهنجي قبر بہ تيار ڪئي وڃي . برابر ٣ ڏينهن مير جي قبر ڏي متوجہ رهيا ۽ پنهنجي قبر بہ اتي ئي لڳولڳ نهرائي ان ۾ سمهي خاطري ڪري، پوءِ ٣ ڏينهن وضو ڪري نفل شروع ڪيائون ۽ سجدي جي حالت ۾ پنهنجي جان جان آفرين جي سپرد ڪيائون .

خواجہ صاحب جي اها ڪامل ڪرامت ڏسي سنڌ جا سوين ماڻهو حلقہ ارادت ۾ داخل ٿيا . هڪ طرف ميرن جي خاندان ۾ جا پريشاني هئي سا خوشيءَ سان مبدل ٿي ۽ ٻئي طرف هي حرمين ڏانهن ويندڙ مسافرن جو قافلو يتيم ٿي پيو . ميرن قدر شناسي ڪري ، خواجہ غلام محي الدين جي صاحبزادن لاءِ ٢٥ هزار ايڪڙ جاگير مقرر ڪئي ۽ ڪن تعلقن ۾ سندن حصا بہ مقرر ڪيا . آخر نواب مولاداد خان دراني جي مشوري سان صاحبزادن کي حيدرآباد مان واپس آڻي شڪارپور ۾ رهايو ويو ، جن مان خواجہ نظام الدين شڪارپور ۾ رهيو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ خواجہ فدا محي الدين شڪارپور جي ٻاهران پنهنجو

# ١١٢- خواجه نظام الدين مجددي شڪارپوري

ملقب به قطب جهان و سراج الاولياء - بن خواجه غلام محي الدين - بن خواجه محمد صادق - بن خواجه غلام محمد ملقب به معصوم ثاني - بن خواجه محمد اسماعيل - بن خواجه صبغةالله - ابن عروة الوثقي خواجه محمد معصوم - بن حضرت امام رباني خواجه احمد سرهندي مجدد الف ثاني قدس‌الله اسرار هم .

خواجه نظام‌الدين جي ولادت با سعادت پشاور جي شهر ۾ ٿي ۽ ننڍي هوندي پنهنجي ڏاڏي بزرگ جي نظر عنايت هيٺ تربيت ۽ تعليم حاصل ڪيائون ۽ تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طي ڪيون . ڪجهه وقت ڪان پوءِ خواجه غلام محي‌الدين سندن والد ، سفر حج جي ارادي سان روانو ٿي سنڌ ۾ وارد ٿيو. ساڻس ٻه فرزند به هم رڪاب هئا:

١) خواجه نظام‌الدين

٢) خواجه فدا محي‌الدين

قندهار جي امير تيمور بن احمد شاه ابدالي ٻاران ان زماني ۾ شڪارپور جو حاڪم نواب مولاداد افغان هو . خواجه غلام محي‌الدين جو ڏاڍو معتقد هو سو پڻ سفر حج ۾ ساڻن هم رڪاب ٿي نڪتو . جڏهن اهو قافلو حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو ۽ خواجه صاحب جي ڪرامت ۽ ولايت جو غلغلو بلند ٿيو تڏهن ڪيترائي ماڻهو سندن حلقه ارادت ۾ اچي جمع ٿيا .

ان زمانـي ۾ حيدرآباد جـو نمبر ٽيون حاڪم مير ڪرم علي (مير فتح علي خان فاتح سنڌ جو ڀاءُ) تازو وفات ڪري چڪو هو، ١ ماڻهن ۾ مشهور هو ته مير ڪرم علي جي قبر ڪي اندران ٿي اندران باهه لڳل آهي ۽ قبر مان دانهون اچي رهيون آهن . مير ڪـرم علي

---

١- وفات ١٢٢٤هه.

خان جي عزيزن مان هڪ صاحب ارادو ڪيو تہ خواجہ صاحب جي خدمت ۾ پهچي مير صاحب لاءِ دعاءِ مغفرت گهرائي وڃي. پر خواجہ صاحب پنهنجن خادمن کي حڪم ڪيو تہ فلاڻو ماڻهو اچي رهيو آهي ان کي مون تائين اچڻ نہ ڏجو ، جنهن جي خادمن تعميل ڪئي ۽ مير ۽ سندس ماڻهن کي موٽايو ويو . مير ڪرم علي جي معصوم (نباڻي) بي بي جندو کي جڏهن اهـا سڌ ملي تڏهن قرآن شريـف ميڙ ڪري خواجہ صاحب جي خدمت ۾ اچڻ جـو ارادو ڪري نڪري پيئي . خواجہ صاحب کي ڪشف جي طور بي بي جندو جو اچڻ معلوم ٿيو. خادمن کي حڪم ڪيائين تہ بي بي صاحبہ کي رستي تان موٽايـو ۽ کيس اسان وٽ اچڻ جي تڪليف نہ ڏيو ۽ کيس تسلي ڏيو تہ انشاءالله تعاليٰ اها تڪليف دور ٿي ويندي . ان کان پـوءِ خواجہ صاحب مير ڪرم علي جي قبر تي اچي مراقبو ڪيو ۽ حڪم ڪيائون تہ منهنجي قبر بہ تيار ڪئي وڃي . برابر ٣ ڏينهن مير جي قبر ڏي متوجہ رهيا ۽ پنهنجي قبر بہ اتي ئي لڳولڳ نهرائي ان ۾ سمهي خاطري ڪري، پوءِ ٣ ڏينهن وضو ڪري نفل شروع ڪيائون ۽ سجدي جي حالت ۾ پنهنجي جان جان آفرين جي سپرد ڪيائون .

خواجہ صاحب جي اها ڪليل ڪرامت ڏسي سنڌ جا سوين ماڻهو حلقہ ارادت ۾ داخل ٿيا . هڪ طرف ميرن جي خاندان ۾ جا پريشاني هئي سا خوشيءَ سان مبدل ٿي ۽ ٻئي طرف هي حرمين ڏانهن ويندڙ مسافرن جو قافلو يتيم ٿي پيو . ميرن قدر شناسي ڪري ، خواجہ غلام محي الدين جي صاحبزادن لاءِ ٢٥ هزار ايڪڙ جاگير مقرر ڪئي ۽ ڪن تعلقن ۾ سنڌن حصا بہ مقرر ڪيا . آخر نـواب مولاداد خان دراني جـي مشوري سان صاحبزادن کـي حيدرآباد مان واپس آڻـي شڪارپور ۾ رهايو ويو ، جن مان خواجہ نظام الدين شڪارپور ۾ رهيو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ خواجہ فدا محي الدين شڪارپور جي ٻاهران پنهنجو

ڳوٺ ٻڌارايو .

خواجہ نظام‌الدين جي رهڻ لاءِ شڪارپور جي علوي خاندان جي بزرگن پنهنجون جايون ۽ حويليون خالي ڪري ڏنيون جتي نقشبندي طريقي موجب ذڪر اذڪار ۽ تلقين جو سلسلو جاري رکيو ويو . چيو وڃي ٿو تہ باوجود جاگيرن ۽ معتقدن جي نذرانن جي پاڻ فقير ۽ درويشيءَ ۾ گذاريندا هئا ، دنيا وغيره ڏانهن ڪو توجہ ڪونہ هوندو هون . جاگيرن جي آمدني سموري سندن ننڍي ياءُ جي حوالي هوندي هئي ۽ ان کان ڪڏهن بہ حساب ڪتاب ڪونہ پڇيو ويندو هو پر هن صاحب جو بہ ايڏو مهمان خانو هوندو هو جو زمينات جي آمدني کان پوءِ ، ڪڏهن ڪڏهن گهرج پوندي هون تہ ، وڏي ياءُ خواجہ نظام‌الدين وٽ ايندا هئا ۽ چوندا هئا تہ خرزين ناڻي جي پري ڏي تہ پوءِ ڪاڏو ڪائيندس نہ تہ فاقي ۾ رهندس ، آخر جڏهن ايتري دولت پلئي پوندي هوس تڏهن راضي ٿيندو هو .

شڪارپور ۾ هڪ سيٺ نيوند مل رهندو هو جو خواجہ صاحب جو بيحد معتقد ۽ سندن مودي هو ، چئن حويلين جو خرچ ۽ مهمان خاني جو پورائو ۽ بي سموري ڏيتي ليتي هن جي ذمي هوندي هئي . نيوند مل جيترو بہ قرض ڪٽي ڪم هلائيندو هو سو سال جي چوٿيءَ تي سيني لهڻيدارن کي ادا ڪري ڏيندو هو . سيٺ نيوند مل جو چوڻ هو تہ سال پوري ٿيڻ ۾ حساب چڪتو ڪرڻ واري رات خواجہ صاحب پراڻا ڪاغذ گهرائي انهن کي قينچيءَ سان رپين جي گولائيءَ جيڏا ڪترائي حجري ۾ اڇلارائي ڇڏيندو هو . صبح جو چار ماڻهو اتان مٺيون ڪٽي اچي گلم تي سندن خدمت ۾ آڇلائيندا هئا ، پوءِ سيٺ نيوند مل سيني لهڻيدارن کي حڪم ڪندو هو تہ جنهن جو جيترو بہ حق هجي اتان ڪٽي وڃي، وڌيڪ نہ ڪٽي . پوءِ جيڪي ڪجھ

باقي بچندو هو سو سيٺ نيوندمل جي حوالي رهندو هو .

معتبر ذريعي سان بيان ڪيل آهي ته علوي خاندان جي ٻاهرين ڪوٽ لڳ هڪ تلاءُ هوندو هو. خواجه صاحب رات جو روزانه اتان وضو ڪري پوءِ ياد خدا ۾ مشغول رهندا هئا . هڪ رات اتي ڏٺائون ته هڪ ماڻهو سياري جي سرد رات ۾ تلاءُ جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ بيٺو ڪجھ پڙهي رهيو آهي. پڇيائونس ته : هي ڇا ڪري رهيو آهين! هن چيو ته : سائين سوره ياسين جو عمل ڪنهن بزرگ ڏسيو آهي سو ان ريت پڙهي رهيو آهيان! خواجه صاحب فرمايو ته : هٿ جي مُٺ ڪي ڇو ٻڪوڙيو اٿئي؟ چيائين ته : سائين پڙهندو ان تي دم ڪندو وڃان ٿو! فرمايائونس ته : سوره ياسين جون ٻه يا ٽي آيتون پڙهي هاڻي مُٺ تي دم ڪر ۽ پوءِ مٺ کولي ڏس! هن ائين ڪيو، ڇا ڏسي ته سموري مٺ خالص سون سان ڀرپور هئي .

خواجه صاحب جن فرمائيندا هئا ته عمليات وغيره ڪجھ، ڪجھ به نه آهن . اصل مقصد الله تعاليٰ جي بندگي ۽ سندن رضا آهي ۽ بس ۽ اها ئي تعليم سندن جد امجد جي ڪين ورثي ۾ ملي هئي . سندن مقولو آهي ته :

— آنچه بر ما فقيران لازم است دوام ذل است و افتقار و انکسار
و تضرع و التجا و اداى وظائف عبوديت و محافظت حدود
شرعيه و متابعت سنت سنيه —

اهو ئي سندن اصول هو ۽ انهيءَ تي ئي سموري زندگيءَ جو پروگرام يا دستورالعمل ناهيائون ۽ ان تي هلندا رهيا . پاڻ خانداني ورثي موجب فارسي شعر به چوندا هئا . ڪجھ غزل ۽ مناجاتون هن وقت به موجود آهن جن مان نموني طور هڪ مناجات جا چند شعر هيٺ ڏجن ٿا :

گناهائیکه من دارم نمی گنجد به تحریری
اگر عمر ابد باشد نمی آید به تقریری
درختان جملگی کاغذ، سیاهی گر شود دریا
نیستان کلک گر گردد کجا آید به تسطیری
ز احوال درون خود، بسی شرمندگی دارم
شیاطین‌وش مقید گشت نفس من به زنجیری
کریم است و رحیم است و غفور و جرم بخش کل
بجز فضلش شکسته دل نیابد هیچ تعمیری
شفیعم هست چون **احمد** ندارم غم ز عصیانها
بود الطاف او یاور به این مسکین دلگیری
**نظامی** غم مخور می باش بر لا تقنطوا خرم
برت این مژده کافی هست از قرآن تفسیری

سندن تصنيفات مان ڪتاب:

١) اسرار رموز نقشبنديه: ١ موجود آهي جنهن ۾ نقشبندي طريقي جي خوبين ۽ تصوف جي اسرارن جو بيان ٿيل آهي ۽ نقشبندي مشائخ طريقت جا حالات به آهن، ان کان سواءِ ٻيا به ڪتاب آهن جي ناياب ٿي چڪا آهن.

خواجه صاحب جي وفات قريب ٿيندي وئي ته پاڻ سڀني دوستن کي ان جو اطلاع ڏنائون ۽ علوي خاندان جي ميرن کي چوائي موڪليائون ته فقير جو لاڏاڻو آهي تنهن ڪري مقبري لاءِ ڪنهن مناسب هنڌ تي جاءِ جو بندوبست ڪريو. جنهن لاءِ علوي بزرگن لکي دروازي تي پنهنجي ملڪيت مان هڪ جاءِ جو ٽڪر مقرر ڪيو. آخرين ملاقات لاءِ هزارين ماڻهو ايندا رهيا. ان موقعي تي سندن موديءَ سيٺ نيوند مل به اجازت گهري ته مون کي به حجري ۾ اچڻ جي اجازت ڏني وڃي ته پوئين ملاقات ڪريان. نيوند مل اڌ ڪلاڪ

١- پيو ڪتاب — مخمس ڪريما — سندن تصنيف آهي. تڪمله مقالات ٥٩٩

ڏيکاري وئي . صبح جو مولانا صاحب ڳوٺ ڪنڌي کان ٻاهر نڪري خليفي صاحب جي استقبال لاءِ وڃي بيٺو جڏهن هي نوجوان طالبعلم پهتو تڏهن .ولانا صاحب نهايت عزت ۽ احترام سان کيس وٺي مدرسہ ۾ داخل ڪيو ، پوري محنت ۽ تحقيق سان کيس پڙهائيندو رهيو ۽ سيني علمن ۾ يگانہ روزگار بنايو . پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مدرسو سندس حوالي ڪري پنهنجو خليفو بنايو جو سيني شاگردن کي درس ڏيندو رهيو .

مولانا عبدالحليم جو تعلق مير حيدر ابڙي سان هو. ان زماني ۾ خان قلات ۽ حيدر خان ابڙي بلوچستانيءَ جو ڪن ملڪي ڳالهين تي اختلاف ٿي پيو جنهن ڪري مير حيدر خان بلوچستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو تہ مولانا صاحب سمورن شاگردن ۽ مدرسہ سميت حيدر خان سان سنڌ هليو آيو . جڏهن مولانا همايون کان لانگهائو ٿيو تڏهن همايون جي زميندار رئيس غازي خان سومري جي استدعا تي اتي ئي رهجي پيا . چون ٿا تہ انهيءَ زماني ۾ همايون ۾ اوچتو ماڻهن جي گهرن کي ٻاهيون لڳنديون هيون . مولانا جي تشريف آوريءَ سان اهي بند ٿي ويون، جنهن ڪري مولانا جي آمد کي ماڻهن غنيمت

---

☜ حافظ عبدالحليم جو استاد اولين مولوي حافظ نور محمد پاڳي، جو هو ، ان کان پوءِ مولوي نور محمد ( عاريجن تعلقہ ڏوڪري ) واري وٽ آيو جنهن چيس تہ عاقل شاہ هالائي وٽ وڃو ۽ پوءِ آنهن وٽ پڙهيائين.

حافظ عبدالحليم صاحب جو چوڻ هو تہ — توضيح ۽ تلويح ( علم اصول ) جي عرش تي جيئن مان پہن تي هلندو آهيان پير صبغت‌الله بہ ائين هلندو آهي

حافظ صاحب ذات جو جويو هو ۽ علم دعوت ۾ ايتري مهارت هوندي هوس جو قبر تي ويهي ماڻهن کي چوندو هو تہ پنهنجي پنيءَ ڏانهن وٺي آرپار قبر ڏانهن نظر ڪر تہ توکي مردو ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ساڻس گفتگو ڪري سگهندين.

( روايت ١٩٣٣ع )

سمجهيو . مولانا مرحــوم همايون ۾ ثورو وقت رهي پوءِ روهڙيءَ ۾ وڃي رهيا ، پوئتان درس تدريس جو سمورو ڪم خليفي محمد يعقوب جي حــوالي رهيو . سندس علمي شهرت دور دور پهچڻ لڳــي ، جنهن ڪري ڪيترا شاگرد خليفي صاحــب جي حلقهٔ درس ۾ اچي شريڪ ٿيا ۽ ڪيترا فيض ياب ٿي ويا . سندن مشهور شاگــردن مان هيٺيان علماء ڪرام آهن :

١) مولانا نور محمد صاحب شهداد ڪوٽي .
٢) مولانا عبدالله صاحب رستمي ،
٣) مولانا عبدالقادر قاسم پوري ( پنهواري )
٤) مولانا عبدالرحمان سکري
٥) مولانا سلطان محمود صاحب سيت پوري
٦) مولوي قادر بخش صاحب مهاجر مڪي وغيره .

حضرت خليفو محــمد يعقوب صاحــب شريعت جو نهايت پابند هو ۽ سندس وقت ۾ همايون شهر ۾ ڪو به ماڻهو بي نمازي ڪــونه هوندو هو . بي نمازين لاءِ مسجد جي دروازي تي ڪاٺ پيل هونــدو هو جتي نماز جي تارڪن کي سزائون ڏنيون وينديون هيون . درس تدريس جي شغل ۾ سموري زندگي گذاري هي بزرگ ١٥- ذوالقعده جمعه رات سال ١٢٧٣ هه ۾ وفــات فرمائي ويو . سندن تاريخ وفات سندن هڪ شاگرد مولوي محمد علي نالي هيٺين ريت چئي آهي :

**قطعه تاريخ**

حضــرت يعقوب نيکو نام بود
در تمامـی علمها عــلام بود

در همايون بد همايون سايه اش
ظل فيضش فرق خاص و عام بود

صــدر تخت عالمان ديــن بگو
خــاتــم الخلفاء در اسلام بود

بيست و پنجم از مه ذی قعده بود
نيــز ليــل سيدالايــام بود

چونکه من کردم سوال از پير عقل
رحلت او در کدامين عام بود

او ز عام وصل او تاريخ گفت
وه چه وی دريای فيض عام بود

١٢٧٣هه

## ١١٤- پير سيد محمد ياسين راشدي جهنڊي وارو

سيد محمد ياسين بن سيد محمد راشد ( روضي ڌڻي ) رحمۃالله تعاليٰ عليهم • هي بزرگ حضرت روضي واري جو ٻيو نمبر فرزند هو• جنهن سان والد بزرگ جو زياده پيار ۽ خصوصي توجهه هو ، اوائلي علم ۽ درس پنهنجي والد جي خدمت ۾ رهي حاصل ڪيائين ۽ ان کان پوءِ قادريه ۽ راشديه طريقي جي تڪميل به پنهنجي والد وٽ ڪري وقت جي وڏن ڪاملن جي درجي تي پهتو • حضرت پير سائين روضي وارن جي وفات کان پوءِ جڏهن وڏن پائرن ۾ ڪجهه اختلاف ٿيو ته هي بزرگ پير جو ڳوٺ (ڪنگري) ڇڏي ڀيريان رحيمڏني ڪلهوڙي جي ڳوٺ ۾ اچي مقيم ٿيو، مگر اتان وري وڏي ڀاءُ پاڳاري يعني حضرت پير صبغت‌الله رحه ڪيس موٽائي آندو • ان کانپوءِ وري هجرت ڪيائين ۽ فريدآباد لڳ ڏوڪريءَ ۾ اچي مقيم ٿيو • ان کان پوءِ ٽلاهه ۾ باقراڻي جي لڳ سڪونت ڪيائين • آخر ۾ ڳوٺ پير جهنڊو تعلقو هالا ۾ اچي مقيم ٿيا •

جدا جدا هنڌن تي هجرت ڪري ويهڻ سبب پاڻ – پير سائين جاڻن وارو – جي لقب سان مشهور ٿيل آهي • ٻئي طرف وري پير سائين روضي ڌڻي رحه ڪيس هڪ جهنڊو عطا ڪيو هو اسلامي جهاد لاءِ ، اهو جهنڊو بلند رهندو اچي • ان ڪري 'پير سائين جهنڊي[١]' واري جي لقب سان به مشهور ٿيو • اهو جهنڊو اڄ تائين هن خاندان ۾ موجود آهي ، جيئن سندن وڏا سوٽاڻ 'پاڳارن' جي خطاب سان

---

١- هي پير سائين صاحب‌العلم اول آهي •

هڪ رات ، جماعت ۽ فرزند ڪان، دنيا مان لاڏاڻي جو الوداع ڪري انهيءَ رات ذڪر ڪندي وفات ڪيائون، ۽ سندن جسم مبارڪ کي اتي ئي دفن ڪيو ويو . اهو واقعو ١٥- رجب سنه ١٢٧٥ هه ۾ ٿي گذريو .

هڪ سال گذرڻ کان پوءِ سندن وڏي فرزند پير فضل‌الله شهيد جسم مبارڪ اتان ڪڍائي ٺلاه شريف ۾ مسجد جي اُتر پاسي کان دفن ڪرايو جتي هميشه لاءِ محو آرام آهن . سندن ڪرامتون بيشمار آهن جن جو هت ذڪر غير ضروري آهي ، سندن ملفوظات ۾ ڏسڻ گهرجن .

### قطعه تاريخ وفات از آخوند احمد هالائي

آه زين درد وغمم ، اين از چه خاست — واى تسكين دل من ، از چه كاست
روز و شب چون شمع مى سوزد دلم — يا الهى منبع اين غم و الم(؟)
چون ز سوز دل نمودم بس حريٰ — شد ازو مكشوف جمله ماجريٰ
ماجراى هست ، گويا حشر شد — جمله (عالم) سر زنان چون نشر شد
واى ! اين قطب جهان ، غوث زمان — عزم كرده زين جهان بر لامكان
چون ز كثرت خلوت وحدت گزيد — ميل از تعداد عالم بر كشيد
رفعت علا العليٰ منظور ساخت — روح كاخ لامكان معمور ساخت
خون ز چشمم مى چكد دايم، چو آب — گل ، ز خون من همى ريزد گلاب
قلب قرآن نام آن سالار بود — از مسمى او مپرس ، اسرار بود
قلب قرآن را **محمد** پيش شد — اسم كامل آن كرامت كيش شد
دين مرسل زو تجدد يافته — نفس و شيطان را ز ره انداخته
مانند عالم دردمند ، از بهر او — گفت جان : هى! داغ دلها هجر او

١٢٧٥هه

سال مولودش مرا انديش نفت — شيخ اوحد پير مهدى زاد ، گفت

١٢١٢هه

از سنين عمر چون كردم صدا     اين ندا آمد كه : او مـاه هـدىٰ
٦٢

دل بآه و نالـه بعدالبعد منـه     گفـت : آه بـالله رضي الله عنـه
١٢٧٥ھ

## ١١٥- مولوي الحاج محمد هالائي

سندن آباء و اجداد اصل بوبڪ ضلع دادو جا باشندا ۽ 'بوبڪائي آخوند' سڏبا هئا. ڪجھ وقت ڪان هجرت ڪري اچي هالن ۾ رهيا هئا. مولانا مرحوم جي ولادت هالن پراڻن ۾ تاريخ ٢٧- رمضان المبارڪ شب قدر ١٢٧٦ھ تي. ايـام طفوليت ۾ ئي کين علم جي طلب جو شوق افراط سان پيدا ٿيو ، تنهن ڪري پاڻ نـون هالن ۾ عربي نصاب جا ابتدائي ڪتاب حضرت خليفہ حافظ عبداللطيف صاحب رحمۃالله عليه جن وٽ پڙهڻ شروع ڪياؤن. کين شب خيزي جي عادت ٨-٩ سالن جي عمر کان وٺي هئي ، تنهنڪري پاڻ رات جو هميشہ گھڻي قدر علم جي ياد ڪرڻ تي محنت ڪندا هئا. هالن مان سڏا غربت ۽ مسڪيني جي حالت ۾ پاٽ ضلع دادو جي مدرسي ۾ مولانا مرحوم حسن‌الله صاحـب پاٽائي وٽ تعليم وٺڻ لاءِ روانا ٿيا ، جتي ٿورو وقت تعليم وٺي ، جڏهن کين معلوم ٿيو تہ هالن جي نزديڪ حيدرآباد سنڌ ۾ مولانا محمد حسن صاحب قبلہ ڪنڊي واري وڏو مدرسو کوليو تہ ، هڪدم اچي ان مدرسي ۾ داخل ٿيا. اتي ڪمال انهماڪ سان سمورا درسي ڪتاب پڙهي نصاب ختم ڪياؤن ۽ سندن دستاربندي اتي باقاعدي ٿي چڪي. ان ڪان بعد پنهنجي شفيق استاد جي اجازت سان حيدرآباد جي نزديڪ ٽنڊي مير نور محمد خان ۾ جدا مدرسو کولي عربي علم جي تعليم ڏيندا رهيا. ٢-٣ سال اتي رهي پوري سندن والد جي حڪم موجب کين پنهنجي وطن ۾ اچڻو پيو ۽ اتـي

به نهايت همت سان مدرسو کولي عربي علم جي تعليم ڏيڻ لڳا ۽ سنڌ جي مختلف اطرافن مان ڪيترا پرديسي مسافر طالب به سندن درس علم ۾ اچي داخل ٿيا . قضا سان سندن والد ماجد جلد ئي وفات ڪئي ۽ ان وقت سڄي ڪٽنب ۾ فقط پاڻ ئي رهيا هئا .

ڪين پنهنجي والد جي ملڪيت متروڪه ورثي طور ملي جا فروخت ڪري سڀ پئسا پاڻ سان ڪٺي حج جي ارادي سان ربيع‌الاول ١٣٠٩ھ ۾ حجاز شريف روانا ٿيا . اتي پورو هڪ سال رهي حضرت مولانا عبدالحق صاحب بن شيخ شاه محمد بن شيخ يار محمد مهاجر اله آبادي جي خدمت ۾ رهي، علم حديث جو مطالعو ڪيائون ۽ اوليات احاديث جا پڙهي ڪائنن حديث ۽ اصول حديث ۽ ٻين علمن جي اجازت حاصل ڪيائون . اهي اجـازت ناما اجـا تائين سندن ڪتبخانه ۾ موجود آهن . باقي بچيل پئسن مان عربي ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو مڪي مڪرم مان خريد ڪري پاڻ سان ڪٺي اچي پنهنجي وطن ۾ پهتا . اتي دستور موجب وري به تعليم جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويا .

علم فقه سان سندن شغف حد کان زياده هوندو هو . سندن اها شهرت سنڌ جي اطرافن ۾ زياده کان زياده ٿي وئي هئي ، تنهن ڪري روزانه وٽن مختلف اطرافن کان شرعي سوال ايندا هئا ، ۽ پـاڻ انهن جا جواب لکي سائلن کي موڪليندا هئا . اهو سلسلو تـا دم حيات جاري رهيو ان وچ ۾ پاڻ هڪ وڏي :

١) فتاوي محمدي : عربي ۽ فارسي ۾ ٻن ضخيم جلدن ۾ تيار ڪري ورتائون. ۽ هڪ فتاوي سنڌي زبان ۾ پنهنجي فرزند اڪبر جي نالي سان

٢) فتاوي احمدي : نالي به گڏ ڪيائون .

پاڻ ڏينهن جو جيڪڏهن مدرسي جي تعليم ۾ مشغول هوندا هئا ته رات جو تحرير نويسي ۽ مطالعہ ڪتب جو شغل جاري هوندو هون . سندن سموري زندگي متوڪلاڻہ حالت ۾ گذري . پاڻ پهرين حضرت مولانا ميان ولي محمد صاحب ملاڪاتياريءَ کان بيعت ورتي هئائون ، انهن جي وفات کان پوءِ وري دوباره حضرت خواجه حاجي عبدالرحمان صاحب مجددي فاروقي کان بيعت حاصل ڪيائون .

سندن تصنيفات ۾ مٿين فتاوائن کان سواءِ ڪتاب :

٣) شرح احاديث ، ۽

٤) مسائل اربعين سنڌي، بہ ڪار آمد آهن . ٻيا ننڍا ننڍا رسالا ته گهڻا سندن تصنيف ٿيل آهن جن مان ڪن جا نالا هي آهن :

٥) حقوق الزوجين ،

٦) المسائل الخمسة في دفع توهمات الشيعة ،

٧) تمام العناية ترجمه بداية الهداية ،

٨) حل الترڪيب منطق ،

٩) دووايو عربي و سنڌي ،

١٠) ڪشف الجان سنڌي ،

١١) خلاصة الاصول عربي ،

١٢) عشرين مسائل فارسي وغيره وغيره . ۽

١) مرحوم خليفو مولوي جان محمد بدينوي ،

٢) مرحوم مولوي عبدالرحمان صاحب سمه قرنائي ،

٣) هاڻ نون جا موجوده مولوي صاحب ،

٤) مولوي قاضي ميان معين الدين صاحب ،

٥) خليفو مولوي حاجي محمد صاحب ۽ سندن ٢ فرزند ،

٦) مولوي ميان احمد صاحب ،

٧) مولوي ميان عبدالله صاحب ، سندن فيض مان مستفيض

ٿيل آهن جن کي پاڻ من اوله الي آخره نصاب عربي پڙهائي پنهنجي هٿن مبارڪن سان دستاربندي ڪرائي هئائون .

سندن هم عصر علمائن ۾ برگزيده بزرگ حضرت مرحوم مولانا شاه اسدالله صاحب ٽکڙائي ۽ مرحوم مولانا مولوي حاجي حافظ لعل محمد صاحب متعلوي ۽ مرحوم مغفور خليفو مولوي حاجي عبداللطيف صاحب حيدرآبادي ڪين وقت بوقت فقه جي تحريرن ۽ بحث مباحثن ۾ داد ڏيندا هئا .

سندن مدرسو هن وقت به بحمده تعاليٰ سندن ٻن فرزندن هرهڪ مولانا مولوي احمد صاحب ۽ مولانا مولوي عبدالله صاحب جي اهتمام ۽ انتظام هيٺ بخوبي هلي رهيو آهي . سندن ڪتبخاني ۾ قريباً ٦٠٠ جلد هرهڪ فن ۾ مختلف مصنفن جا موجود آهن .

آخرڪار بحڪم 'ڪل نفس ذائقةالموت' ماه ذوالقعده ١٣٣٥ھ جي آخري هفتي ۾ فالج جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيا ، سندن اها بيماري ڇهن مهينن تائين هلي ۽ پاڻ مورخه ٤ ماه ربيع الاخر ١٣٣٦ھ روز جمعه سحور جي وقت هن دار بي بقا مان انتقال فرمايائون . إنا لله و إنا اليه راجعون .

سندن وفات تي ، وقت جي علمائن ۽ شاعرن چند قطعات تاريخ تصنيف ڪري موڪليا هئا جن مان هت فقط هڪڙو قطعو تاريخ مؤلفه حضرت علامه سيد اسدالله صاحب ٽکڙائي عليه الرحمة جو (جو سندن مزار تي به منقوش آهي ) لکيو وڃي ٿو :

**تاريخ وفات حسرت آيات حضرت قبله مولانا الحاج محمد طاب الله ثراه وجعل الجنته مثواه**

**از رشحه قلم مرحوم مولانا الحاج شاه اسدالله صاحب ٽکرائي المتخلص به فدا**

جناب مولوی حاجی محمد محمدت مظهر

مه برج مکارم مطلع الانوار علامه

رهندو هو، وٽانس ڪيترائي وڏا وڏا عالم فيض ياب ٿي ويا :

١) مولوي ڪريم داد نوڙهي تعلقو قمبر

٢) مولوي غلام محمد ڏگهه تعلقو قمبر

٣) مولوي عبدالله رتوديرو

٤) مولوي محمد حسن صاحب سجاده نشين درگاه ڪنٻار (بلوچستان) وغيره. اهي سڀ مشهور ماڻهو سندس شاگردن ۾ منسلڪ آهن.

هي بزرگ پرمي جي مدرسي واري زماني ۾ بلوچستان جي امير اسدالله خان رئيساڻي جي استدعا تي محرم واري جاگير ۾ قاضي مقرر ٿيو، مگر بلوچستان جي انهيءَ ٽڪري جي سخت گرمي ۽ پاڻيءَ جي قلت سبان ٻن سالن کان پوءِ اهو عهدو ڇڏي سنڌ ۾ واپس آيو. ڳڙهي ياسين جي امير الله بخش خان بارڪزئي جي طلب تي خانن جي مسجد ۽ عيدگاه جو متولي ٿيو ۽ مدرسو قائم ڪري درس تدريس جو اتي ئي شغل جاري رکيائون.

هي بزرگ ادبي علمن ۽ فقه ۾ وڏو ماهر هو. فتوي نويسيءَ جو پورو محاورو هوس، پنهنجن همعصرن مان مخدوم حاجي حسن الله صاحب پاٽائي سان هندستان جي دارالحرب يا دارالاسلام هجڻ تي وڏا تحريري منظرا ٿي گذريا، يعني ته مولانا محمد هاشم جو رايو هو ته هندستان دارالاسلام آهي پر مخدوم صاحب ان جي خلاف هو.

شب خيز ۽ زاهد، عابد ۽ متقي هڪ ئي هو. ڳڙهي ياسين ۾ ئي درس تدريس ۽ فتويٰ نويسيءَ جو شغل جاري رکندي ١٣٢٢ هه ۾ وفات فرمائي ويا[١] سندن وفات جون تاريخون وقت جي عالمن

١- مولانا صاحب جو تولد سال ١٢٥٩هه ۾ ٿيو ۽ وفات ١٩- شعبان ١٣٢٢هه ۾ ٿي. سندن بيعت مولانا ميان تاج محمد ڪنٻارڪان ٿي. مولانا جا شاگرد هي آهن:

عربي ۽ فارسي ۾ لکيون آهن جن مان سيد احمد شامي جي چيل عربي تاريخ هن فقري مان نڪري ٿي - معدل الرضوان - ٻئي هڪ هندي
١٣٢٢ھ

١) مولانا گل حسن سجاده نشين ڪنڀار
٢) مولانا مولوي عبدالله رتائي ( هنن جو شاگرد مولانا خادم حسين ۾ پيا بزرگ ٿيا ) .
٣) مولانا مولوي ڪريمداد ٽيڙهيءَ وارو
٤) مولانا غلام عمر ڏگهه وارو
٥) مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسيني ( مولانا جو فرزند )
٦) مولانا تاج محمد بلوچستاني
٧) مولانا جمال الدين صحبت پوري
٨) مولانا حافظ نور محمد صاحب ياسيني قاري
٩) مولانا فقير محمد صاحب
١٠) مولانا ڪمال الدين سيوائي
١١) مخدوم غلام مصطفيٰ صاحب سجاده نشين محمد پور شريف
١٢) مولوي عنايت الله آڪرو
١٣) مولانا گل محمد صاحب واره وارو
١٤) مولانا پير محمد صاحب واره وارو

پنهنجي پاڻ بزرگن ٽي فرزند ڇڏيا :
١) مولانا حاجي محمد صالح صاحب
٢) مولانا محمد قاسم صاحب
٣) مولانا محمد ابراهيم صاحب ( هن بزرگ جي راقم ( حسام الدين ) سان ڏاڍي محبت هئي ۽ پاڻ هميشه خط فارسيءَ ۾ لکندا هئا . ڪيترا خط منظوم لکيائون ) . حضرت علامه محمد هاشم جي وفات تي حضرت احمد شامي صاحب ( راقم حسام الدين جي مرشد ) هيٺيون قطعو تصنيف فرمايو :

| | |
|---|---|
| اسفا لقد العالم الرباني | صدرالعلوم و مفخر الاعيان |
| الكامل المفضال زبدة عصره | شيخ الكرام و ربة العرفان |
| امنى محمد هاشم من قربدا | ضيفا من الاضياف للرحمان |
| بشراه قد فاز السعادة بالرضا | تاريخه في - معدل الرضوان |

١٣٢٢ھ

تخلص شاعر جي فارسيءَ ۾ تاريخ چيل آهي جنهن جو پويون مصرعو مقبري جي مٿي واري سر تي هيٺين ريت لکيل آهي:

جست هندی چو سال رحلت او گفت هاتف : شد اندرون بهشت

۱۳۲۲ھ

سندس پويان سندس صالح مولانا محمد قاسم مدرسي کي قائم رکندو ۽ فتويٰ جو ڪم جاري رکندو آيو ، جنهن جو ذڪر پنهنجي جاء تي ايندو . ۱

# ۱۱۷- نصيرالدين نوشهرائي

نصيرالدين ولد مخدوم عبدالحي ولد مخدوم شهاب الدين نقشبندي. هي خاندان انصاري مشهور آهي ، مگر ڏسجي ٿو ته اصل ۾ عرب نه پر سنڌي نو مسلم بزرگ آهن . اگرچه هي خاندان اصل ۾ نقشبندي طريقي تي بيعت ۽ تلقين ڪندو هو، پر مخدوم عبدالحي، جهوڪ جي مشهور فقير فضل الله قلندر جو مريد ٿي رهيو ۽ وحدت وجود جي مسئلي جي دعوت ڏيڻ لڳو . نصيرالدين سندس فرزند انهيءَ مسلڪ جو سنڌ ۾ وڏو مبلغ ٿي گذريو آهي . هو نقشبندي لحاظ ڪري

---

☜ مولانا فارسيءَ ۾ شعر به چوندا هئا . ڪن بزرگن جي وفات جون تاريخون پڻ تصنيف ڪيون اٿائون . سندن تصنيفون ضايع ٿي ويون آهن . هيٺيان رسالا ملن ٿا :

۱) رسالہ نذر بابت
۲) حاشيہ و ترڪيب مائة عامل
۳) حاشيہ هداية النحو
۴) حاشيہ بديع الميزان
۵) حاشيہ ايسا غوجي
۶) حاشيہ صرف بهائي

۱- ڏسو صفحو ۲۸۳

اهل سنت جماعت جا پائبند ۽ پيرو هئا جيئن نصيرالدين جي مجموعہ 'ديوان' ۾ هڪ فارسي نظم نظر مان گذري جنهن ۾ فقير صاحب ٽن يارن سڳورن جي کُلي دل سان تعريف ۽ ساراه ڪئي آهي، مگر پويان سمورا فقير سندس اولاد سميت شيعہ مذهب اختيار ڪري چڪا ۽ اها تصوف واري صحيح شيءِ هن خاندان مان هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي .

نصيرالدين فقير جي شاعريءَ مان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ فارسي ۽ عربيءَ جو وڏو ڄاڻو هو خط ڏاڍا خوشخط لکندو هو. سندس والد جي وفات کان پوءِ فقير خير محمد جسڪاڻي ۽ عثمان فقير سانگي سندن خدمت ۾ رهي هن نوجوان کي 'همہ اوست' جي مسئلي تي تربيت ڏيڻ لڳا ۽ انهيءَ فقير جي زماني ۾ نوشهرائي فقيرن جي جماعت ۾ ڀنگ نوشيءَ جو رواج بہ ٿيڻ لڳو ورنہ اڳ، سندس وڏا شريعت جا پائبند ۽ نقشبندي طريقي جا مرشد هئا .

شاه نصيرالدين جي 'همہ اوست' جي نعري يا ويدانت فلاسفي جي مسئلي ڪري ڪيترا هندو بہ اچي مريد ٿيا ۽ هندو مسلم ايڪتا جو هن جي مريدن ۾ ڏاڍو دلچسپ نظارو پيدا ٿيو مگر ، اهو اڳتي هلي لادينيءَ ۾ بدلجي ويو ۽ مريدن ۾ شيعي مذهب جي پکڙجڻ کان پوءِ هندو الڳ ٿيندا ويا . شاه نصيرالدين جي مريدن جي جماعت لاڙڪاڻي ۾ گهڻي انداز ۾ موجود هئي جتي پاڻ بہ ڪافي وقت اچي گذاريندو هو .

هن صاحب ، پنهنجن فقيرن سان گڏجي ، قندار ، بلوچستان ، اجمير ۽ سرهند شريف تائين سفر ڪيو . پوئون هڪ سفر بمبئي ڏانهن بہ ڪيائين، جنهن کان پوءِ نوشهره فيروز ۾ رهي پنهنجي زندگي جو وقت گذاريندي ١٣١٨هہ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو، شاه نصير، سندي، اردو ۽ فارسي جو شاعر هو. سندس سندي ڪلام

سندس سنڌي ڪلام به تمام گهٽو ۽ اڪيچار آهي مگر پوئين وقت ۾ شعر و شاعري کان بلڪل خاموش ٿي ويو ، ليڪن انهيءَ خاموشي ۽ چپ جي زماني ۾ به ڪڏهن ڪڏهن ڪٽي ڪو ڪلام فرمائيند هو، مگر وحدت جي انهيءَ بحر ۾ ، سڪوت ۾ رهي رياست خيرپور جي اگهڙن جي ڳوٺ ۾ وفات ڪري ويو . قادر بخش بيدل سندس تاريخ وفات هيٺين ريت چئي آهي :

| | |
|---|---|
| اين چه دوری ، که در زمان رفته | عارف کامل از جهـــان رفته |
| یوسف مصر جان عزیز وجود | جانـــب ملـــک جـــاودان رفته |
| گشت روپوش زین تجلی گاه | به نهان خانه بـی نشان رفته |
| نور حق مدتـــی به پستی مانـد | بـــاز بـــر اوج لا مکان رفته |
| سال وصلش خرد بجست سروش | گفت : طائر بــه آشیان رفته |

١٢٦٩هـ

## ١١٨- يوسف نانڪ

هي وجودي فقير اصل لاڙڪاڻي طرف ڪنهن ڳوٺ جو رهاڪو ٿيو وڃي ٿو مگر سندس پوئين زندگي خيرپور رياست ۾ رهندي نظر مان گذري ٿي . فقير صاحب درازن جي مشهور شطاري بزرگ حافظ عبدالوهاب عرف سچل فقير جو مريد هو ۽ مرشد جي صحبت جي سانگي پوءِ سندس بازي ۾ ئي رهي پيو. هو اگرچه دنيا جو تارڪ هو پر هن هڪ دفعو شادي ڪئي ، جنهن مان هڪ نياڻي ٿيس جنهن جو نڪاح مرشد جي پاڻيٽي فقير قبول محمد صاحب سجاده نشين درازن واري سان ڪري ڇڏيائين. فقير قبول محمد کي انهيءَ بي بي مان هڪ فرزند به ڄائـو ، مگر اهو ٢٠ ورهن ڄمار ۾ نوجوان ٿي وفات ڪري ويو .

سچل فقير جو زمانـو ٽالپرن جو پوهون زمانو هو ، يعني ميرن

سهراب خان ۽ ان کان پوءِ مير علي مراد خان جو زمانو هو . يوسف فقير پنهي ميرن سان ملاقاتون ڪيون ۽ مير علي مراد ته خصوصي طرح سندس معتقد هوندو هو . سندس صوفيانه توحيدي شعر رياست جي رئيساڻي سرائڪي زبان ۾ ۽ ڪجهه نج سنڌي ۾ آهي . هن جي هندي ڪلام جو نمونو هيٺين ريت آهي :

گم هوڪے ديکهه نظارا ، آپ سارا ! محبوب کي صورت مين،
رکهه خيال هڪ هڪ دم دا ، دم دم وچ خوف ختم دا
دم کر تون جسم وسارا ! آخر گذارا !!

## ١١٩- مولوي محمد صديق سيتائي

معقول ۽ منقول جو وڏو ماهر عالم ۽ مناظر متڪلم ۽ فقيه هو . هن وڏي ڄمار ۾ مخدوم حاجي حسن الله صاحب پاٽائيءَ وٽان علومن جي تحصيل ڪئي ۽ پنهنجي خداداد قابليت ۽ ذهانت سان وڏي شهرت حاصل ڪئي . علم طب ۾ مهارت سبب وقت جا خواص ۽ عام ماڻهو وٽس رجوع ڪندا رهندا هئا . سيتا ۾ مدرسو قائم ڪري درس تدريس جو شغل جاري رکيائين جنهن ڪري سوين ماڻهو وٽانئس علمي فضيلت جي دستاربندي ڪري فارغ ٿي ويا، جيئن ته :

١) مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ،
٢) مولوي عبدالعزيز ملڪاڻي ،
٣) مولوي عبدالرزاق بوبڪائي ،
۴) مولوي عبدالله سيتائي ،
۵) مولوي رحمت الله سيتائي ،
٦) مولوي عبدالقيوم بختيارپوري ،
٧) مولوي عبدالرحيم بختيارپوري .

## ١٢٠- مولوي عبدالوهاب بوبڪائي

مخدوم عبدالڪريم متعلوي مهاجر (مڪي) جي وڏن شاگردن مان هڪ بزرگ فقيه عالم هو. مولوي عبدالرئوف بختيارپوري روايت ڪئي آهي ته : مان ڪيس تمام بڍاپڻ جي حالت ۾ ڏٺو جو قريباً ٩٠ سالن جي چمار کي پهتل هـو . هئڻ ۾ رعشو يا ڏڪڻي پيدا ٿيل هوس . جوانيءَ جي زماني ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جا پنهنجي دستخط سان نقل ورتا هئائين . جيئن ته :

١) تحفةالاخيار حاشية الدرالمختار مصنف ابراهيم‌الحلي ۽
٢) بياض مخدوم محمد هاشم
٣) بياض مخدوم عبدالحليم سيوستاني .

سندس قلم جا لکيل ( ڪتاب ) مولوي عبدالرؤف ڏٺا هئا . ازان سواءِ بيا به ڪيترا ناياب ڪتاب سندس ڪتبخاني ۾ موجود هئا . هو صالح بانهو ١٣٢٠هه ۾ هن دنيا جـي مطالعہ ڪان اکيون بند ڪري پٺي جهان ڏانهن روانو ٿي ويو .

## ١٢١- مولوي عبدالله ڏيپڻائي

عالم ، صالح ، قوم پنهور ، مخدوم حاجي عبدالڪريم متعلوي، مهاجر مڪيءَ جو شاگرد هو . فقه جي جزئيات ۽ مسئلن ۾ محققانہ راءِ جو مالڪ هو . هن گهڻن سالن تائين پنهنجي ڳوٺ ڏيپٽ ۾ تدرس جو شغل جاري رکيو ۽ ڪيترن طالب علمن وثانئس فائدو پرايو .

پنهنجي همعصر عالمن مان جيئن ته مولانا عبدالحي لکنوي ( متوفي ١٣٠٤هه ) ۽ حڪيم خلفو غلام محي‌الدين سيوستاني سان بعض مسئلن تي تحريري مناظرا رهيس ۽ تحقيق ۾ هن بزرگ جو پهلو هميشہ غالب رهندو هو . هو فقهي تحقيق ۾ ڪيترن اڳوڻن فقيهن

سان اختلاف رکندي پنهنجي راءِ کي دليلن سان ثابت ڪندو هو .

مون کي مولوي عبدالرؤف صاحب بختيارپوري روايت ڪئي تہ: مولوي عبدالله صاحب جو ،

١) زڪواة جي نصاب تي هڪ مستقل رسالو آهي ، جنهن ۾ مولانا عبدالحي لکنوي تي رد ڪيو اٿس ، مولانا عبدالحي جي تحقيق آهي تہ موجوده انگريزي رپين جي حساب سان ٤٠ رپين تي زڪواة لاڳو ٿئي ٿي ، پر مولوي صاحب پوري تحقيق سان درم ۽ دينار جي جوَن ۽ ماسن سان تور ڪري ثابت ڪيو آهي تہ زڪواة جي نصاب لاءِ چالو انگريزي رپيا ٥٣ هجڻ گهرجن . هن بزرگ جو هڪ ٻيو

٢) رسالو بہ آهي ، جنهن ۾ مثل ماڻهن جي نمازن ۽ روزن جي ڪيرائڻ لاءِ قرآن شريف بخشائڻ‌ءِ جي عدم جواز جي فتوي ڏني اٿس .

هن بزرگ کي ڪتابن گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو جنهنڪري هڪ وڏو ڪتبخانو جمع ڪيو هئائين ، جنهن مان طالب علم ۽ عالم فائدو وٺندا رهندا هئا .

تصوف ۾ نقشبندي طريقي موجب خواجہ حاجي عبدالرحمان مجددي سرهندي (متوفي ١٣١٥) جو بيعت هو . آخر چمار ۾ اکين کان نابينا ٿي رهيو ۽ انهيءَ حالت ۾ قريباً ١٣٢٥هـ ۾ وفات فرماياائين.

## ١٢٢- پير حاجي هدايتہ‌الله راشدي ڏلاهي

حاجي هدايتہ‌الله ولد پير محمد ياسين 'جاٺين وارو' ولد پير سيد محمد راشد 'روضي ڌڻي' رحمتہ‌الله عليهم . قادري طريقي جو صوفي ۽

جماعت جو مالڪ وچين درجي جو عالم بزرگ هو .

هن کي ڪتابن جمع ڪرڻ جو بيحد شوق هو . فقه حنفي جي پائبنديءَ سان گڏ اهلِ حديث مذهب ڏانهن ميلان رهندو هوس ، جنهن ڪري سندس ڪتبخاني ۾ اهل حديث مذهب جا ڪتاب تمام گهڻا جمع ٿيل هئا، جي پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجن فرزندن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيا هئائين .

هن بزرگ جي پنهنجي والد کان بيعت ٿيل هئي ۽ پنهنجي والد جي

١) ملفوظات : قديم سنڌي زبان ۾ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ جمع ڪيائين .

٢) رسالو ' ارشادالطالبين ' : مصنف پير محمد ياسين رحه جو تحت لفظي سنڌي ترجمو ڪري ڇپارايائين جنهن ۾ قادري راشدي طريقي جي سلوڪ جا سبق ڏنل آهن .

هن صاحب جا بمبئي ، ڪراچيءَ ۽ بلوچستان ۾ گهڻا مريد ۽ معتقد هئا جن جي دعوتن تي به سفر ڪندو هو . تمام گهڻي اولاد ڇڏي ٦٣ سالن جي ڄمار ۾ ١٨- ربيع الثاني شام جو ٤ بجي ١٣٣٢ هه جو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ ڳلاءِ شريف ۾ پنهنجي والد جي مقبري ۾ دفن ٿيو .

## ١٢٣- مولوي محمد قاسم ڳڙهي ياسيني

ولد مولانا محمد هاشم صاحب ١٦- ربيع الاخر ١٣٠٥ھ ( آچر ڏينهن صبح جو ) ١ ۾ تولد ٿيو . ڇهن سالن جي ڄمار کي پهچڻ بعد

١- تاريخ تولد آهي :

پرسش از ميلاد او کردم، سروش صدر اعظم ، گفت : تاريخش بگو

پنهنجي والد جي تربيت ۾ قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ لڳو . بيحد ذهين ۽ هوشيار هو . فارسيءَ جي تعليم واري زماني ۾ شاگردن سان بيت بازيءَ جي شغل لاءِ هن ذهين ٻارڙي کي هزارين فارسيءَ جا شعر برسر زبان ياد هوندا هئا . ان کان پوءِ عربيءَ جا سمورا ڪتاب پنهنجي والد علام وٽ پڙهي پورا ڪيائين ، سواءِ هڪ ٻن ڪتابن جي .

اهي پويان ٻه چار ڪتاب مثلا – ميبذي – توضيح معه حاشيه تلويح – ۽ مطول شرح تلخيص المفتاح – مولانا عبدالغفور همايوني صاحب وٽ پورا ڪري علمي فضيلت جي دستاربندي ڪيائين . فارسي زبان جي هزارن شعرن ياد هجڻ ڪري هن ۾ فارسي شاعريءَ جو طالب علميءَ جي زماني ۾ ئي ڪامل استعداد پيدا ٿيل هو . سنڌس ڪيترا قصيدا ۽ تاريخي قطعات ۽ غـزل موجود آهن ، جن تي ، پختہ گو فارسي شاعرن کي به ۽ داد ڏيڻو پوندو هو .

طالب علميءَ واريءَ ننڍي ڄمار ۾ هڪ فارسي غزل چيو اٿن، جنهن مان نموني طور هت ٿورو انتخاب ڏنو وڃي ٿو .

روی دلدار من ست این ، یا منور اختری
یا یدبیضاست این ، یا ماهتاب انـوری
حلقه لعل ست ، یا قند است ، یا آب حیات
یا لب یار است ، یا حوضی ز آب کوثری
چهچهای طوطی ست این ، یا نوائی عندلیب
یا کلام قاسم ست ، انـدر ثنائی سروری

مولانا محمد قاسم صاحب سان فقير جامع اوراق جون ملاقاتيون رهيون ۽ وٽانس طالب علميءَ جي زماني ۾ – ڪافية النحو – جا ٿورا سبق به پڙهيا ويا هئا . هو علم ادب ۽ عربيت جو ايڏو وڏو عالم هو جو ، سنڌ ۾ سنڌس همعصر علمائن مان ڪو به انهيءَ مرتبي جو ڪونه هو . مهمان نواز ، گفتگو جو فصيح ۽ ڪنهن کان ٿورو ٻوڙو ۽ فقه

# ١٢٤- مولوي عبدالله بنگلديرائي

ولد آخوند عبدالرحيم . هي بزرگ ڳوٺ باگڙجي تعلقو سکر ۾ (١٢٧٧ع هجري) ۾ تولد ٿيو . اجا هوش ئي ڪونه سنڀاليو هئائين ته سندس والد وفات ڪري ويو . ڇهن ورهن جي ڄمار ۾ سندس والد سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪيس . اسڪول جي پنجن درجن پوري ڪرڻ کان پوءِ عربي ۽ فارسي علومن جي تحصيل لاءِ ڳوٺ مان نڪتو ، پوئتان فقط هڪ والده ۽ هڪ ڀاءُ هوس جن کي پنهنجي والد آخوند عبدالرحيم جي معتقدن جي سرپرستيءَ ۾ حوالي ڪري پاڻ

---

☜ آهن . (ڏسو مهراڻ ١٩٥٧ ص ١٢١) سيد عبدالفتاح رضواني (مدينه منوره)، مولوي نذير حسين جلالي ۽ ماستر جان محمد محسن ۽ مولانا قمرالدين مهيسر مرثيا چيا آهن .

مولانا مرحوم جا شاگرد هي بزرگ آهن .

١) مولانا محمد ابراهيم ياسيني مرحوم (سنڌي ڀاءُ)
٢) مولانا صاحبداد سلطان ڪوٽي مرحوم (تولد ١٣١٦) ڏسو مهراڻ شخصيات نمبر ٢٣٧)
٣) مولانا احمد صاحب قاضي مڪران
٤) مولانا ولي محمد قاضي منڙي بلوچستان
٥) مولوي عبدالحليم
٦) مولوي غلام صديق خجڪي
٧) مولانا محمد حسين مرحوم (مدير الحنيف جيڪب آباد) (هي بزرگ ڀاءُ حسام الدين جو عزيز دوست هو ۽ سندس وفات تائين سنگت هلي)
٨) مولانا محمد حسن صاحب مڪراني
٩) مولانا صاحبڏنو قرني
١٠) مولانا عبدالرحمان بلوچستاني ثم جيڪب آبادي
١١) مولانا حافظ محمد هاشم اسحاق ديرائي
١٢) مولانا فضل محمد واعظ ياسيني
١٣) مولانا محمد عابد استوي
١٤) مولانا نصيرالدين شهداد ڪوٽي

پيش ڪيائين ته : هندن کي پاءُ سڏڻ ناجائز آهي ، مگر جڏهن پڌايو ويو ته : قرآن شريف ۾ پيغمبرن پنهنجي ڪافر قوم کي ڀاءُ ڪري سڏيو آهي پوءِ هندن کي ڀاءُ سڏڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي ؟ ته پوءِ خاموش ٿيو ۽ قبول ڪيائين .

مولوي عبدالله صاحب حضرت مولانا تاج محمود صاحب امروٽ واري جو ڏاڍو معتقد هوندو هو ۽ وٽن هميشه ايندو ويندو هو ۽ بزرگ امروٽ وارا به سندن ڏاڍي عزت ۽ احترام ڪندا هئا .

هو تمام سادي طبيعت جو ۽ عابد شب زنده دار ۽ روزانه بلا ناغي قرآن شريف جي هڪ منزل تلاوت ڪندڙ هو . چون ٿا ته هڪ دفعو سندن ننڍڙو نينگر سخت بيمار هو . هن ٻاهر قرآن شريف جي تلاوت ويٺي ڪئي، گهران ماڻهو آيس ته : ٻارڙي جي سڪرات واري حالت آهي، اوهان اندر اچو! پر منزل پوري ڪرڻ کان اڳ نه ويو ۽ ٻارڙو فوت ٿي ويو. هن بزرگ ٢ دفعا حج به پڙهيو . طب جي علم جو وڏو ماهر هو .

١) تحفةالحڪماء : نالي طب اڪبر فارسي جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇپارايائين جو هن وقت سنڌ جي طبيبن لاءِ ڏاڍو ڪارآمد ثابت ٿيو آهي .

جامع اوراق فقير (وفائي) جي ، مولوي صاحب موصوف سان هڪ به دفعا ملاقات ٿي هئي ، قد جو درميانو ، حنائي ڏاڙهي ۽ سفيد گول پڳ سر تي هوندي هوس. قديم وضع جو ساده مزاج عالم سڳورو هو .

٢٠- اپريل ١٩٣٢ع (١٣٥٠هه) جي پنهنجي ڳوٺ بنگلديري ۾ وفات ڪري هميشه واري جهان ۾ وڃي آرامي ٿيو . ١

---

١- مولانا مرحوم هي جلد ٢ فيبروري ١٩٤٦ع (مطابق ١٦- ربيع الاول ١٣٦٥ هه) جو لکڻ شروع ڪري پنجن مهينن ۾ لکي ختم ڪيو. راقم الحروف ٣ جولاءِ ١٩٧٢ع کان تصحيح ۽ ڇپائي شروع ڪئي . تصحيح جو ڪم ٥- نومبر ١٩٧٢ع جي ١٢ بجي رات جو ڪراچي ۾ ختم ٿيو . آخري صفحن جو پروف ٢٢-٥-١٩٧٣ ع جو ڪراچي ۽ اسلام آباد جي وچ ۾ هوائي جهاز ۾ ڏنو ويو .

# فهرست رجال


**ا**

ابراهيم ، (پيغمبر) ۴۷

ابراهيم ابو اسحاق بن نصر بن عسڪر سنڌي موصلي، ۲۳

ابراهيم بڪري، سيد - ۴۶

ابراهيم ٺٽوي، امين الملڪ ، قاضي ۱۳۴، ۱۳۷، ۱۳۸

ابراهيم الجلي ، ۲۸۱

ابراهيم حسيني بڪري ، ۳۰

ابراهيم خليل نقشبندي ٺٽوي، ۱۷۳، ۱۷۵، ۱۹۵، ۲۰۵، ۲۲۳، ۲۴۴-

ابراهيم، درس- ۱۳۲ (ح)

ابراهيم سنڌي (شطاري) قاري (مرغ لاهوتي) ۷۵، ۷۶، ۷۷

ابراهيم نقشبندي ٺٽوي ، مخدوم- ۱۷۳، ۱۷۵، ۲۴۴

ابراهيم شاه عادل - ۱۰۳ (ح)

ابراهيم بن عمر سنڌي ، شيخ ۴۲، ۷۴

ابراهيم ڪلهوڙو - ۷۴، ۸۵

ابراهيم ولهاري، ميان- ۲۰۳

ابن ابي ذئب - ۲۱

ابن بطوطه ، سياح - ۳۱، ۳۲

ابن حجر، عسقلاني ۱۳، ۱۷، ۲۰

ابن خلڪان - ۲۵

ابن عدي - ۱۵

ابن عربي ، شيخ (محي الدين ابن عربي) ۱۵۹، ۱۶۳

ابن مبارڪ - ۱۷

ابن منصور - ۱۴

ابن نديم (صاحب فهرست) ۱۶

ابن مهدي - ۱۴

ابن نمير - ۲۰

ابو اسحاق فرازي - ۱۸

ابو برده بن ابي موسيٰ - ۱۳

ابو تراب محمد رشدالله شاه جهنڊي وارو پير سيد - ۱۶۳

ابو جزء نصر بن ظريف - ۱۵

ابو حاتم محمد بن ادريس رازي - ۲۱

ابوالحسن بڪري شافعي ، شيخ ۸۲

ابو حفص عمر شيخ شهاب الدين ڪبير ۱۵۷ (ح)

ابوالقاسم سلطان نتوي (ابوالقاسم - سيد) - ١٥٢، ١٥٣، ١٥٥ (ح)
ابوالقاسم شکر اللهي نتوي، سيد (ابوالقاسم سراج الدين محمد) ١٢٦، ١٢٧، ١٢٨
ابوالقاسم نقشبندي، ميان - مخدوم - ١٥٩
ابوالقاسم (نورالحق درس نتوي، مخدوم (ابوالقاسم) ١٣٢، ١٣٣
ابوالقاسم، شيخ - ٥٢
ابوالقاسم، نمکين، هروي بکري، مير (ابوالقاسم، مير، سيد) - ٩٥، ١٣٨، ١٤٣، ١٤٤، ١٤٥، ١٤٦، ١٤٧
ابو محمد مخزمي - ٢٠
ابو محمد سالم سنڌي، حافظ ١٩
ابو محمد صالح شاه راڻيپوري، سيد - ٢٣٣
ابو معشر نجيح (ابي معشر) بن عبدالرحمان سنڌي، ١٢، ١٣، ١٤، ١٥، ١٦، ٢١
ابوالمکارم شهود، مير نتوي (ابوالمکارم) مير، سيد - ١٢٨، ١٣٤، ١٣٦، ١٥٦
ابو مويد علي، سيد - ٢٧
ابو نصر (فتح) بن عبدالله سنڌي (شيخ) ٢٧، ٢٨
ابو نصر هاشم بن قاسم - ١٤
ابو نعيم ١٣، ١٤
ابو نعيم فضل بن وکيل ٢٠
ابو يعلي موصلي ٢١
ابي طالب ١٣٨
احمد بابا بکري (نعلبند) ٦٨
احمد ابن تيميه، شيخ الاسلام ١٦١
احمد نتوي، ملا ١١٢، ١١٣
احمد، ملا - ١١٣، ١١٤
احمد شامي، سيد - ٢٧٥
احمد کتابي نتوي، مخدوم (احمد، مخدوم) - ١١٥
احمد قاضي - ٦٨ (ح)
احمد بن حسن بن عبدالجبار صوفي ٢٠

احمد بن حنبل ، امام- ۱۴،
۱۵، ۱۶، ۱۸، ۲۰
احمد بن ابي خثيمه ۲۰
احمد ، معروف به ملا جيون
۲۱۹
احمد خان ڪوروائي ۲۲۱
احمد سرهندي، شيخ، مجدد
الف ثاني ۱۲۳ ، ۱۳۲ ،
۲۵۲، ۲۵۶
احمد سيوستاني ، مخدوم -
(۲۵۵) الف
احمد شاه ابدالي - ۲۵۶
احمد بن علي - ۲۰
احمد متعلوي، قاضي، ۲۲۴-
احمد ملا ساوڻي هالائي ،
آخوند - ۱۸۱
احمد، مولانا، قاضي مڪران
۲۸۶
احمد ، مولوي ۱۷۷، ۱۷۹،
۲۷۱، ۲۷۴
احمد هالائي ( بن مخدوم
اسحاق ) آخوند ۷۱، ۷۲،
۲۶۸
احمد ملوي ، حاجي - ۱۷۷
۱۸۹، ۲۴۶ (ح) ۲۴۷
اخنف بن قيس - ۱۷ (ح)
ادراڪي بيگ لاري- بيگ لار
۱۵۳، ۱۵۵
ادريس سمو ، مخدوم - ۶۳
ارشاد حسين رامپوري، مولانا
-۲۲۹
ارغون، بيگ لار ۱۵۲
اسحاق بڪري - ملا (اسحاق
ملا ) ۱۴۲، ۱۴۳
اسحاق، سنڌي قلندر پاناڻي،
۱۰۶
اسحاق صديقي، مخدوم- ۱۳۲
اسماعيل بن ابي حارث - ۳۰
اسماعيل جرجاني، سيد - ۱۸
(ح)
اسماعيل سومرو ، مخدوم -
۷۰، ۷۱
اسماعيل سيد (بن علي اصغر
۲۷
اسماعيل متعلوي ، حافظ -
۲۰۱
اسماعيل ، مخدوم - ۷۱
اسماعيل صفوي - ۱۱۲
اسماعيل ثاني- ۱۱۲
اسماعيل بن علي - ۲۰

اسماعیل ، سید - ١٩١
اسمعي ( سيمي نيشاپوري ) ١٣٦
اسدالله بكري ( ساقي ) مير ( اسدالله ساقي ) ١١٧، ١١٨، ١١٨ (ح) ١١٩
اسد بيگ، ميرزا- ٢٣٨ (ح)
اسدالله حسيني ، علامه سيد ٢٢٨
اسدالله خان رئيساني - رئيس بلوچستان - ٢٧٤
اسدالله شاه ٽكڙائي (تخلص فدا) ١٧٧، ١٧٩، ٢٤٤، ٢٤٧، ٢٧٢
اسدالله شاه ( ثاني ) ڊاڪٽر ٢٤٥ (ح)
اسدالله - ٢٢١
اسدالله ، مير - ١١٨
اعتمادالدوله آصف جاه (خان) (ابوالحسن) نواب ٤٤، ٤٦
اعجاز علي، ميرزا- ٢٣٧(ح)
اطهر مبارڪپوري ١٣ (ح)
اڪبر (اعظم) بادشاه ٥٥، ٥٨، ٨٤، ٩٢، ٩٩، ١١٣، ١٤٢، ١٤٣، ١٤٤، ١٥٠
الله بخش ٩١ (ح)
الله بخش نماڻو ، مولوي ، ١٩٦-
الله بخش خان بارڪزئي امير ٢٧٤
الياس لنگراچه - شيخ ١٠٧
الياس محمد ، ميان ١٠٩
امام اعظم - ١٩
امام بخش ، مولوي ١٩٢
امام حسين رضه ١٦٠
امام الدين ، فرزند خواجه نظام الدين ٢٦١
امام الدين راشدي ، حاجي (امام الدين، سيد) ١٧٦، ١٧٧
امام الدين مجددي شڪارپوري (امام الدين، خواجه)-١٦٨، ١٦٩، ١٧٠، ١٧١، ١٧٢، ١٧٣
امام علي انصاري، قاضي ٢٤٦
امام علي صفي پوري، شيخ - ٢٢١-
امام علي ميناڻي لڪنوي ، مولوي ٢٢١
امام غزالي (ابو حامد محمد حجة الاسلام) ٤٥، ٩١، ١٠٣، ٥٩ (ح)

امام قشيري - ١٠٤
امام محمد نقي ٢٧
امتياز خان (رک : حسين اصفهاني خالص) ١
امانت علي مرادآبادي ، مولوي ٢٢٠
امروٽي ، مولانا - ٢٣٠ (ح)
(ڏسو : تاج محمد امروٽي)
امانت علي، سيد، نيشاپوري ٢٢٠
امان علي قائم ڪنجوي ٢٢١
امان الله جوڌپوري، حضرت ٢٢٠
اُم موسيٰ (بنت منصور) ١٢، ١٦
انور شاه خان ٢٢١
انوشتگين خوارزم شاه - ١١٨ (ح)
امير شاه قاسم خان - ١٥٢، ١٥٥ (ح)
امير علي، مولوي ٢١٩، ٢٢٠
امير علي خان ، مير - ١٨١
امير علي شاه فتح پوري - حڪيم ١٤٧
امير علي شاه ، مولوي (ولد شيخ محمد بخش) ٢١٩
امير علي ، مير - ٩٠
امير محمد آچي - ١٥٦
امين الدين خان حسين نتوي، مير - ١٢٨، ١٣٠
امين محمد ثاني هالائي ، مخدوم - ١٧٤
اورنگزيب عالمگير - ١٢٧، ١٢٩، ١٣٠، ١٣١، ١٤٠، ١٥٨، ٢١٩
اوزاعي ، امام - ١٩

## ب

آدم شاه ڪلهوڙو سکري ، ميان (آدم شاه - ميان) ١٠٧، ١٠٨، ١٠٩
آدم ، مخدوم - ١٣٢
آصف خان - ١١٣
آعظم خان ، نواب (عزيز ڪوڪ) ٨٥

## ٻ

بابا ابو محمد لولوي ٦٨(ح)
بابا خوجو - ٦٨ (ح)
بابا ڪمال مالوي- ٦٨ (ح)
بابا سماح - ٦٨ (ح)

بابا دهوڪل - ٦٨ (ح)
بابا لڏو - ٦٨ (ح)
بابا توڪل - ٦٨ (ح)
بابا علي شير - ٦٨ (ح)
بابا محمود - ٦٨ (ح)
بابا ڪرامت - ٦٨ (ح)
بابا لاڏو - ٦٨
باقر، مير، قورچي، صفاهاني ٥ (ح)
باقي بالله ، خواجه - ٥٠
بايزيد بسطامي ، شيخ - ٢١، ٢٢، ٢٣
بحرالعلوم، مولانا - ١٩٢
بحرالعلوم علامه عبدالڪريم- ٢٠٣ (ح)
بخاري - امام - ١٥
بدرالدين ( محمد ) سيد ، بڪري - ٢٥، ٢٦، ٢٧
بدر عالم ، سيد - ٣٠ (ح)
بدرالدين خان دراني ، آغا ٢٦١ (ح)
برهان‌الدين بڪري، مولانا - ٢٨
برني ، ضياء الـدين (صاحب تاريخ فيروز شاهي) - ٢٨
برهان‌الدين احمد صديقي بلگرامي ٢٢١
بصرالدين سيوستاني، مولوي، مخدوم- ١٨٨ (٢٥٥ الف)
بلاڪمين - مستر (بلاخمين) - ١٤٧
بلال باغباني، مخدوم(بلاول، مخـدوم ) بـن مخـدوم حسن - ٤٢، ٤٣، ٦٣، ٦٥، ٦٦
بندگي، شاه، حضرت - ٣٠ (ح)
بولق ، قاضي - ٥٢
بو علي ، مير ، مشهدي -
بوريا نشين - ٥ (ح)
بهادر شاه بن مظفر شاه (شهيد) ١٠٠
بهادر خان - ٥٦
بهاري ، خواجه - ٥٣
بهاء الدين - ١٧٣
بهاء الدين زڪريا ملتاني ، خواجه - ٦ ، ٧، ٢٨، ٢٩، ٩٣، ١٠٨

بهاءالـدين بهائي ( مولوي
بهـائي ) ١٨٢، ١٨٣،
١٨٤
بهاول شطاري، شيخ ٣٦،٣٧
بيرم خان، خانخانان- ٩٦(ح)
بي بي جـمـال خـاتـون
سيوستاني - ٦٢
بي بي پائي ( چامل مائي )
(بي‌بي بادي) ٥٢؛٥٢ (ح)
بي بي خاتون - ٢٦
بي بي فاطمه ٤٨
بي بي نور ١٩١
پ
پائي خان ( ملا گدا علي )
١٤١ ( ح )
پل ڪلهوڙو - ١٠٧
پاڳارو - پير ٨
پنو خان ولد رحمت خان
٢١٩
پنهون ١٠٩
پير بخش شاه راشدي، مولانا
سيد - ٢٤٦ (ح)
پير بخش، قاضي- ٢٦٣ (ح)
پير بخش محمد پوري،
مخدوم - ٢٢٣
پير جهنڊو - ٢١١
پير شاه ، پير - ١٨٦
پير محمد مولانا، واره وارو-
٢٧٥
پير محمد - ٧
ت
تاج‌الدين احمد صديقي
بلگرامي ٢٢١
تاج‌العاشقين (رڪ - محمد
سنڌي، تاج‌العاشقين) ٥٦
تاج محمد بلوچستاني، مولانا
٢٧٥
تاج محمد لکنوي - ٢٢١
تاج محمد خان افغان- ١٦٩
تاج محمد ڪتبار ، مولانا
ميان - ٢٧٤ (ح)
تاج محمود امروٽي ، مولانا
سيد (امروٽي، مولانا) ١٧٩،
٢٢٦،٢٣٠(ح)٢٤٦،٢٨٨
تراب علي شاه مرحوم ، شاه
سائين - ٢٦٢ (ح) ٢٦٣
ترمذي ، امام - ١٥
تفاول خان، وزير اعظم ٤١

تقي الدين، شاه قطب الاقطاب
(تقي الدين، سيد) ۳۰ (ح)
تيمور ، امير - (بن احمد شاه
ابدالي) ۲۵۶
ٺل (کلهوڙو) ۱۰۷
ڄام نظام الدين سمو - ۶۳
جان محمد ، پير - ۱۱، ۱۲
جان بابا ، مرزا - ۱۴۹
جان محمد بدينوي ، خليفو
مولوي ۲۷۱
جان محمد ، قاضي ، روهڙي
وارو - ۲۶۲ (ح)
جان محمد محسن ، ماستر
۲۸۶ (ح)
جاني بيگ ، مرزا - ۱۴۱،
۱۵۰، ۱۵۲، ۱۵۳، ۲۲۳
جعفر ، سيد - ۱۹۱
جعفر طيار ، حضرت - ۱۳۸
جعفر هادي - ۷
جعفر طيالسي - ۲۰
جعفر ، سيد ثاني ۲۷
جعفر بوبڪائي، مخدوم - ۱۰۲
جعفر غنذر - ۲۰
جعفر علي شاه راشدي مرحوم
پير - ۲۵۱ (ح)
جلال الدين سيوطي ، محدث
۱۱۷
جلال خان ۱۰۴
جلال الدين ٺٽوي، مولانا ۳۷
جلال متو برهانپوري- ۴۶
جلال الدين ٺٽوي، مولانا ۳۶
جلال الدين حسين ڪبير بن
علي بخاري، اُچي - ۲۵،
۲۶، ۲۷
جلال الدين ڪبير (ڏسو
جلال الدين حسين ڪبير
بخاري)
جمال الدين ، مولانا ، سيد -
۱۹۲، ۱۹۳
جمال الدين صحبت پوري ،
مولانا ۲۷۵
جمال الدين احمد جوزقاني -
۶۵
جمال محمد گجراتي ، ميان
۹۴
جمالي دهلوي - ۶۶ (ح)
جمال خاتون، بي بي - ۵۳
جنيد بغدادي ، سيد الطائفه -
۶۵
جهانگير (سلطان - بادشاه)
۴۴، ۴۵، ۵۰، ۵۱، ۹۵، ۹۶،
۹۷، ۱۱۲، ۱۴۴، ۱۵۴،
۱۵۵، ۲۲۳ (ح)

جي - ايم سيد - ۲۳۷ (ح)
جڳتياڻي - ۲۳۷ (ح)
چارلس نيپئر ، سر ۱۹۴
چندا ٻائي ماه لقا ۹۹ (ح)
حاتم بن ليث ۲۰
حاتم علي ، سيد - ۱۹۱
حاجي، خليفو - ۷۷ (ح)
حاجي، متعلوي، سيد - ۴۳
حامد تکڙائي ، حافظ ۲۲۸
حامد شاه راشدي - ۱۸۶
حامد قادري ، ملا ۵۳
حبيب الرحمان خان نواب
صدر يار جنگ ۹۹
حبيب الله سيوستاني ۳۶
حر بن عبدالله قريشي - ۷۹
حرمت خان افغان جهان آبادي
۲۱۹
حزب الله شاه راشدي ،
مسکين (تخت ڌڻي)
پير سيد - ۱۸۲، ۱۸۳،
۱۸۴-۱۸۵-۱۸۶-۲۲۶
حسام الدين راشدي - ۵۳(ح)
۸۷، ۹۵، ۹۹ (ح) ۱۴۱،
۱۴۲، ۱۴۳(ح) ۱۵۱(ح)
۱۵۲ (ح) ۱۷۷ (ح)
۱۸۶، ۲۱۰ (ح) ۲۱۵
(ح) ۲۲۳ (ح) ۲۲۹ (ح)
۲۳۸ (ح) ۲۴۹ (ح) ۲۵۱
(ح) ۲۶۱(ح) ۲۱۶، ۲۷۵
۲۸۶
حسام الدين ، مرزا ۵۰، ۵۱
حسن الله ، حاجي، مخدوم ،
۱۱
حسن شيرازي، مولانا ۱۰۴
حسن قادري ، مخدوم ۱۵۷
حسن قاري پاٽائي ، مخدوم
۱۵۶، ۱۵۷ (ح)
حسن حيدرآبادي ، مولوي
۲۴۵
